# باب پهريون
# منصوبي جو بيان

## 1.1 منصوبي جو پسمنظر:

سنڌ اِريگيشن اينڊ ڊرينيج اٿارٽي (SIDA) عالمي بئنڪ کان مالي مدد لاءِ سنڌ ــ پاڻي ۽ زراعت جي هيئتي تبديليءَ جو منصوبو (سواٽ) تيار ڪيو آهي. هن منصوبي جا ڇهه حصا آهن. (پهريون) ڀاڱو هڪ ــ پاڻيءَ جي وسيلن جي انتظام ۽ آبپاشي پاليسي ۽ ادارتي سڌارن لاءِ مدد، (ٻيو) ڀاڱو ٻيو ــ پاڻيءَ جي خدمتن جي رسد (ٽيون) ڀاڱو ٽيون ــ زرعي مراعتون ۽ سيڙپڪاريون ۽ (چوٿون) ڀاڱو چوٿون ــ منصوبي جي رابطيڪاريءَ ۽ نگرانيءَ ۾ مدد، (پنجون) ڀاڱو پنجون ــ زرعي ۽ خوراڪ جي هنگامي بحالي، ۽(ڇهون): هنگامي حالتن ۾ متبادل موٽ. سنڌ ــ پاڻي ۽ زراعت جي هيئتي تبديليءَ جي منصوبي جو مرڪزي مقصد وسيع آبپاشي نظام ۽ سڌريل پاڻيءَ جي وسيلن جي انتظام وسيلي سنڌ صوبي جي زراعت ۽ ڳوٺاڻي معيشت کي هٿي ڏيڻ آهي. منصوبو، زراعت، پاڻيءَ جي انتظام ۽ پاڻيءَ جي خدمتن جي رسد وسيلي هيئتي تبديلي کي پيدا ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت جي مجموعي هدفن کي پڻ سگهارو ڪري ٿو.

اڪرم واهه جي تجويزيل بحالي هڪ ذيلي رٿا آهي ۽ اها ٽيڪنيڪي ڊزائن جي اسريل سطح تي آهي. اڪرم واهه مجموعي طور سنڌ ــ پاڻي ۽ زراعت جي هيئتي تبديليءَ جي منصوبي جي مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ تمام ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته اهو هاٽوڪي بند ۽ ڪنڪريٽ جي فرشبنديءَ کي هٽائڻ ۽ پاڻيءَ جي ڊانچي کي تبديل ڪرڻ وسيلي مک واهه جي آبپاشيءَ جي وهڪري (3714 ڪيوسڪ) کي بحال ڪندو. اڪرم واهه مک واهه جي ڪل ڊيگهه 116 ڪلوميٽر يعني 382 آر ڊيون آهي. تجويزيل بحاليءَ جي ڪمن ۾ هيٺيان ڪم شامل آهن:

(1) مک واهه جي هاٽوڪي ناڪاره فرشبندي ختم ڪرڻ ۽ اها هٽائڻ ــ 59 ڪلوميٽر؛ (ٻُڙي آر ڊيءَ کان آر ڊي 194 تائين)
(2) حيدرآباد سٽيءَ جي رهائشي رٿا وچان حفاظتي پٽ جي تعمير ــ11 ڪلوميٽر؛ (ٻڙي آر ڊيءَ کان آر ڊي 36 تائين)
(3) زميني واهه جو ٻيهر اپياس ڪرائڻ ــ 48 ڪلوميٽر؛ (آر ڊي 36 کان آر ڊي 194 تائين)
(4) بندن کي اوچو ۽ مضبوط ڪرڻ ــ 58 ڪلوميٽر؛ (آر ڊي 194 کان پڇڙيءَ تائين)
(5) مک واهه جي سار سنڀال لاءِ معائني جي ٿاپ ( آئي پي) ۽ عام ٿاپ (اين آئي پي) جي بحالي
(6) 4 ڪراس ريگيوليٽرن ــ 13 هيڊ ريگيوليٽرن ۽ اضافي پاڻي جي نيڪال واري ڍانچي ( Escape structure) جي تبديلي
(7) 8 زيرين پاڻيءَ جي گذرگاهن (Syphons)، هاٽوڪن منظور ٿيل پمپ گهرن، پلين، سنگمي حصن (Abutments)، گهاٽن ۽ هاٽوڪين ڪنڪريٽ جي مورين (Prestressed concrete bridges) جي "ڊيڪ سليبن" (Deck Slabs) جي حفاظتي ڪم جي تبديلي
(8) بدين ۾ انسپيڪشن بنگلي ۽ آفيس جي مرمت ۽ ٽنڊي محمد خان ۾ انجنيئر جي آفيس ۽ عملي جي ڪوارٽرن جي اڏاوت

---

*آر ڊي مک واهه جي فاصلي جي ايڪو آهي. هڪ آر ڊي 1000 فٽن تي ٻڌل هوندي آهي.

اڪرم واهه مک واهه جي ڪل ڊيگهه 116 ڪلوميٽر آهي. اهو حيدرآباد، ٽنڊي محمد خان ۽ بدين جي ضلعن مان وهي ٿو. اڪرم واهه کي 315 فٽ ويڪري سرڪاري زمين جي حد (ROW) آهي. انهيءَ ۾ مرڪزي راهداري (Corridor of Impact) آهي، جيڪا تعمير ۽ عملي وهنواري مقصدن واسطي منصوبي لاءِ گهربل آهي (ڏسو تصوير 1.1). سرڪاري زمين جي حدَ، مک واهه جي ٻنهي بندن جي

ٻاهرئين چيڙي کان ٻاهر حڪومت جي ملڪيت واري هڪ زميني پٽي آهي، جڏهن ته مرڪزي راهداري سرڪاري زمين جي حد اندر آهي، پر سرڪاري زمين جي حد جي ڪل ديگهه 160 کان 230 فٽن تائين ڦرندي گهرندي رهي ٿي. اڪرم واهه جي مُهڙين 40 آر ڊين وٽ هڪ گڏيل ڪنارو آهي، جنهن جي پرسان آبپاشي مک واهه آهي، انهيءَ ڪري اُتي سرڪاري زمين جي حد گهٽ يعني 275 فٽ آهي. آر ڊِي 40 کان، اڪرم واهه جي سرڪاري زمين جي حد جي ويڪر 315 فٽ آهي. سرڪاري زمين جي حد ۾ مرڪزي راهداريءَ بابت وڌيڪ تفصيل باب 5 ۾ پيش ڪيا ويا آهن (ڏسو تصوير: 5.1).
عالمي بئنڪ سان گڏريل ڪم ڪار جي حصي جي طور، سيڊا عالمي بئنڪ جي آبادڪاريءَ واري پاليسيءَ جي عملي رٿا 4.12 جي پوئواريءَ ۾ آڪٽوبر 2020ع ۾ اڪرم واهه ذيلي منصوبي لاءِ ابتدائي ٻيهر آبادڪاريءَ جي عملي رٿا تيار ڪئي هئي. ٻيهر آبادڪاريءَ جي عملي رٿا (آر اي پي) ڀٽاندر، لڳ ڀڳ 19.47 ايڪڙ خانگي زمين تعمير ۽/يا هاٽوڪن پاٽيءَ جي ڍانچن کي تبديل ڪرڻ لاءِ گهربل هئي. ان کان سواءِ ٻيهر آبادڪاريءَ جي عملي رٿا جي رپورٽ مرڪزي راهداريءَ ۾ سرڪاري زمين تي 788 غير رسمي گهراڻن/ قبضو رکندڙن جي نشاندهي ڪئي. انهن غير رسمي آبادڪارن/قبضي رکندڙن جي سجاڻپ ٻيهر آبادڪاريءَ جي عملي رٿا ۾ ڪئي ويندي. جن کي اڳتي هلي، منصوبي جي ڪمن لاءِ ٻيهر آباد ڪرڻ جي گهرج پوندي. بهرحال، هيءَ ابتدائي ٻيهر آبادڪاريءَ جي عملي رٿا ڪڏهن به پيش نه ڪئي ويئي هئي يا نه ئي بئنڪ پاران منظور/تصديق ڪيل هئي. اڪرم واهه مک واهه جي بحالي سنڌ ـ پاٽي ۾ زراعت جي هيئتي تبديليءَ جي منصوبي جي نتيجن جي مجموعي مقصدن لاءِ اهم آهي.

## 1.2 تناظرـ سنڌ صوبي ۾ اڪرم واهه ۾ حددخلين کي هٽائڻ جي مهم (AED)

اڪرم واهه ذيلي منصوبي جي تياريءَ دوران، سنڌ هاءِ ڪورٽ 18 جنوري (2021ع) تي آبپاشي کاتي کي حڪم ڏنو هو ته سڄي صوبي ۾ 30 جون 2021ع تائين آبپاشي کاتي جي زمينن تي قبضا ختم ڪرايا وڃن. اڪرم واهه جي 116هن ڪلوميٽرن مان شروعاتي 100 ڪلوميٽرن کي لاڳاپيل ضلعي انتظاميه پاران آبپاشي کاتي، ايريا واٽر بورڊ (AWBs) ۽ صوبائي قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي آپريشن وسيلي حددخلين کي صاف ڪيو ويو ۽ اها مهم اپريل 2021ع ۾ سيڊا جي سنڌ ڪابينا کي ڏنل درخواست طفيل روڪي ويئي.
آبپاشي کاتي حددخلين کي هٽائڻ واري مهم جي مخالفت ڪئي، ڇاڪاڻ ته ان جو سخت اثر واهن جي ڪناري تي رهندڙ غريب ماڻهن تي پوي ها. آبپاشي کاتي دليل ڏنو ته ان کي عملي وهنواري مقصدن لاءِ مڪمل سرڪاري زمين جي حد جي گهرج نه هئي. 20 مارچ 2021ع تي، سنڌ ڪابينا آبپاشي کاتي کي هدايت ڪئي ته اهو پنهنجين گهرجن جو جائزو وٺي ۽ پنهنجين انتظامي گهرجن جي بنياد تي انهن گهراڻن جي فهرست جوڙي جيڪي حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثر ٿيا هئا. تنهن کان پوءِ حڪومت اضافي زمينن کي ٻي گهر ڪيل گهراڻن کي ٻيهر آباد ڪرڻ لاءِ استعمال ڪندي. آبپاشي کاتي جي درخواست جي بنياد تي، سنڌ هاءِ ڪورٽ اپريل 2021ع ۾ حددخلين کي هٽائڻ جي مهم جي ڪارروائين کي روڪڻ جي منظوري ڏني ته جيئن سنڌ حڪومت کي ان عمل کي بهتر طريقي سان منظم ڪرڻ ۽ سماجي اثرن کي گهٽائڻ جو موقعو ملي سگهي، خاص طور تن غريبن تي پوندڙ اثرن کي، جن وٽ رهڻ جي متبادل جڳهه نه هئي.
سنڌ ڪابينا جي حڪم جي تعميل ۾، آبپاشي کاتي ۽ سنڌ جي روينيو کاتي پوءِ سنڌ ڪابينا لاءِ هڪ رپورٽ تيار ڪئي، جنهن ۾ آبپاشي کاتي جي گهرجن لاءِ ضروري علائقن جي نشاندهي ڪئي، (هڪ) اهي علائقا آبپاشي کاتي جي انتظام لاءِ ضروري آهن، ("عملي سرڪاري زمين جي حد" ۽ مرڪزي راهداري) ۽ (ٻيو) اهي علائقا، جيڪي سرڪاري زمين جي حد کان ٻاهر ۽/يا سرڪاري زمين جي حد اندر هجن، پر مرڪزي راهداريءَ کان ٻاهر هجن، جيڪي حددخلين کي هٽائڻ واري مهم ۾ متاثر گهراڻن جي ٻيهر آبادڪاريءَ لاءِ دستياب ٿي سگهندا هجن. رپورٽ ۾ اشارو ڪيو ويو ته حددخلين کي هٽائڻ واري مهم جي

متاثر ماڻهن جي پيهر آبادڪاريءَ لاءِ ڪافي زمين موجود هئي (ڏسو: باب 5). سنڌ حڪومت هن وقت سڄي صوبي ۾ حددخلين ڪي هٽائڻ واري مهم جي متاثر گهراڻن جي منظم آبادڪاريءَ لاءِ پاليسيون ۽ طريقيڪار تيار ڪري رهي آهي.

### 1.3 حددخلين ڪي هٽائڻ واري مهم جو بار (Legacy) ۽ اصلاحي علمي رٿا (CAP)

عالمي بئنڪ انهيءَ جبري دربدريءَ واري ڪارروائيءَ تي خدشن جو اظهار ڪيو، جيڪا منصوبي جي تياريءَ دوران اڪرم واهه مک واهه جي سرڪاري زمين جي حد ۾ ڪئي ويئي. تنهن ڪان پوءِ عالمي بئنڪ سيڊا کي مناسب اصلاحي اپائن ۽ نقصانن جي اثر کي گهٽائڻ واري عملن وسيلي منصوبي کان اڳ واقع ٿيل دربدرين جي مسئلي کي ڏسڻ لاءِ چيو. عالمي بئنڪ، حتمي طرح، سيڊا کي منصوبي کان اڳ اهڙن بارن کي مناسب سڌاري وارن اپائن ۽ نقصانن جي اثر کي گهٽائڻ واري عملن وسيلي حل ڪرڻ لاءِ چيو. سيڊا، سنتت ئي، هڪ مقامي ماهر کي مقرر ڪيو ۽ حددخلين کان پوءِ واري صورتحال جو هڪ اپياس عمل ۾ آندو ۽ ڊسمبر 2021ع ۾ حددخلين کي هٽائڻ جي مهم واري بار وارن اڏاوتي مسئلن کي سڌارڻ لاءِ اصلاحي عملي رٿا (CAP) جو مسودو جمع ڪرايو. عالمي بئنڪ عملي رٿا جو جائزو ورتو ۽ پوءِ سيڊا کي صلاح ڏني ته انهيءَ عملي رٿا کي تازي حالت ۾ آڻڻ لاءِ (عالمي بئنڪ جي) او پي – 4.12 جي مقصدن ۽ گهرجن جي تعميل ڪئي وڃي. عالمي بئنڪ جي صلاحڪاري نوٽ، –

(هڪ) وڏيڪ جامع سرزميني سروي ۽ بنيادي ڊيٽا، جنهن ۾ حددخلين کي هٽائڻ واري مهم کان اڳ ۽ پوءِ واري صورتحال ۽ پاڱي پائيوارن (Stakeholders) کان انٽرويو ۽ زمين جي حاصلات جي ڪري متاثر ٿيندڙ گهراڻا شامل هجن،

(ٻه) ڊٺل اثاثن ۽ متبادل اگهن تي معاوضي لاءِ هر ايڪي (Unit) واسطي جائز اگهه،

(ٽي) روڪ معاوضي کان سواءِ آبادڪاريءَ جي اختيار/ مدد ۽ خدمتن لاءِ بندوبستَ،

(چار) زندگي گذارڻ ۽ گذر سفر جي بهتر سمجهه – حددخلين کي هٽائڻ واري مهم کان اڳ ۽ پوءِ،

(پنج) ڪمزور ۽ خاص ڌيان لائق درجيبندين لاءِ ڊگهي مدي واري گذر سفر جي وسيلن جي سکيا ۽ غير نقدي امدادي پروگرامَ،

(ڇهه) ٽين ڌر جي آڊٽ يا آزاد نگرانيءَ سميت اصلاحي عملي رٿا کي لاڳو ڪرڻ لاءِ ادارتي بندوبستن تي ڇنڊڇاڻ جي باري ۾ پڇيو.

### 1.4 حددخلين ڪي هٽائڻ واري مهم جي اثرن کي گهٽائڻ، گذر سفر جي وسيلن، زمين ونڊ ۽ پاڻمرادي آبادڪاريءَ تي سهمتي پاليسيءَ جا اپاءَ

حالتن کي نظر ۾ رکندي، حددخلين ڪي هٽائڻ واري مهم جي اثرن کي گهٽائڻ، حددخلين ڪي هٽائڻ جي مهم کان متاثر گذر سفر جي وسيلن جي بحاليءَ ۽ منصوبي جي ڪري متاثر ماڻهن ۽ زمين ونڊ ۽ پاڻمرادي آبادڪاريءَ جي سلسلي ۾ سيڊا هيٺين اصولن ۽ مشقن کي اختيار ڪرڻ تي راضپو ڏيکاريو:

(هڪ) منصوبي لاءِ سماجي ۽ پيهر آبادڪاريءَ جي انتظام جو منصوبو، رڳو مرڪزي راهداريءَ (COI) اندر اڳواٽ ويڙل ماڻهن تائين پنهنجين ڪوششن کي محدود ڪرڻ بدران اڪرم واهه (315 فٽ اصلي سرڪاري زمين) تي ويڙل سيني گهراڻن کي پنهنجي دائري ۾ آڻيندو. ان ۾ پوري 116 ڪلوميٽرن واري ڊيگهه شامل آهي ۽ اُهي به شامل آهن، جيڪي امڪاني طور منصوبي جي تعمير دوران زمين ونڊ جي ڪري متاثر ٿيندا.

(ڇهه) غير رسمي آبادڪارن ۾ پين، جيڪي مستقل ۾ زمين وٺڻ جي ڪري متاثر ٿيڻا آهن، لاءِ  پيهر آبادڪاري ۽/يا اڏاوت ۾ بهتريءَ تي محور رکندڙ مناسب احتياط (Due Diligence) ۾ اضافي معائنا (Surveys).
(ٽي) پيهر آبادڪاريءَ جي اختيارن (Options)، مدد ۽ خدمتن تي لاڳاپيل پاڳي پائيوارن سان مشاورت.
(چار) متبادل اڳهن تي زمين ۾ پين بدلن اثاثن لاءِ معاوضو ۽ متاثر گهراڻن جي پيهر آبادڪاري.
(پنج) ڳوٺاڻي گذر سفرجي وسيلن جي بحاليءَ لاءِ منصوبي جي ڪري متاثر ٿيندڙ ماڻهن لاءِ غير نقدي امداد ۽ سکيا وارو پروگرام.
(ڇهون) اصلاحي عملي رٿا جي ٽين ٽر واري نگراني، پيهر آبادڪاريءَ جو بندوبست ۽/يا اڏاوت ۾ بهتريءَ، گذر سفر جي وسيلن جا پروگرام.
(ستون) منصوبي جي حساس نوعيت جي ڪري حفاظتي نگرانيءَ جي وڌيڪ پرت طور، سماجي ۽ پيهر آبادڪاريءَ جي انتظامڪاريءَ جي منصوبي، خاص طور اصلاحي عملي رٿا جي نفاذ، لاءِ ماهرن جي پينل جو بندوبست.
مجموعي طرح، سيڊا پختو وچن ظاهر ڪري ٿي ته اها حددخلين کي هٽائڻ جي مهم جي مسئلن کي حل ڪندي ۽ سڀني متاثر ماڻهن لاءِ آئيندي ۾ پيهر آبادڪاريءَ ۽ گذر سفر جي وسيلن جا اپاءَ وٺندي. انهيءَ ۾ زمين وٺڻ (Land-take)، ۽ جسماني ۽ معاشي دربدريءَ سان لاڳاپيل خطرن ۽ اثرن وارا مسئلا به شامل آهن ته جيئن ماڻهن جي گذر سفر جا وسيلا ۽ زندگيءَ جو معيار بهتر ٿي سگهي يا گهٽ ۾ گهٽ اهي حقيقي معنائن بحال ٿي سگهن، انهيءَ حالت ۾، جيئن اهي عالمي بئنڪ جي او پي – 4.12  جي مطابقت ۾ منصوبي کان اڳ وارين سطحن تي هئا.

## 1.5 سماجي ۽ پيهر آبادڪاريءَ جي انتظامڪاريءَ جي منصوبي جو دائرو ۽ مقصد

 سيڊا ۽ عالمي بئنڪ جي وچ ۾ وڌيڪ مباحثن، نتيجي طور، هن سماجي ۽ پيهر آبادڪاريءَ جي انتظامڪاريءَ جي منصوبي کي پنهنجائڻ جو رستو ڪڍيو. هن رٿا ۾ مربوط منصوبا شامل آهن، جيئن:
(الف) منفي سماجي اثرن کي منهن ڏيڻ، جنهن ۾ منصوبي کان اڳ حددخلين کي هٽائڻ جي مهم جي بار جي ڪري دربدري/ پيهر آبادڪاري شامل آهي. (ب) حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثر ماڻهن لاءِ اڏاوت ۾ بهتريءَ ۽ گذر سفر جي وسيلن ۾ واڌارو، ۽ (ڀ) منصوبي جي تعمير دوران زمين وٺڻ ۽ منصوبي سان لاڳاپيل پاڻمرادي پيهر آبادڪاريءَ جي پين گهرجن ڏانهن ورتاءُ.
اصلاحي عملي رٿا هيٺ، اصلاحي اپاءَ به پاسائون طريقيڪار آهي. پهريون: بحاليءَ جا اپاءَ، جن ۾ بدلن اڏاوتن جو معاوضو، ۽ ٻيو، حدخلين کي هٽائڻ جي مهم جي متاثر خاندانن لاءِ انهن معيارن مطابق اڏاوت ۾ بهتري، جيڪي سنڌ حڪومت جي گهٽ لاڳت سان گهرن جي اڏاوت واري مقرر معيار سان ٺهڪندڙ آهن. منصوبي هيٺ زمين وٺڻ ۽ پي هنڌ لڏپلاڻ جي ناڪاري اثرن کي منهن ڏيڻ لاءِ، اڳيئن اپاءَ ۾ چاٽايل ماڻهن کي او پي – 4.12 هيٺ، گهربل اپائن ۾ حقداريءَ جي گهرج هوندي. جڏهن ته مهڙيان ازالي جا حقدار نه هوندا، پر سيڊا لاڳاپيل آباديءَ کي وڌيڪ ترقياتي مدد ڏيندي ته جيئن سندن زندگيءَ جون حالتون بهتر ٿي سگهن. اميد اها آهي ته اصلاحي عملي رٿا هيٺ، روڪ معاوضو حددخلين کي هٽائڻ جي مهم جي متاثر ماڻهن کي انهيءَ لائق بڻائيندو، جو اُهي پنهنجي زندگيءَ جي حالتن کي، انهيءَ طرح بحال ڪري سگهن، جيئن اهي حددخلين کي هٽائڻ واري مهم کان اڳ هئا. اڏاوتن ۾ بهتريءَ ۽ گذر سفر جي وسيلن ۾ واڌارو، ٻئي هنڌ لڏپلاڻ کان پوءِ وارين حالتن ۾ ماڻهن جي سماجي ۽ معاشي حيثيت کي وڌيڪ سڌاريندو.
اهڙيءَ طرح، مربوط سماجي ۽ پيهر آبادڪاريءَ جي انتظامڪاريءَ جو منصوبو، بار (Legacy) جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ **اصلاحي عملي رٿا**، سرڪاري زمين جي حد کان ٻاهر ۽ باقي سورهن ڪلوميٽرن ۾ سرڪاري زمين جي حد اندر، جيڪا حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثر ٿيل ناهي، زمين وٺڻ لاءِ **پيهر آبادڪاريءَ جي عملي رٿا** ۽ سڀني متاثر ماڻهن واسطي **گذر سفر جي وسيلن ۾ واڌاري ۽ مدد** تي ٻڌل

آهي ته جيئن منصوبي کان پوءِ واري وقت ۾ ماڻهو، نتيجي ۾، پاڻپرا هجن. سيڊا کي، اڪرم واهه جو تجربو، سٺو مثال ۽ اهڙو خاڪو فراهم ڪندو ته ڪيئن غير رسمي/ حددخلين کي هٽائڻ جي مهم جي متاثر ماڻهن جي ٻيهر آبادڪاري منظم شڪل وٺندي. اڪرم واهه جي ذيلي منصوبي کي لاڳو ڪرڻ دوران، عالمي بئنڪ جي رضامنديءَ سان، گهربل نموني، هڪ متحرڪ عمل طور، هن سماجي ۽ ٻيهر آبادڪاريءَ جي انتظامڪاريءَ جي منصوبي تي نظرثاني ڪئي ويندي، انهيءَ کي تازيءَ حالت ۾ آندو ويندو ۽ انهيءَ ۾ واڌارا سڌارا آندا ويندا.

## 1.6 سماجي ۽ ٻيهر آبادڪاريءَ جي انتظامڪاريءَ جي منصوبي جو خاڪو

سماجي ۽ ٻيهر آبادڪاريءَ جي انتظامڪاريءَ جو منصوبو 9 بابن تي ٻڌل آهي. هيءُ باب (باب پهريون) منصوبي جي تاريخ ۽ تناظرَ، خاص طور، حددخلين کي هٽائڻ جي مهم، ۽ سماجي ۽ ٻيهر آبادڪاريءَ جي انتظامڪاريءَ جي منصوبي جي مقصدن ۽ خاڪي کي بيان ڪري ٿو. باب: ٻيو، حددخلين کي هٽائڻ جي مهم جي ڪري واقع ٿيل دربدري، طريقيڪار، بنيادي ڳڻپ/سروي ۽ متاثر ٿيل ماڻهن جي سماجي اقتصادي بيهڪن سان لاڳاپيل "مناسب احتياط" (Due diligence) پيش ڪري ٿو. هيءُ باب سرڪاري زمين جي حد جي سورهن ڪلوميٽرن واري ڊيگهه لاءِ بنيادي ڊيٽا ۽ منصوبي جي تعمير واسطي مستقبل ۾ زمين وٺڻ جا مختصر تفصيل پڻ شامل ڪري ٿو. باب ٽيون، مختلف لاڳاپيل پاڳي پائيوارن سان رٿابنديءَ واري مرحلي ۾ مناسب احتياط جي مدي دوران منعقد ڪيل مشاورتي گڏجاڻين کي بحث هيٺ آڻي ٿو. باب چوٿون، هاڻوڪي قانوني عملي ڍانچي، رهيل کوٽن جي تجزيي، ۽ منصوبي جي حقداريءَ جي وچور (Matrix) جو جائزو شامل ڪري ٿو. باب پنجون، زمين وٺڻَ ۽ گذر سفر جي وسيلن ۽ سکيا واسطي اصلاحي عملي رٿا، ٻيهر آبادڪاريءَ جي عملي رٿا/ منصوبي جي متاثرن لاءِ تجويز ڪيل انتظامي اپائن کي پيش ڪري ٿو. باب ڇهين ۾ عملدرآمدي بندوبستن/تنظيمي ڍانچن تي بحث ڪيو ويو آهي. باب ستون شڪايتن جي تدارڪ جو طريقيڪار پيش ڪري ٿو. لاڳت ۽ بجيٽ، قدر ۽ يونٽ جي اڳهن سميت، باب اٺين ۾ پيش ڪئي وئي آهي. باب نائون سماجي ۽ ٻيهر آبادڪاريءَ جي انتظامڪاريءَ جي منصوبي لاءِ نگرانيءَ ۽ ڪٿ جي سرشتن کي پيش ڪري ٿو. هڪ آزمائشي (رٿا) جي حيثيت ۾، اڪرم واهه، سنڌ حڪومت کي مجموعي طرح غير رسمي آبادڪارن سان معاملن کي طئه ڪرڻ وارن ٻيهر آبادڪاري جي مرحلن، ۽ پوءِ پوري صوبي ۾ انهيءَ تجربي جي استعمال کان آگاهه ڪندو.

# باب ٻيو
# حددخلين کي هٽائڻ جي مهم جي بارُ، منصوبي جو اثر ۽ بنيادُ

## 2.1 تعارف

هيءُ باب مناسب احتياط، طريقيڪار ۽ اپريل 2022ع ۾ منعقد ڪيل ڳڻپن/معائنن (Surveys) جا مقصد بيان ڪري ٿو. منڍ ۾، سرڪاري زمين جي حد جي شروعاتي هڪ سئو ڪلوميٽرن واري ڊيگهه جو اثر، ۽ تنهن ڪان پوءِ متاثر گهراڻن جي سماجي اقتصادي بيهڪ جو مختصر جائزو پيش ڪيو ويو آهي. باب ۾ سرڪاري زمين جي حد جي باقي سورهن ڪلوميٽرن جي ڊيگهه ۾ زمين ونڊ جي مجموعي اثر جي ڪٽ ۽ منصوبي جي تعمير لاءِ مستقبل ۾ زمين ونڊ جو تفصيل پڻ پيش ڪيو ويو آهي. پڇاڙيءَ ۾، مجموعي جائزي جي بنياد تي بابُ، وسيع پئماني تي متاثر ماڻهن جي چئن قسمن جي نشاندهي ڪري ٿو، جيڪي معاوضي، مدد، ٻيهر آبادڪاري/اڏاوتن ۾ بهتريءَ ۽ گذر سفر جي وسيلن لاءِ اهل آهن.

## 2.2 حددخلين کي هٽائڻ جي مهم تي مناسب احتياط ـ مقصدَ ۽ طريقيڪارُ

حددخلين کي هٽائڻ جي مهم تي مناسب احتياط واري ٽيم، مقامي ماهرن، سيڊا جي مرڪزي آفيس جي عملدارن ۽ ايريا واٽر بورڊ جي سرزميني عملي تي ٻڌل هئي. اهي مرحلا (الف) اڪرم واهه منصوبي جي دستاويزن جي گهِري جائزي، (ب) لاڳاپيل پاڳي پائيوارن، حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثر ماڻهن سميت، سان مشاورت؛ (ٻ) سرزمين/فيلڊ جا دورا ۽ حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثر گهراڻن جي انٽرويوئن، (ڀ) عوامي سطح تي گڏجاڻين، ۽ (ت) حددخلين کي هٽائڻ جي مهم جي اثر بابت اضافي سروي واري ڊيٽا کي شامل ڪن ٿا. جيتوڻيڪ، حددخلين کي هٽائڻ جي مهم جو دنگ هڪ سئو ڪلوميٽر هو، پر مناسب احتياط ٽيم پورن هڪ سئو سورهن ڪلوميٽرن لاءِ سرڪاري زمين واري حد جي مڪمل اثاثن جو جائزو ورتو.
مناسب احتياط جو مقصدُ، هڪ سئو سورهَن ڪلوميٽر سرڪاري زمين جي حد ۾، قبضي جي تازي صورتحال کي طئه ڪرڻ هو. جنهن ۾ حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثرگهراڻن جي مهم کان پوءِ صورتحال، دربدريءَ ۽ ٻيهر آبادڪاريءَ، ۽ تن جي اڏاوت ۽ گذر سفر جي وسيلن تي اثر ۽ ڪي ٻيا غيرمعمولي معاملا شامل هئا. مناسب احتياط ۾ ڪتب آندل سوالنامي ۽ شناختي فهرستَ، مناسب احتياط ٽيم کي رهنمائي فراهم ڪئي. (ڏسو: ضميمو 1)
مناسب احتياط جو هڪ بنيادي مقصد اڪرم واهه جي هڪ سئو ڪلوميٽر ڊيگهه سان لڳو لڳ حددخلين کي هٽائڻ جي مهم جي حوالي کان، سمورن لاڳاپيل حقيقتن ۽ مهم مان پيدا ٿيندڙ دربدريءَ ۽ ٻيهر اڏاوت جي مسئلن کي نبيرڻ جي طريقن جي تحقيق ۽ تصديق ڪرڻ هو. سڏاري ڪوشش طور، فهرست جي ڊيٽا سڀ کان وڌيڪ متاثر گهراڻن لاءِ حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان پوءِ ٻيهر ترتيب ڏني ويئي هئي. منصوبي واري علائقي ۾، سرڪار زمين جي حد جي لڳو لڳ رهندڙ سمورا ماڻهو، رهائش، پوکي راهيءَ ۽/ يا آمدنيءَ جي ٻين ذريعن جهڙوڪ، مڪ واهه جي چيڙن وٽ ننڍي ڪاروبار (مثال طور: مانڊڻيءَ) واسطي سرڪاري زمينن تي، غير رسمي آبادڪار/ قبضا ڪندڙ آهن. حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان پوءِ، مهم جي متاثرن جو لڳ ڀڳ به پاڱي ٽيون حصو، وهڪري سرڪاري زمين جي حد ۾ يا انهيءَ ڀرسان ڪنهن جاءِ اندر دستياب علائقي ۾ ٻيهر آباد ٿِي ۽ پنهنجا گهر/رهائشون ٻيهر تعمير ڪري چڪو آهي.
هڪ سئو سورهن ڪلوميٽرن جي ڊيگهه ۾ موجود سيني حددخلين کي هٽائڻ جي مهم جي متاثر گهراڻن جي مڪمل ڳڻپَ، سندن ٻئي هنڌ لڏپلاڻ واري تازي صورتحال، ڏس پتي جي ماڳ سميت، اپريل 2022ع ۾ شروع ڪئي وئي هئي. اهڙيءَ طرح، سيني غير رسمي آبادڪارن/قبضي رکندڙن جي فهرست تيار ڪئي ويئي، جنهن ۾ متاثر گهراڻن جو تعداد، اڏاوتن جا تفصيلَ، قسمَ ۽ متاثر ٿيل علائقا (چورس فٽن ۾) شامل آهن.. حتمي فهرستَ، قانوني حيثيت کي قائم ڪرڻ ۽ ايندڙ وقت ۾ ڪنهن به قسم جي خيالي تحرڪن کان بچڻ واسطي، حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثر ماڻهن سان ونڊي ويئي. تنهن کان پوءِ، ايريا واٽر بورڊ ۽ سيڊا انهيءَ فهرست جو جائزو ورتو ۽ تنهن جي تصديق ڪئي. ماڻهن جي ڳڻپ ۽ گڏوگڏ پاڳي

پائيوارن جي گڏجاڻين/ ننڍن گروهن سان ڳالهه ٻولهه تصديق ڪئي ته منصوبي جي علائقي ۾ ڪوبه مقامي ماڻهو ناهي.

## 2.3 حددخلين کي هٽائڻ جي مهم جو اثر: تجزيو ۽ نتيجا

### 2.3.1 حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثر گهراڻن جو تعداد

حددخلين کي هٽائڻ جي مهمَ، سرڪاري زمين جي حد منجهان گهراڻن جي وڏي پئماني جي دربدريءَ کي جنم ڏنو، جيئن جدول 2.1 ۾ ظاهر ڪيو ويو آهي. ڪل 1246 گهراڻا هئا، جيڪي رهائشي ۽ تجارتي ـ ٻنهي قسمن جا هئا. اهي مهم ۾ جاين جي ڍهي پٽ پوڻ جي ڪري متاثر ٿيا. رهائشي اڏاوتن ۾ عام طور، رهائشي ڪمرا، ورانڊا، رڌڻا ۽ حاجت خانا شامل هئا. جڏهن ته تجارتي اڏاوتن ۾ عام هٽ، روڊ جي ڪناري تي هوٽل/ چانهه جا صندل ۽ اسٽور شامل هئا. ٻين متاثر ٿيل اڏاوتن ۾ چوديواريون، دروازا، ٻورن جا ڇاپرا وغيره شامل هئا، جيڪي مٿي ذڪر ڪيل تفصيلي فهرست ۾ پڻ درج ٿيل آهن. سڀ کان وڏو اثر ـ 84 سيڪڙو، رهائشي اڏاوتن وارو هو، جيڪي ڊاٺيون ويون ۽/ يا حددخلين کي هٽائڻ جي مهم جي ڪارروائن کان پوءِ رهائش جوڳيون نه رهيون.

جدول 2.1 حددخلين کي هٽائڻ واري مهم سبب ڪل متاثر ٿيل گهراڻا

| | قسم | گهراڻا/ يونٽ | متاثرن جو انگ | سيڪڙو |
|---|---|---|---|---|
| حد دخليون هٽائڻ واري مهم | رهائشي | 1050 | 6300 | 84.2 |
| | تجارتي | 89 | 534 | 7.1 |
| | ٻيون اڏاوتون | 107 | 642 | 8.5 |
| | ڪل | 1246 | 7476 | 100 |

ذريعو؛ ڊي ڊي سروي اپريل 2022ع

جدول 2.2 اثرن جي درجي جي حوالي کان تفصيل پيش ڪري ٿي. حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثر ڪل 1246 گهراڻن مان، 1139 (91 سيڪڙو) تي اثاهه اثر پيا. (يعني 30 سيڪڙي کان وڌيڪ اڏاوتن جو نقصان). ننڍن اثرن ۾ ٻيون اڏاوتون شامل هيون، جهڙوڪ چوديواري، چوپائي مال جو ڇاپرو وغيره.

**جدول 2.2 حدخلين کي هٽائڻ واري مهم سبب متاثر ٿيل ڪل گهراڻا**

| اڏاوت جو قسم | اثر جي شدت<br>30 سيڪڙي کان وڌيڪ<br>گهراڻن جو انگ | معمولي اثر<br>30 سيڪري کان گهٽ<br>گهراڻن جو انگ<br>(ٻيون اڏاوتون) | ڪل |
|---|---|---|---|
| رهائشي گهراڻا | 1050 | 97 | 1147 |
| صنعتي يونٽ/ننڍا هٽ | 89 | 10 | 99 |
| ڪل | 1139<br>(91 سيڪڙو) | 107<br>(9 سيڪڙو) | 1246<br>(100 سيڪڙو) |

ذريعو؛ ڊي ڊي سروي (اپريل 2022)

### 2.3.2 اڏاوتن جا قسم

منصوبي واري علائقي ۾، مک واهه جي حدن اندر اڏاوتن جي ورڇ هيٺين پنجن درجيبندين ۾ ڪئي ويئي آهي. اهي درجيبنديون اصلاحي عملي رٿا هيٺ روڪ معاوضي واسطي قدر جي مقصدن لاءِ خصوصي ۽ حساس آهن، اهي تصويرن ۽ مختصر وضاحت سان نمايان ڪيون ويون آهن.

(هڪ) ڪچي جهوپڙي (ڪکن پنن ۽ بانس جي لڪڙن مان ٺهيل) جيڪا آسانيءَ سان ڍاهي ۽ ٻيهر ٺاهي سگهجي ٿي، (ٻه) ڪچو گهر (مٽيءَ جي جهوپڙي، جنهن جي ڇت ڪکن پنن مان ٺهيل هجي)، ٿورو بهتر ۽ ڪچي جهوپڙيءَ کان معيار ۾ وڌيڪ آهي، (ٽي) اڌ پڪو گهرُ، سرن ۽ سيمينٽ جو ٺهيلُ، پر نامڪمل ۽/يا معيار ۾ ناقص، (چار) پڪو گهرُ (مڪمل سِرن جو ٺهيل)، (پنجون) ننڍا تجارتي دڪان/مانڊڻيون. حددخلين کي هٽائڻ جي مهم جي مرحلي ۾، پڪين يا اڌ پڪين رهائشي اڏاوتون ڍاهي پٽ ڪيون ويون. جڏهن ته ڪچين جهوپڙين کي لڏايو ويو يا اهي عارضي طور مک واهه جي ايراضيءَ ٻاهران ٻيهر اڏيون ويون.ته جيئن حددخلين کي هٽائڻ جي مهم جي ڪارروائين جي رڪجڻ کان پوءِ ٻيهر ساڳين جاين تي اڏي سگهجن. ٻيون لاڳاپيل اڏاوتون (جهڙوڪ: لوڑها، چوپائي مال جا وٿاڻ، اوطاقون) پڻ ڊاٺيون ويون. مالڪن دڪانَ ۽ مانڊڻين جو لڏو ڪٽي ويا ۽ نيٺ موٽيا ۽ هنن پنهنجا ڌنڌا ٻيهر قائم ڪيا.

### 2.3.3 قسم جي لحاظ کان اڏاوتن جو تعداد

جدول 2.3 قسم جي لحاظ کان متاثر ٿيل اڏاوتن جي تعداد جو مڪمل خلاصو مهيا ڪري ٿي. حددخلين کي هٽائڻ جي مهم دوران ڪل 3169 اڏاوتون متاثر ڪيون/ڊاٺيون ويون آهن. حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثر لڳ ڀڳ سمورن گهراڻن کي ڪيترين ئي اڏاوتن کي نقصان پهتو. گهڻي ڀاڱي، ڪاروباري/تجارتي اڏاوتون، جيڪي عارضي آهن، اهي مالڪَ پٽي کڻي ويا هئا.

**جدول نمبر 2.3 قسمن جي لحاظ کان متاثر اڏاوتن جو انگ**

| تفصيل | قسم | اڏاوتن جو انگ | گهراڻن جو انگ |
|---|---|---|---|
| رهائشي اڏاوتون | پڪيون | 194 | 63 |
| | اڌ پڪيون | 2201 | 816 |
| | ڪچيون | 278 | 171 |
| | **ڪل** | **2673** | **1050** |
| تجارتي اڏاوتون | پڪيون | 28 | 8 |
| | اڌ پڪيون | 137 | 81 |
| | ڪچيون | 1 | 1 |
| | **ننڍو ڪل** | **166** | **90** |
| ٻيون (پٽي نه کڻڻ جوڳيون جهڙوڪ مندر، چوديواريون، بنياد وغيره) | پڪيون | 16 | 7 |
| | اڌ پڪيون | 166 | 66 (15*) |
| | ڪچيون | 31 | 17 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | **ننيو ڪل** | **213** | **90** |
| ٻيون پٽي ڪٽي وڃڻ جوڳيون، جيئن ننڍا هٽ، هينڊ/ موٽر پمپ وغيره | پڪيون | 13 | 10 |
| | اڌ پڪيون | 93 | 6 |
| | ڪچيون | 1 | |
| | ننيو ڪل | 107 | 16 |
| ڪل | | 3159 | 1246 |

ذريعو؛ ڊي ڊي سروي اپريل 2022.

### 2.3.4 مدتي قسمن جي حساب سان اڏاوتن جو نقصان

حددخلين کي هٽائڻ جي مهم دوران 3159 رهائشي اڏاوتن ۽ ٻين يونٽن کي ڊاهيو ويو يا انهن کي نقصان پهچايو ويو، اهي سرڪاري زمين جي هڪ سئو ڪلوميٽرن جي حد ۾ هئا. انهن متاثرن مان 99 سيڪڙو بي زمين غير رسمي آبادڪار/ قبضي وارا آهن، (ڏسو: ٽيبل 2.4). اهي گهراڻا غربت جي ور چڙهيل ۽ ڪمزور آهن. حددخلين کي هٽائڻ جي مهم جي صورتحال جي ڪري، اها غربت وڌيڪ چٽي ٿي بيٺي. واضح طور، حددخلين کي هٽائڻ جي مهم جو اثر "نمايان" ٿي چڪو آهي. چوڏهن (هڪ سيڪڙو) متاثر گهراڻن دعويٰ ڪئي ته اهي ننڍا ملڪيتدار هئا، توڙي جو هنن سرڪاري زمين جي حد واري ايراضيءَ تي قبضو ڪيو هو.

**جدول 2.4 حددخليون هٽائڻ واري مهم جي گهراڻن جا انگ اکر**

| اڏاوتن جو نقصان | انگ/يونٽ | سيڪڙو | مدو | انگ | سيڪڙو |
|---|---|---|---|---|---|
| رهائشي | 2673 | 85 | زمين جو مالڪ | 14 | 1 |
| تجارتي/ دڪان | 166 | 5 | مقاطعيدار | 01 | 0 |
| ٻيون اڏاوتون | 320 | 10 | بي زمين رهائشي/ قبضو ڪندڙ | 1231 | 99 |
| ڪل | 3159 | 100 | | 1246 | 100 |

ذريعو؛ ڊي ڊي سروي اپريل 2022ع

### 2.3.5 حددخلين کي هٽائڻ جي مهم پڇاڻا ٻي هنڌ لڏپلاڻ جي صورتحال

مناسب احتياط ٽيم کي حددخليون هٽائڻ جي مهم جي دربدريءَ جي سلسلي ۾، سرزمين تي، ٽي مختلف منظرناما ڏيان ۾ آيا.

(پهريون) حددخلين کي هٽائڻ جي مهم جي دربدر گهراڻن پنهنجا اثاثا مستقل طور سرڪاري زمين جي حد کان ٻاهر ڪيڏي ڪٽي ويا.

(ٻيو) ٻيا ڳهراڻا عارضي طور، سرڪاري زمين جي حد کان ٻاهر هليا ويا، ۽ پوءِ حددخلين کي هٽائڻ جي مهم جي رڪجڻ پڄاڻا سرڪاري زمين جي حد ۾ واپس ويا.
(ٽيون) سرڪاري زمين جي حد ۾ ويٺل ڪن ڳهراڻن حددخلين کي هٽائڻ جي مهم جي ڌمڪين کان پوءِ به نه لڏپلاڻ نه ڪئي.
مناسب احتياط ٿيم، مٿي ڄاڻايل سمورين درجيبندين لاءِ ڄاڻايو ته اهي حددخلين کي هٽائڻ جي مهم جي ڪري دربدر ٿيون. حددخلين کي هٽائڻ جي مهم دوران عوامي/عوامي گروهن واريون اڏاوتون نه ڍائيون ويون. گهٽي پاڳي تجارتي اڏاوتن/ننڍيو دڪانن جو لڏو مالڪ پاڻ ڪٽي ويا. مجموعي طور، حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثر 1246 ڳهراڻن مان 1070 (86 سيڪڙو) مهم جي ڪري پيدا ٿيندڙ دربدريءَ کان پوءِ لڏي ويا يا ٻئي هنڌ هليا ويا. باقي 176 (14 سيڪڙو) نه لڏي ويا ۽ نه ئي ٻئي هنڌ وڃي ويٺا. لڏپلاڻ واري صورتحال تي وڌيڪ تفصيلَ باب 5 ۾ پيش ڪيا ويا آهن (شڪل 5.1).

### 2.3.6 عوامي/برادراڻيون اڏاوتون

فهرست ۾ مختلف قسم جا ڪل 101 ڳهرن جون پڪيون/ڪچيون اڏاوتن درج ٿيون. مثال طور، ننڍيون پليون، پوليس چيڪ پوسٽ/ اسٽيشنون، اسڪول/حفاظتي پٽيون، گيس/ڪيبل جون لائينون، بجليءَ جون لائينون، گندي پاڻيءَ جو نيڪال، نلڪا، لفٽ مشين ـ اهي منصوبي جي لاڳت وسيلي ٻيهر ڏنيون وينديون ۽ ٻيهر قائم ڪيون وينديون. تنهن ڪري، اهي اصلاحي عملي رٿا يا سماجي ۽ ٻيهر آبادڪاريءَ جي انتظامڪاريءَ جي منصوبي ۾ شامل ناهن.

## 2.4 حددخلين کي هٽائڻ جي مهم وارن ڳهراڻن جون خاصيتون: هڪ مختصر جائزو

منصوبي جي ايراضيءَ جي ڊيگهه ٽن ضلعن ۾ 132 ڳوٺن يا مقامي طور واضح ڪيل ڳوٺن کي دائري ۾ آڻي ٿي. هڪڙو مڪ تناسب (80 سيڪڙو) ڳوٺاڻي حدن ۾ آهي. باقي 20 سيڪڙو شهري يا نيم شهري آهي، جنهن ۾ سراسري خاندان جو تعداد پنج کان اٺ ياتي في ڳهراڻو آهي. 4 سيڪڙو ڳهراڻا اهڙا آهن، جن جون سربراهه عورتون آهن. متاثر ٿيل حددخلين کي هٽائڻ جي مهم جي ڪري، متاثر ٿيندڙ ڳهراڻا، غربت کان هيٺ لڪير سان واسطو رکن ٿا. ذات يا برادريءَ جو لفظي مطلب "ڀائپي" (Brotherhood) آهي، اهو هڪ مائٽاڻو نظام آهي، جيڪو ٻهراڙين جي عوامي گروهن جي سماجي تاڃي پيٽي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو، ۽ منصوبي واري علائقي ۾ منظم سگهه جي لحاظ کان اهم هوندو آهي. جدول 2.5 حددخلين کي هٽائڻ جي مهم جي ڪري متاثر ٿيل آباديءَ جي ڪن خاصيتن جو خلاصو پيش ڪري ٿي.

* اڪرم واهه جي تعمير لاءِ عوامي ۽ عوامي گروهن وارين اڏاوتن کي هٽائڻ ضروري آهي ۽ اُهو نقطو ٺيڪيدارن لاءِ مقدار جي بل (BoQ) ۾ شامل ڪيو ويندو.

**جدول 2.5 حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثر ڳهراڻن جا انگ اکر**

| ڳوٺن جو انگ | ڳهراڻن جو انگ | هنڌ | | ڳهراڻي جو سربراهه | سراسري خانداني تعداد | | خواندگي شرح | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | | ٻهراڙي سيڪڙو | نيم/شهر سيڪڙو | مرد سيڪڙو | عورت سيڪڙو | نمبر | مرد سيڪڙو | عورت سيڪڙو |

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 132 | 1246 | 80 | 20 | 95 | 4.3 | 5.8 | 36 | 7 |

خواندگيءَ جي اها مجموعي شرح قومي خواندگيءَ جي شرح يعني 70 سيڪڙو مرد ۽ 47 سيڪڙو عورتن جي مقابلي ۾ گهٽ يعني 36 سيڪڙو مرد ۽ 7 سيڪڙو عورتون آهي. گهراڻن جي سربراهن جو بنيادي ڌنڌو زراعت، مال چارڻ، ڌنڌو/دڪان، ۽ روزاني اجرتي پورهيو آهي. گهراڻن جا اثاثا رهائشي/ تجارتي اڏاوتن، جانورن جي چاپرن، ۽ نلڪن ۽ ٻين زرعي اوزارن تائين محدود آهن. سماجي اقتصادي بيهڪن جو مختصر احوال هيٺ پيش ڪجي ٿو. هڪ مڪمل ڇٽپ/ فهرست جلد 2 ـ اڪرم واهه آر ايس ايم پي، انوينٽري (2022ع) ۾ موجود آهي.

### 2.4.1 سماجي آبادياتي بيهڪون

جدول 2.6 گهراڻن جي سماجي آبادياتي بيهڪن کي پيش ڪري ٿي. وڏي گهڻائي (60.2 سيڪڙو) حيدرآباد ضلعي ۾ آهي. ڪل گهراڻن مان رڳو 4.3 سيڪڙي جون سربراهه عورتون آهن. 90 سيڪڙي جي لڳ ڀڳ گهراڻا غربت جي لڪير کان هيٺ آهن.

**جدول 2.6 سماجي آبادياتي بيهڪون**

| ضلعو | گهراڻن جو انگ | گهراڻن جا سربراهه (انگ) صنف جي بنياد تي ورهايو | | گهراڻن جي سربراهن جو حيثيت (انگ) | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | | مرد سربراهه | عورت سربراهه | معذور | بي زمين | اقليتي | غربت جي لڪير کان هيٺ |
| حيدرآباد | 750 60.2 سيڪڙو | 715 59.5 سيڪڙو | 35 66.0 سيڪڙو | 29 60.0 سيڪڙو | 475 58.7 سيڪڙو | 127 42.6 سيڪڙو | 600 54.8 سيڪڙو |
| ٽنڊو محمد خان | 61 4.9 سيڪڙو | 57 4.8 سيڪڙو | 4 7.5 سيڪڙو | 4 8.7 سيڪڙو | 50 6.2 سيڪڙو | 32 10.7 سيڪڙو | 60 5.5 سيڪڙو |
| بدين | 435 34.9 سيڪڙو | 420 35.2 سيڪڙو | 15 27.8 سيڪڙو | 13 28.3 سيڪڙو | 284 35.1 سيڪڙو | 139 46.6 سيڪڙو | 3435 39.7 سيڪڙو |
| ڪل | 1246 | 1192 | 54 | 46 | 809 | 298 | 1095 |

ذريعو؛ ڊي ڊي سروي (اپريل 2022ع)

### 2.4.2 ڪٽنب جو تعداد ۽ صنف جي جوڙجڪ

سراسري ڪٽنب جو تعداد 5 کان 6 ڀاتي في گهراڻو آهي، جنهن ۾ مرد ۽ عورت ڀاتين جو تناسب ترتيبوار 52 سيڪڙو ۽ 48 سيڪڙو آهي ـ (جدول 2.7).

**جدول 2.7 خانداني سائيز ۽ صنف جي جوڙجڪ**

| ضلعو | خاندان جو سراسري حجم (انگ) | صنفي جوڙجڪ | |
|---|---|---|---|
| | | مرد | عورت |

| | | | |
|---|---|---|---|
| حيدرآباد | 5.5 | 51.7 | 48.3 |
| ٽنڊو محمد خان | 5.8 | 53.2 | 46.8 |
| بدين | 5.6 | 52.4 | 47.6 |
| ڪل | 5.6 | 52.0 | 48.0 |

ذريعو؛ بي بي سروي (اپريل 2022ع)

### 2.4.3 صنفي بنيادن تي عمر جي ورڇ

1246 گهراڻن ۾ ڪل متاثر آبادي 6900 آهي. جدول 2.8 آباديءَ جي صنف جي لحاظ کان عمر جي ورڇ کي پيش ڪري ٿي. ٻنهي صنفن ۾ ننڍي آباديءَ (1 کان 15 سالن) جو هڪ وڏو سيڪڙو 38 آهي. ٻنهي صنفن ۾ لڳ ڀڳ 38 سيڪڙو آبادي جو تعلق اقتصادي طور تي پيداواري عمر جي دائري (يعني 15 کان 45 سال) سان آهي. ان ۾ عورتون جي نمائندگي رڳو 13.5 سيڪڙو آهي.

جدول 2.8 صنف جي بنياد تي عمر جي ورڇ

| نمبر | عمر | ٻئي صنفون | صنف جي بنياد تي عمر جي ورڇ (سيڪڙو) | |
|---|---|---|---|---|
| | | | مرد | عورت |
| 1 | 1 کان 15 سال | 37.9 | 18.0 | 19.9 |
| 2 | 15 کان 25 سال | 28.9 | 20.5 | 8.4 |
| 3 | 25 کان 35 سال | 3.7 | 1.2 | 2.5 |
| 4 | 35 کان 45 سال | 5.3 | 2.7 | 2.6 |
| 5 | 45 کان 55 سال | 7.9 | 1.1 | 6.8 |
| 6 | 65-55 | 7.5 | 3.0 | 4.5 |
| 7 | 65 کان وڌيڪ | 8.8 | 5.4 | 3.4 |
| ڪل | | 100 | 52.0 | 48.0 |

ذريعو؛ بي بي سروي (اپريل 2022)

### 2.4.4 خواندگيءَ جي شرح

مجموعي خواندگيءَ جي شرح 26 سيڪڙو آهي، جڏهن ته مرد ۽ عورت ميمبرن جي خواندگيءَ جي شرح ترتيبوار 36 سيڪڙو ۽ 8 سيڪڙو آهي. صنف جي بنياد تي ورهايل تعليمي تفصيل جدول 2.9 ۾ آهن.

**جدول 2.9 صنف جي لحاظ کان تعليمي سطح**

| تعليمي | پي اي ايڇ ميمبر (سيڪڙو) | | |
|---|---|---|---|
| اسڪول وڃڻ / خواندگي | مرد<br>تعداد 2351 | عورت<br>تعداد 2057 | مجموعي طور<br>تعداد 4408 |
| ٽيون درجو | 225<br>5.1 سيڪڙو | 85<br>1.9 سيڪڙو | 310<br>7.0 سيڪڙو |
| ثانوي | 336<br>1.6 سيڪڙو | 128<br>2.9 سيڪڙو | 464<br>10.5 سيڪڙو |

| | | | |
|---|---|---|---|
| پرائمري | 826<br>18.7 سيڪڙو | 786<br>17.8 سيڪڙو | 1612<br>36.6 سيڪڙو |
| اڻ پڙهيل | 964<br>21.9 سيڪڙو | 1058<br>24.0 سيڪڙو | 2022<br>45.9 سيڪڙو |

ذريعو ڊي ڊي سروي (اپريل 2022)

### 2.4.5 گهراڻنِ بالغ ڀاتين جو پيشيوراڻو پسمنظر

جدول 2.10 تازن معائنن (Surveys) دوران جيئن ڄاڻايو ويو آهي، تيئن مردن ۽ عورتن جي مک پيشن جي فهرست کي شامل ڪري ٿي. ڇٽي نموني، پورهيو/روزاني اجرتَ، مردن جي ٻه ٽياڱي ٽئين حصي جو مک پيشي طور ڄاڻائي ويئي آهي. ان کان پوءِ زراعت (11.3 سيڪڙو) ۽ ڪاروبار/دڪان 7.3 سيڪڙو). عورتن جي صورت ۾، 43 سيڪڙي لاءِ ٻڌايو ويو آهي ته سندن مک پيشو گهريلو ڪم آهي. جڏهن ته 26 سيڪڙي ۽ 22 سيڪڙي لاءِ ٻڌايو ته انهن جو مک پيشو ڀاٽي ڪٽي اچڻ ۽ ڪائيون ڳنڍ ڪرڻ آهي.

**جدول 2.10 صنف جي لحاظ کان مک پيشو**

| اهم پيشو | مرد | | اهم پيشو | عورت | |
|---|---|---|---|---|---|
| | نمبر | سيڪڙو | | نمبر | سيڪڙو |
| هارپو | 146 | 11.3 | گهريلو ڪم | 774 | 43.1 |
| چوپايومال | 41 | 3.1 | ڪپڙن جي سلائي | 115 | 6.4 |
| واپار/دڪان | 95 | 7.3 | ڪرهائي | 10 | 0.6 |
| سرڪاري نوڪري | 53 | 4.1 | ڪڪڙيون پالڻ | 39 | 2.2 |
| خانگي نوڪري | 91 | 7.0 | ڀاٽي پرڻ | 462 | 25.8 |
| پورهيت/ڏهاڙي دار | 874 | 66.9 | ٻارڻ لاءِ ڪائيون ڳڏ ڪرڻ | 387 | 21.6 |
| ٻاهرين ملڪ (جيڪڏهن ڪو هجي) | 5 | 0.4 | ڪو ٻيو ڪم | 7 | 0.4 |

ذريعو؛ ڊي ڊي سروي (اپريل 2022)

### 2.4.6 گهراڻن جي سربراهن جي سراسري ماهوار آمدني

گهراڻن جي آمدني، گذر سفر جي وسيلن ۽ گهراڻي جي خوشحاليءَ کي ماپڻ لاءِ هڪ اهم اهڃاڻ فراهم ڪري ٿي. اٽڪل 84 سيڪڙو گهراڻن جي ماهوار آمدني 25000 پاڪستاني رپين کان گهٽ آهي، جيڪا 2022ع ۾ حڪومت پاران مقرر ڪيل گهٽ ۾ گهٽ اجرت جي بنياد تي غربت جي لڪير جي برابر آهي. اهڙي آمدني رکندڙ گهراڻن کي "ڪمزور" خاندان سمجهيو ويندو آهي ـ (جدول 2.11).

**جدول 2.11 گهراڻن جي سربراهن جي سراسري ماهوار آمدني**

| نمبر | آمدنيءَ جي حد (رپين ۾) | گهراڻن جو انگ | گهراڻن جو سيڪڙو |
|---|---|---|---|
| 1 | 10000 تائين | 540 | 43.3 |
| 2 | 10000 ڪان 25000 تائين | 506 | 40.6 |
| 3 | 25000 ڪان 30000 تائين | 21 | 1.7 |
| 4 | 30000 ڪان 40000 تائين | 70 | 5.6 |
| 5 | 40000 ڪان 50000 تائين | 64 | 5.1 |
| 6 | 50000 | 45 | 3.6 |
| ڪل | | 1246 | 100 |

ذريعو؛ ڊي ڊي سروي (اپريل 2022)

رهائشي اڏاوتن جي مالڪن کي آمدنيءَ جو نقصانُ، عارضي طور تي، بي گهر ٿيڻ جي ڪري پهتو، چاڪاڻ ته حددخلين کي هٽائڻ جي مهم جي ڪارروواين مان پيدا ٿيندڙ افراتفريءَ جي ڪري ڏهاڙي ڪمائيندڙ مزدور پنهنجي آمدني/اجرت وڃائي ويٺا.
زمين جي ڪري آمدنيءَ جي نقصان جو ڪوبه ثبوت نه مليو، چاڪاڻ ته سندن حيثيتَ، سرڪاري زمين جي حد ۾ بي زمين ۽ غير رسمي آبادڪارن واري هئي. تنهن هوندي به، متاثر ٿيل ڪاروبارن کي لڏڻ ۽ افراتفريءَ جي ڪري آمدنيءَ کي نقصان پهتو. مستقل ڪاروباري اڏاوتن جي مالڪن کي آمدنيءَ جي نقصان پهتو. جڏهن ته پٺي ڪٽڻ جوڳن دڪانن ۽ مانڊڻين سرڪاري زمين جي حد پرسان ساڳئي هنڌ يا انهيءَ کان ٿورو پري ساڳئي نموني پنهنجو ڪاروبار ٻيهر بيهاري ورتو. مجموعي طور، گهٽي پاڳي گهراڻن کي پنهنجي گذر سفر جي وسيلن جي وڃڻ ۽ مستقل نقصان کي نه پوڄيو. گذر سفر جي وسيلن جو اثر محدود ۽ عارضي هو، جيڪو رڳو لڏپلاڻ واري عبوري عرصي ۾ پيو. تنهنڪري، سنڌ ــ پاڻي ۽ زراعت جي هيئتي تبديليءَ جي منصوبي جو مقصد بحاليءَ کان وڌيڪ گذر سفر جي وسيلن کي وڌائڻ آهي.

## 2.5 باقي رهيل 16 ڪلوميٽر ٻيگهه ۾ مستقبل ۾ زمين وٺڻ

### 2.5.1 دائرو ۽ حيثيت

حددخلين کي هٽائڻ جي مهم هڪ سئو ڪلوميٽر تي دنگ ڪيو. باقي رهيل سورهن ڪلوميٽرن (ياد رهي، ڪل ٻيگهه 116 ڪلوميٽر آهي) ۾ لڳ ڀڳ 112 گهراڻا سرڪاري زمين جي حد ۾ غير رسمي آبادڪارن/ قبضو ڪندڙن جي حيثيت ۾ ويٺل آهن. اهي حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثر نه ٿيا. جيتوڻيڪ مرڪزي راهداريءَ يا سرڪاري زمين جي حد جي وهنواري علائقي موجود گهراڻا، رٿا جي تعمير دوران، امڪاني طرح متاثر ٿيندا/هٽايا ويندا. انهيءَ جو دارومدارُ حتمي ڊزائن جي معيارن ۽ تعميراتي گهرجن تي هوندو.
مٿين کان سواءِ، مک واهه جي منڍ کان پڇڙيءَ تائين ڪٽنبن جو وڌيڪ پر ٿورو تعدادُ، تبديل ڪَئي ويندڙ پاڻيءَ جي ڊانچن لاءِ، مستقل طور، زمين وٺڻ يا هر ڊانچي لاءِ امڪاني طرح زمين جي گهربل ايراضيءَ جي ڪري متاثر ٿيندو. ابتدائي انگن اکرن مان معلوم ٿئي ٿو ته منصوبي لاءِ 19.47 ايڪڙن جي گهرج پوندي. اهو انگ اڪرم واهه جي فزيبلٽي اڀياس دوران طئه ڪيو ويو. سيڊا جي ٽيڪنيڪي ٽيم، اجا تائين، پڪي نموني، زمين جي حاصلات جي گهربل مخصوص زميني حصن جي نشاندهي نه ڪري سگهي آهي. نتيجي طور، هن مرحلي تي، نه ته رجسٽر ٿيل ڪاتيدارن جي صحيح انگَ ۽ نه ئي متاثر ٿيندڙ گهراڻن

جو تعين ڪري سگهجي ٿو. اصل زمين جي حاصلات جو دارومدارُ، هر پاٽيءَ جي ڊانچي جي حتمي انجنيئرنگ ڊزائن تي هوندو، ۽ پوءِ متاثر ٿيل گهراڻن جي سڃاڻپ ۽ تصديق ڪرڻ جي گهرج پوندي.

### 2.5.2 سرڪاري زمين جي سورنهن ڪلوميٽر حد لاءِ نقصانن جي فهرست ۽ زمين جي حاصلات جو اثر

جيئن ته ڊزائن اڃا تيار ناهي، تنهنڪري، اهو ناممڪن آهي ته هن مرحلي تي زمين جي اثر واري علائقي ڪي طئه ڪجي، ۽ انهيءَ ڪري ئي، سرڪاري زمين جي باقي سورنهن ڪلوميٽر حد لاءِ اثر جي فهرست ۽ ڳڻپ سروي ڪي اڳتي وڌائي نه ٿو سگهجي. تنهنڪري، هڪ منظم ڳڻپ/سروي سوالنامي وسيلي سورنهن ڪلوميٽر ڊيگهه ۾، مجموعي راهداري سروي منعقد ڪئي ويئي ته جيئن اثر جي وڌ ۾ وڌ ممڪن سطح جاچي سگهجي. اها سروي گهٽي پاڳي خرچ جاڻڻ جي مقصد لاء آهي. 315 فُٽ تي سيپئي گهراڻا، مالڪيءَ/ڪاتن ڪان قطع نظر، سيني اقتصادي ۽ تجارتي سرگرمين سميت غور هيٺ آندا ويا. جدول 2.12 امڪاني نقصان ۽ اثر جي فهرست پيش ڪري ٿي. نشاندهي ڪيل اثرَ، اڏاوتن جو نقصان آهي، جهڙوڪ: رهائشي/تجارتي ۽ ٻيا قسم، جن کي امڪاني دربدريءَ ۽ آمدنين جو نقصان رسڻو آهي.
اهڙيءَ طرح، سورهن ڪلوميٽرن جي حد ۾، مرڪزي راهداريءَ ۾ موجود ماڻهن کي چڏي، سروي ۾ شامل ڪيل هر هڪ ماڻهو، حقيقي طرح، متاثر نه ٿيندو.
انجنيئرنگ ڊزائن کي حتمي شڪل ملڻ کان پوءِ، نقصان گهٽائڻ جي منصوبي بنديءَ جي حقيقي اثرن جي تصديق ڪرڻ لاءِ هڪ حتمي تصديقي سروي منعقد ڪئي ويندي.

**جدول 2.12:   نقصانن جي فهرست**

| تفصيل | اڏاوتن جي درجيبندي | اڏاوتن جو قسم | اڏاوتن جو انگ | متاثر ايراضي | متاثر گهراڻن جو انگ |
|---|---|---|---|---|---|
| 16 ڪلوميٽرن لاءِ مک واهه جي ايراضيءَ تي ويٺل غيررسمي رهائشين/قبضي رکندڙن وسيلي نقصانن جي فهرست | | | | | |
| رهائشي اڏاوتون | گهر (رهڻ جا ڪمرا، ورنڊو، رڌڻو ۽ حاجت خانو) | اڌ پڪيون | 86 | 16,252.25 چورس فٽ | 66 |
| | | ڪچيون | 17 | 2,681.98 چورس فٽ | 13 |
| تجارتي اڏاوتون | دڪان، هوٽل، اسٽور ۽ وهنجڻ خانا | پڪون | 3 | 8,20.72 چورس فٽ | 2 |
| | | اڌ پڪيون | 24 | 5,185.16 چورس فٽ | 15 |
| ٻيون | چوديواريون، گيٽ ۽ بنياد | اڌ پڪيون | 4 | 272.65 آر فٽ | 2 |
| | | ڪچيون | 1 | 118.77 آر فٽ | 1 |
| | مندر (خانگي مذهبي اڏاوتون) | اڌ پڪيون | 2 | 166.43 چورس فٽ | 2 |
| | نلڪا ۽ موٽر پمپ | | 1 | 1 | 1 |
| | چاپرا | پڪيون | 1 | 110.23 | 1 |

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| | | | | چورس فٽ | |
| | | اڌ پڪيون | 4 | 477.1 چورس فٽ | 2 |
| | لانڍيون | اڌ پڪيون | 3 | 363.32 چورس فٽ | 3 |
| | ننڍا دڪان | ڪچون | 5 | 254.38 چورس فٽ | 4 |
| ڪل | | | 151 | 26,311.57 چورس فٽ **3**91.42 آر فٽ | 112 |

اندازي واري زمين جي حاصلات (حتمي ڊزائن جي اثر جي بنياد تي تازي حالت ۾ آڻبي)

| | | | |
|---|---|---|---|
| زمين | پاڙيءَ جي ڊانچن لاءِ خانگي ڪاتيدارن کان مستقل بنيادن تي گهربل زمين | 19.47 ايڪڙ | |
| فصل | متاثر ٿيندڙ فصلن جو ڪاٿو | 31.319 ايڪڙ | 92 |
| وڻ | خانگي مالڪيءَ وارا | 462 (تعداد) | 23 |

جيئن ئي حتمي ڊزائنون دستياب ٿينديون، سيڊا (هڪ) پاڙيءَ جي ڍانچي ۾ مستقل طور تي حاصل ڪيل زمين جي اثرَ ۾ (ٻيو) سرڪاري زمين جي سورهن ڪلوميٽرن جي حد، خاص طرح اها جيڪا مرڪزي راهداريءَ تي آهي، جي اساسي (Baseline) ڊيٽا ڪي تازي حالت ۾ آڻڻ لاءِ اضافي ڪاٿن جو اهتمام ڪندي.

## 2.6 ڪمزور گروهَه

جيئن بيس لائين ڊيٽا مان ظاهر آهي، گهڻي پاڱي اثرُ ڪمزور گروهن ـ غريبن، غير رسمي آبادڪارن، گهٽ آمدنيءَ وارا ماڻهن ۾ غربت جي لڪير کان هيٺ گذاريندڙن تي آهي. عورت جي سرپرستيءَ ۾ گهراڻا، جن ۾ ڪوبه بالغ ڪمائيندڙ پاتي ناهي، هن درجيبنديءَ ۾ شامل آهن. اهڙيءَ طرح، بزرگن (65 سال يا ان کان وڌيڪ ڄمار وارا) ۾ معذور ماڻهن کي ڪمزرو سمجهيو ويو آهي ڇاڪاڻ ته اهي، امڪاني طرح، حددخلين کي هٽائڻ جي مهم/منصوبي جي دربدريءَ کان غير متناسب نموني متاثر ٿيڻا آهن. منصوبي کي لاڳو ڪرڻ کان اڳ ڪمزور درجيبندين کي وڌيڪ بهتر ڪيو ويندو.

## 2.7 خلاصو: متاثر ٿيل ماڻهن جون چار درجيبنديون

هن باب ۾ مجموعي جائزي جي بنياد تي، متاثر ٿيل ماڻهن جون چار درجيبنديون پيش ٿيل آهن ۽ تن کي پهتل نقصانن جي مجموعي طرح هيٺينءَ ريت نشاندهي ڪري سگهجي ٿي. (جدول؛ (2.13)

**جدول 2.13: متاثر ٿيل ماڻهن جون درجيبنديون ۽ انهن کي پهتل نقصان**

| نمبر | درجو | نقصان جا قسم ۽ متاثر ماڻهو |
|---|---|---|
| 1 | حددخلين کي هٽائڻ جي مهم ۾ سرڪاري زمين جي حد جي پهرين 100 ڪلوميٽرن ۾ متاثر ٿيل | (سيني قسمن جي يعني ڪچين، اڌ پڪين، پڪين)رهائشي اڏاوتن جا مالڪ، سيني قسمن جي تجارتي اڏاوتن جا مالڪ؛ ننڍين اڏاوتن جا مالڪ، غربت جي لڪير هيٺ گذاريندڙ غريب گهراڻا؛۽ ڪمزور گروهه |
| 2 | پڇاڙيءَ جي 16 ڪلوميٽرن ۾ حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثر نه ٿيل ماڻهو | (سيني قسمن جي يعني ڪچين، اڌ پڪين، پڪين)رهائشي اڏاوتن جا مالڪ، مرڪزي راهداريءَ ۾ موجود سيني قسمن جي تجارتي اڏاوتن جا مالڪ، جوڙجڪ؛ مرڪزي راهداريءَ ۾ موجود ننڍين اڏاوتن جا مالڪ، مرڪزي راهداريءَ ۾ موجود غربت جي لڪير هيٺ گذاريندڙ غريب گهراڻا؛ ۽ ڪمزور گروهه |
| 3 | پورن 116 ڪلوميٽرن لاءِ مرڪزي راهداريءَ ۾ منصوبي جا متاثر ٿيل اثاثا | خانگي اڏاوت، فصل/ وڻ، عوامي اثاثا، ۽ عوامي اثاثا |
| 4 | سرڪاري زمين جي حد کان ٻاهر متاثر ٿيل ماڻهو/اثاثا (ٻيهر آبادڪاريءَ جي عملي رٿا هيٺ مستقبل ۾ زمين وٺڻ) | خانگي اڏاوت، وڻ/فصل؛ حقيقي مالڪن کان زمين، ۽ تجارتي جايون |

## باب ٽيون
## پاڱي پائيوارن (Stakeholders) سان مشاورت

## 3.1 مقصد ۽ جائزو

هيءُ باب پاڱي پائيوارن جي مشاورتي گڏجاڻين جي مرحلن ۽ نتيجن کي بيان ڪري ٿو، جيڪي مناسب احتياط ۽ سنڌ – پاڻي ۽ زراعت جي هيئتي تبديليءَ جي منصوبي دوران مختلف پاڱي پائيوارن جي گروهن سان منعقد ڪيون ويون. مشاورتي گڏجاڻين جا مقصدَ، ابتدائي پاڱي پائيوارن (يعني متاثر ٿيل ماڻهن ۽ عوامي گروهن)، ۽ ادارتي/ثانوي پاڱي پائيوارن (يعني سيڊا، ايريا واٽر بورڊن، آبپاشي کاتي، ڪميونيڪيشن ۽ ورڪس کاتي ۽ غيرسرڪاري تنظيمن) کي معنيٰ پريي انداز ۾، لهه وچڙ ۾ آڻڻ وارا هئا، جيڪي سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح منصوبي ۽ انهيءَ جي ڊزائن تي اثرانداز ٿي سگهن ٿا. گڏجاڻيون، منصوبي جي سرگرمين/ شيڊيول، فائدن، اثرن ۽ اثر گهٽائڻ جي اپائن تي پاڱي پائيوارن سان چاڻ ونڊڻ جي خيال کان ترتيب ڏنيون ويون هيون ته جيئن منصوبي جي فائدن کي، وڌ ۾ وڌ وڌائڻ وارن تصور ڪيل اثرن ۽ طريقن جي نوعيت بابت، شرڪت ڪارن جي راءِ جي حوصلا افزائي ڪئي وڃي. بين العمل واري طريقيڪارَ، پاڱي پائيوارن سان گڏجاڻين ۽ اهڙن ٻين عملن، سنڌ – پاڻي ۽ زراعت جي هيئتي تبديليءَ جي منصوبي جي رٿابنديءَ لاءِ ابتدائي ۽ ثانوي ڊيٽا گڏ ڪرڻ ۾ مدد ڏني.

## 3.2 حددخلين کي هٽائڻ جي مهم/منصوبي جي متاثر ٿيل گهراڻن سان مشاورت

ڳوٺاڻي سطح جي گڏجاڻين وسيلي، مناسب احتياط ٽيم (DDT) حددخلين کي هٽائڻ جي مهم/منصوبي جي متاثر ٿيل ماڻهن ۽ مقامي عوامي گروهن سان ڊگهي مشاورت ڪئي ۽ حددخلين کي هٽائڻ جي مهم جي ڪارروايئن ۽ منصوبي جي ٻين سرگرمين جي ڪري پيدا ٿيندڙ سندن خدشن ۽ شڪايتن کي ٻڌو. اها مشاورت ٻن مرحلن ۾ منعقد ڪئي ويئي – پهرين اصلاحي عملي رٿا ڊرافٽ (جولاءِ-آگسٽ 2021ع) دوران ۽ ٻي، اپريل 2022ع ۾ منعقد ڪيل مناسب احتياط دوران. حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثر ٿيل سڀني گهراڻن جي نشاندهي ڪئي ويئي.، جن ۾ مقامي عوامي گروهن جا اڳواڻ ۽ عورتون پڻ شامل هيون، جيڪي حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثر ٿيون هيون.

مشاورتي گڏجاڻين ۾، شرڪت ڪارن کي اڪرم واهه منصوبي جي مقصدن، خاص طور، حددخلين کي هٽائڻ جي مهم جي مسئلن جي باري ۾ آگاهي ڏني ويئي ۽ ويچاريو ويو ته ڪيئن انهن مسئلن کي حل ڪجي ۽ ڪيئن مناسب سماجي ۽ ٻيهر آبادڪاريءَ جي منصوبو جوڙجي ۽ خاص طور، غير رسمي/ حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثر ماڻهن لاءِ مدي جي تحفظ ۽ گذر سفر جي وسيلن سان وڌيڪ مستقل ٻيهر آبادڪاريءَ لاءِ حڪمت عملين کي ڪيئن وضع ڪجي.

جدول 3.1 منعقد ڪيل مشاورتي گڏجاڻين جو خلاصو فراهم ڪري ٿي. چونڊ پروگرامن جي تصويري پيشڪش (Presentation) سميت، مشاورتي گڏجاڻين جي باري ۾ وڌيڪ تفصيلَ چونڊيل واقعن جي تصويري ضميمي 2 ۾ موجود آهن.

**جدول 3.1 حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثر ماڻهن/ عوامي گروهن سان منعقد ڪيل مشاورتي گڏجاڻيون**

| مشاورتي گڏجاڻيون | گڏجاڻين جو انگ/ ايف ڊي جيز | شرڪت ڪندڙن جو انگ |
|---|---|---|
| مشاورت جو پهريون دور | | |
| سرڪاري عملدارن سان مشاورتي گڏجاڻيون (ضلعي سطح جي ادارتي پاڱي پائيوارن سان مشاورتون ) | 18 | 35 |

| | | |
|---|---|---|
| عوامي سطح تي مشاورتون (مرد ميمبر) | 80 | 661 |
| عورتن سان عوامي سطح تي مشاورتون/ننڍن گروهن سان ڳالهه ٻولهه | 39 | 359 |
| ننڍو ڪل | 137 | 1050 |
| مشاورت جو ٻيو دور | | |
| سرڪاري عملدارن سان مشاورتي گڏجاڻيون (ضلعي سطح جي ادارتي پاڳي پائيوارن سان مشاورتون ) | 15 | 40 |
| عوامي سطح تي مشاورتون (مرد ميمبر) | 44 | 416 |
| عورتن سان عوامي سطح تي مشاورتون/ننڍن گروهن سان ڳالهه ٻولهه | 29 | 336 |
| ننڍو ڪل | 88 | 792 |
| ڪل | 225 | 1842 |

جيئن جدول مان ظاهر آهي، منصوبي جي تياريءَ واري عرصي ۾ ڪل 225 گڏجاڻيون ٿيون، جن ۾ 1842 ماڻهن شرڪت ڪئي. تن منجهان، پهرئين ۽ ٻئي دور ۾ عورتن سان 68 ننڍن گروهن واريون گڏجاڻيون منعقد ڪيون ويون، ۽ لڳ ڀڳ 700 عورتن انهن گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪئي.

## 3.3 خدشا ۽ موٽ

فيلڊ ۾، ادارتي پاڳي پائيوارن، مقامي حڪومتن جي نمائندن، سول سوسائٽيءَ/غير سرڪاري تنظيمن ۽ ذيلي ادارن جي عملدارن سان الڳ الڳ گڏجاڻيون منعقد ڪيون ويون. گڏجاڻين ۾، ڪيترائي خدشا اٿاريا ويا، جن ۾ رهائشن/ اڏاوتن جو نقصان، اثاثن جو قدر، بدلي اثاثن جو معاوضو، حددخلين ڪي هٽائڻ جي مهم جي ڪري روزگار جي ذريعن جو زيان، گذر سفر جي وسيلن جو نقصان، ٻئي هنڌ لڏپلاڻ لاءِ آيل اضافي خرچ، اڏاوت ۽ ٻيهر آبادڪاريءَ جي حوالي سان غير يقيني صورتحال جو احساس شامل آهن. جدول 3.2 ڪي اهم خدشا ڄاڻائي ٿي.

**جدول 3.2 ظاهر ڪيل خدشا ۽ سيڊا طرفان فراهم ڪيل موٽ**

| نمبر | شرڪت ڪندڙن پاران خدشا/رايا (Feedback) | سيڊا پاران موٽ (مختصر ڪيل) |
|---|---|---|
| 01 | هڪ. حددخلين ڪي هٽائڻ جي مهم جي ڪارروواين دوران ڪابه مدد فراهم نه ڪئي وئي؛ پاڻ ڪي پهتل حرجن ۽ اسان جي گهرن ڪي رسيل نقصان لاءِ ڪنهن به مدد ۽ معاوضي ڪان سواءِ اسان پنهنجن گهرن ڪي ڪيئن ٻيهر ڪيئن ٺاهي سگهون ٿا؟ | سيڊا گهرن جي تعمير لاءِ سنڌ حڪومت پاران فراهم ڪيل فنڊن مان حددخلين ڪي هٽائڻ جي مهم ڪان متاثر گهراڻن ڪي معاوضو ڏيندي. |
| 2 | حددخلين ڪي هٽائڻ جي مهم ۾ بي گهر ٿيل گهراڻن وٽ پنهنجيون ڪي به زمينون | سيڊا سرڪاري زمين تي غير رسمي/ حددخلين ڪي هٽائڻ جي مهم ڪان متاثر گهراڻن ڪي ٻيهر آباد ڪرڻ |

| | | |
|---|---|---|
| | ناهن. جيئن توهان ڏسو ٿا، اسان مان ڪيترائي اڳيئي بندن (سرڪاري زمين جي حد) تي واپس اچي چڪا آهن. اسان کي ٻيهر آباد ڪرڻ گھرجي يا اسان کي اتي رهڻ جي اجازت ڏني وڃي، جتي اسين هاڻي آهيون. | لاءِ سنڌ حڪومت سان گڏجي ڪم ڪري رهي آهي. جيئن ئي اسان منصوبي جي تياريءَ واري ڪم ۾ اڳڀرائي ڪئي، وڌيڪ ڄاڻ فراهم ڪئي ويندي. |
| 3 | اسان کي سنتت مدد جي گھرج آهي ته جيئن اسين پنهنجا گھرن اڏي سگھون، جيڪي حددخلين کي هٽائڻ جي مهم ۾ ڊاهيا ويا هئا اسين غريب آهيون ۽ اٽين ۾ چاڙهين وارا آهيون. اسان کي پنهنجي ڪٽنب کي هٿي ڏيڻ لاءِ روڪ رقم ۽ ملازمت جي گھرج آهي. | سيدا اوهان جي نقصان جو روڪ معاوضو فراهم ڪندي ته جيئن اوهين پنهنجا گھر ٻيهر اڏي سگھو. ٻي به اضافي مدد ملندي، جنهن ۾ منصوبي جي تعمير دوران روزگار ۽ گذر سفر جي وسيلن ۾ آمدنيءَ لاءِ سکيا شامل آهي. |
| 4 | معاوضو منصفاڻو هجي ۽ جلد کان جلد فراهم ڪيو وڃي. ڪمزور عورتن کي وڌيڪ مدد ۽ امداد ملڻ گھرجي. | منصوبو غريب گھراڻن، ۽ غربت جي لڪير کان هيٺ گذاريندڙن تي خاص ڌيان ڏيندو. |
| 05 | منصوبي جي ساخت کي، لازمي طور، ماڻهن کي واهه جي ڪناري تي ڌوئڻ، وهنجڻ، ۽ جانورن کي چانو ڪري ٻيهارڻ (Chute)جي اجازت ڏيڻ گھرجي. | پرپاسي جي عوامي گروهن واسطي ڌوئڻ ۽ جانورن کي چانوَ ڪري ٻيهارڻ لاءِ مناسب انگ ۾ موزون جاين جي نشاندهي ڪئي ويندي. |
| 06 | منصوبي جو علائقو بنهه غريب ۽ پٺتي پيل آهي. تربيت وسيلي گذر سفر جي وسيلن ۾ بهتريءَ لاءِ پروگرام هئڻ گھرجن جيئن هنري ادارن يا مرڪزن ۾ سکيا ڏني ويندي آهي | متاثر ماڻهن کي روزگار، سکيا ۽ ڪميونٽي سپورٽ پروگرامن وسيلي مدد ڏني ويندي. |
| 07 | حددخلين کي هٽائڻ جي مهم دوران متاثر ٿيل دڪان/ڪاروبار پوڳيو آهي. ماڻهن کي اجازت ڏني وڃي ته اهي پنهنجن ڪٽبن کي مدد ڏيڻ لاءِ ڪنارن تي پنهنجو ڪاروبارٻيهر شروع ڪن. | منصوبي ۾ ٻڌل اڏاوت واسطي معاوضي جو بندوبست موجود هوندو، ۽ ٻڻ اضافي مدد فراهم ڪئي ويندي |

### 3.4 سماجي ۽ ٻيهر آبادڪاريءَ جي انتظامڪاريءَ جي منصوبي جي تشهير

هن سماجي ۽ ٻيهر آبادڪاريءَ جي انتظامڪاريءَ جي منصوبي جون اهم خصوصيتون، اصلاحي عملي رٿا سميت اڳ ۾ ئي پاڳي پائيوارن جي مشاورتي گڏجاڻين ۽ سرزمين جي سطح مناسب احتياط سروي ڪرڻ دوران ظاهر ڪيون ويون آهن، جن کي عالمي بئنڪ جي منظوريءَ کان پوءِ اردو/سنڌيءَ ۾ مختصر بروشر (Brochure) جي صورت ۾ مڪمل ظاهر ڪيو ويندو. اهو بروشر حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثرن ۽ ٻين متاثر ڪٽنبن کي سنڌن حقدارين، معاوضي/ٻيهر آبادڪاريءَ جِي، هر ايڪي

جي اگهن ۽ بحاليءَ جي امداد، ۽ ادائگيءَ جي طريقيڪارن ۽ صيغن ڪي شڪايتن جي تدارڪ جي طريقيڪار تاجي پيٽي سميت آگاهي ڏيندو. سماجي ۽ ٻيهر آبادڪاريءَ جي انتظامڪاريءَ جو منصوبو ۽ سنڌيءَ ۾ بروشر سيڊا، ايريا واٽر بورڊن جي آفيسن، ضلعي حڪومتن جي آفيسن ۽ ويب سائيٽن تي سرڪاري دستاويز طور دستياب ڪيو ويندو. اهو عالمي بئنڪ جي ويب سائيٽ تي پڻ جائتو ڪيو ويندو.

### 3.5 سماجي ۽ ٻيهر آبادڪاريءَ جي انتظامڪاريءَ جي منصوبي تي عملدرآمد دوران مشاورت

معائنن (Surveys) دوران، سرڪاري زمين جي حد ۾ آبادڪارن ۽ مقامي عوامي گروهن سان پاڳي پائيوارن جي مشاورت عمل ۾ آندي ويئي هئي. گڏجاڻين ۾ سيڊا، ايريا واٽر بورڊ جو عملو، مقامي انتظاميه جا عملدار/ لاڳاپيل ذيلي ادارا شامل هئا. (ڏسو جدول 3.1). سيڊا/ ايريا واٽر بورڊ جو عملو اصلاحي عملي رٿا (CAP)، گذر سفر جي وسيلن ۾ واڌاري ۽ ٻيهر آبادڪاري عملي رٿا ڪي تازي حالت ۾ آڻڻ ۽ لاڳو ڪرڻ دوران، منصوبي جي ڪليدي سرگرمين ۾ متاثر ماڻهن ۽ آبادڪارن سان لهه وچڙ ۾ ايندو. سيڊا جو/جي سماجي ماهر (Social Specialist) ايريا واٽر بورڊ جي عملدارن سان گڏ عوامي گروهه جي شرڪت ۽ مشاورت جي سلسلي ۾ خاص قدم کڻندو/کڻندي.

---

انهيءَ سان گڏ، ايريا واٽر بورڊ، پنهنجي فيلڊ دفتر وسيلي، منصوبي ڪي لاڳو ڪرڻ لاءِ سماجي تياريءَ ۽ آمادگيءَ جي حصي طور اڳوٽ تعميراتي سرگرمين جو هڪ سلسلو شروع ڪندو. اهي مشاورتي ۽ شرڪت واريون سرگرميون متاثر ماڻهو ۽ ٻين پاڳي پائيوارن ڪي لهه وچڙ ۾ آڻينديون، مثال طور، فهرست ڪي تازي حالت ۾ رکڻ، گهراڻن جي لڏپلاڻ جي اختيار (Option) جي فيصلي ۽ گذر سفر جي وسيلن جي پروگرامن واريون سرگرميون. مجموعي حساب سان، مشاورت جو مقصدُ متاثر ٿيل گهراڻن ۽ مقامي عوامي گروهن ڪي اصلاحي عملي رٿا/ سماجي ۽ ٻيهر آبادڪاريءَ جي انتظامڪاريءَ جي منصوبي جي عملدرآمدي مرحلن ۾ شامل ڪرڻ هوندو.

# باب چوٿون
# قانوني عملي ڍانچو، حقدارين جي پاليسي ۽ وچور (Matrix)

## 4.1 دائرو ۽ مقصد

هيءُ باب حددخلين کي هٿائڻ جي مهم کان متاثر گهراڻن لاءِ معاوضي ۽ ٻيهر آبادڪاريءَ/اڏاوت جي بهتري، زمين وٺڻ ۽ گذر سفر جي وسيلن ۽ اڪرم واهه تي ٻيهر آبادڪاري لاءِ پاليسيءَ جو عملي ڍانچو (Framework) پيش ڪري ٿو. اهو مختصر طور، عالمي بئنڪ جي پاليسيءَ جي معيارن ۽ گهرجن جي پوئواري ڪرڻ واسطي، زمين وٺڻ ۽ ان جي هاڻوڪي قانوني عملي ڍانچي، معاوضي لاءِ اضافي اپائن جي مقصدن، ٻيهر آبادڪاريءَ ۽ گذر سفر جي وسيلن جي چنبڇاڻ ڪري ٿو. مجموعي حساب ۾، هن باب ۾ وضع ڪيل پاليسيءَ جو عملي ڍانچو، اڪرم واهه منصوبي ۾ زمين وٺڻ ۽ ٻيهر آبادڪاريءَ جي حوالي سان حقداريءَ جي وچور (Entitlement matrix) جي پيڙهه ٻڌي ٿو.

## 4.2 زمين وٺڻ جو ائڪٽ ۽ انهيءَ ۾ اڻپورايون (Gaps)

پاڪستان ۾، "عوامي مقصد" جي منصوبي واسطي زمين وٺڻ جو لاڳو قانون ۽ ضابطو، ترميمي زمين وٺڻ جو ائڪٽ 1984ع آهي. اهو زمين جي وٺڻ وارو ائڪٽُ، زمين وٺڻ جي طريقيڪار ۽ معاوضي جي ادائگيءَ کي رڳو حاصل ڪيل زمين جي ٽُڪرن جي درج ٿيل/رجسٽر ٿيل مالڪن کي ضابطي ۾ آڻي ٿو. اهو ائڪٽ، درج نه ٿيل يا غير رسمي آبادڪارن/قبضو رکندڙن کي پنهنجي دائري ۾ نه ٿو آڻي. تنهن کان سواءِ، منصوبي جي ڪري واقع ٿيندڙ دربدريءَ ۽ ٻيهر آبادڪاريءَ لاءِ ڪابه آبادڪاريءَ واري پاليسي موجود ناهي. جيتوڻيڪ، ائڪٽ زمين حاصل ڪرڻ جي معاوضي لاءِ تفصيلي طريقيڪار بيان ڪري ٿو، تنهن هوندي به، اهو درج ٿيل مالڪيءَ کان سواءِ، سڀني متاثر ماڻهن جي ٻيهر آبادڪاريءَ ۽ بحاليءَ کي دائري ۾ نه ٿو آڻي.

---

1894ع وارو ائڪٽ هڪ پيچيدو قانوني اوزار آهي، جيڪو 55 حصن تي ٻڌل آهي ـ مثال طور، ايرضيءَ جو اعلان نامو (Area notification) ۾ سروي، (زمين جي) حاصلات، معاوضو ۽ عطين جي مقرري، تڪرار جو نبيرو، ڏنڊ ۽ استثنيٰ (وغيره). پنهنجي انداز سان، اهو اعلان نامي کان 12 کان 18 مهينا، رجسٽر ٿيل مالڪن کي معاوضي ڏيڻ ۾ لڳائي ٿو. تنهن کان سواءِ، ائڪٽ هيٺ معاوضي وارا اپاءَ، بي گهر ٿيڻ کان پوءِ وارين حالتن ۾ ماڻهن کي برابر يا سڌريل جياپي جي حيثيت لاءِ ناڪافي آهن. تنهن جي ابتڙ، (عالمي بئنڪ جي) عمل واري رٿا/او پي ـ 4.12 پاڻمرادي ٻيهر آبادڪاري جون حفاظتي پاليسيون، جسماني دربدريءَ (لڏپلاڻ، اڏاوتي زمين جي نقصان، يا پناهه جي ڪسجي وڃڻ) ۽ اقتصادي دربدريءَ (زمين، اثاثن، اثاثن تائين رسائي، آمدنيءَ جي ذريعن، يا گذر سفر جي وسيلن جو نقصانُ، ـــ جيڪو منصوبي جي ترقيءَ لاءِ (زمين جي) حاصلات منجهان نتيجي طور ظاهر ٿئي ٿو، اهو عملُ انهيءَ

حقيقت کان غير واسطيدار هوندو ته اهڙا نقصان مڪمل آهن يا جزوي، مستقل آهن يا عارضي) جي صورت ۾، مدد جون گهرجائو آهن. تنهن کان سواءِ، منصوبي کان متاثر غير رسمي آبادڪارن/ قبضو رکندڙن جي آبادڪاريءَ لاءِ صوبي يا ملڪ ۾ ڪوبه قانوني عملي ڍانچو يا پاليسي موجود ناهي. بهرحال، منصوبي، ٻيهر آبادڪاريءَ جي پاليسيءَ جو هڪ عملي ڍانچو تيار ڪيو آهي، جنهن کي منظور ڪيو ويو آهي ته جيئن سيدا منصوبي هيٺ مستقبل ۾ زمين جي حاصلات ۽ ٻيهر آبادڪاريءَ جي رهنمائي ڪري سگهي. اهو عملي ڍانچو عالمي بئنڪ جي عمل واري رٿا/او پي – 4.12 جي ٻيهر آبادڪاري پاليسيءَ جي تعميل ڪري ٿو.

## 4.3 عالمي بئنڪ جي عمل واري رٿا/او پي – 4.12 جي ٻيهر آبادڪاري پاليسيءَ جي تعميل

سماجي ۽ ٻيهر آبادڪاريءَ جي انتظامڪاريءَ جو منصوبو عالمي بئنڪ جي عملي رٿا/او پي — 4.12 آڌار تيار ڪيو ويو آهي. عالمي بئنڪ جي عملي رٿا/او پي — 4.12 حوصلا افزائي ڪري ٿي ته جيڪڏهن عالمي بئنڪ کي منصوبن لاءِ ڪابه زمين گهربل آهي ته اها منديءَ جي اگهه تي ڳالهين واري عمل وسيلي حاصل ڪئي وڃي، جنهن ۾ آزاداڻي نموني اڳواٽ عوامي نوٽيس، خيالن جي ڏي وٺ ۽ اپيل جا حق شامل هجن. قانون هيٺ، نمايان اختيار (Eminent Domain) وسيلي عوامي مقصد لاءِ ڪنهن مالڪ کان ملڪيت جي حاصلات (Exproporiation) رڳو آخري وسيلي طور قبول ڪئي ويندي آهي ۽ جڏهن ٻيا سمورا متبادلَ آزمائجي چڪا هجن. تنهن ڪري، عالمي بئنڪ کان مالي مدد وٺڻ واسطي اهل ٿيڻ لاءِ اڪرم واهه ۾ شروع ٿيڻ وارن مرحلن ۾ عالمي بئنڪ جي عملي رٿا/او پي – 4.12 جي پاليسيءَ وارن رهنما اصولن تي عمل ڪرڻ گهرجي. ساڳيءَ طرح، اڪرم واهه ۾ زمين جي اضافي گهرجن کي، مڪ نموني، ڳالهين وسيلي مڪمل ڪرڻ جي اميد آهي. (ڏسو: 5.3 ٻيهر آبادڪاري مالي معاونت/مستقبل لاءِ زمين جي حاصلات جي اصلاحي عملي رٿا.) سماجي ۽ ٻيهر آبادڪاريءَ جي انتظامڪاريءَ جي منصوبي، عملي رٿا/او پي – 4.12 جي ٻين گهرجن جي تعميل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ اهي منصوبي لاءِ معاوضي ۽ ٻيهر آبادڪاريءَ جو وچور (Matrix) ۾ نمايان ڪيل آهن.

## 4.4 اڪرم واهه جي معاوضي ۽ ٻيهرآبادڪاريءَ جي حقداريءَ جو وچور

اڪرم واهه حقداريءَ جو وچور، متاثر ٿيل ماڻهن جي مڙني چئن درجيبدين ۽ تن کي پهتل نقصانن کي دائري ۾ آڻي ٿو. انهن ۾ شامل آهن (پهرين) سرڪاري زمين جي مُهڙين هڪ سئو ڪلوميٽرن جي حد ۾ حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثر گهراڻا؛ (ٻي) پڇاڙيءَ وارن سورهن ڪلوميٽرن ۾ حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثر نه ٿيل گهراڻا، (ٽين) مڪمل هڪ سئو سورهن ڪلوميٽرن جي ديگهه لاءِ، مرڪزي راهداريءَ ۾، منصوبي جي ڪري متاثر ٿيل اثاثا؛ ۽ (چوٿين) زمين جي حاصلات جي ڪري سرڪاري زمين جي حد کان ٻاهر متاثر گهراڻا. (ڏسو: جدول 2.14). منصوبي هيٺ نقصان لاءِ روڪ معاوضو، حقداري آهي. تنهن هوندي به، اڏاوت جا عطيا ۽ ٻيون مراعتون اضافي امداد آهن، جن جو مقصدُ غريب طبقي جي اڏاوتي گهرجن جو ٻيهر پورائو آهي. روڪ رقم، اضافي مراعت/معاونت ۽ گذر سفر جي وسيلن ۾ مدد ۽ سڌاري جي پروگرامن جي ميلاپ مان اها اميد ڪئي وئي آهي ته اهو منصوبي جي سهڪاري مداخلتن جي نتيجي ۾، متاثر ماڻهن کي ٻيهر سڌارڻ ۽ تن جي مجموعي سماجي اقتصادي حالتن کي بهتر ڪرڻ ۾ مدد ڏيندو. جدول 4.1 اڪرم واهه جي معاوضي ۽ ٻيهر آبادڪاريءَ جي وچور کي بيان ڪري ٿي:

## 4.1 اڪرم واهه جي معاوضي ۽ حقداريءَ جو وچور (Matrix)

| درجيبندي | گم ٿيل اثاثن جو معاوضو | مراعت/معاوضو | اضافي مدد، گرانٽ/ خدمتون |
|---|---|---|---|
| الف. سرڪاري زمين جي شروعاتي هڪ سئو ڪلوميٽرن حد ۾ حددخلين کي هٽائڻ جي مهم جا متاثر ٿيل | | | |
| رهائشي اڏاوت جو مالڪ (سڀ قسم) | (قسم جي لحاظ کان) متبادل اگهه جي بنياد تي روڪ معاوضو متاثر ٿيل اڏاوت لاءِ | سواريءَ جو ڀاڙو 10000 رپيا، گڏوگڏ بي گهر ٿيڻ جو الائونس 25000 رپيا | - |
| تجارتي اڏاوت جو مالڪ (سڀ قسم) | (قسم جي لحاظ کان) متبادل اگهه جي بنياد تي روڪ معاوضو متاثر ٿيل اڏاوت لاءِ | سواريءَ جو ڀاڙو 10000رپيا، گڏوگڏ گذر سفر جي وسيلن جي بحاليءَ جو الائونس 25000 رپيا | - |
| ننڍي اڏاوت جو مالڪ | (قسم جي لحاظ کان) متبادل اگهه جي بنياد تي روڪ معاوضو | ننڍين اڏاوتن کي هٽائڻ لاءِ هڪ ڀيرو سواريءَ جو ڀاڙو (حقيقي اگهه جي بنياد تي هر هڪ جڳهه لاءِ الڳ طئه ڪيل | - |
| غربت جي لڪير هيٺ غريب گهراڻا | روڪ معاوضو متبادل اگهه جي بنياد تي (قسم جي لحاظ کان) متاثر ٿيل اڏاوت لاءِ | هڪ ڀيرو سواريءَ جو ڀاڙو 10000 رپيا گڏوگڏ بي گهر ٿيڻ جو الائونس 25000 رپيا ۽ غربت الاؤنس.25000 رپيا | — |
| ڪمزور گهراڻا | روڪ معاوضو متبادل اگهه جي بنياد تي (قسم جي لحاظ کان) متاثر ٿيل اڏاوت لاءِ | هڪ ڀيرو سواريءَ جو ڀاڙو 10000 رپيا گڏوگڏ بي گهر ٿيڻ جو الائونس 25000 رپيا ۽ ڪمزوريءَ جو الاؤنس 25000 رپيا | - |
| ڪچي جهوپڙي | - | - | سرڪاري زمين جي حد ۾ گهر اڏڻ جي اجازت، سرڪاري زمين جي حد ۾ گهر اڏڻ جي مراعت، |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | | گذر سفر جي وسيلن ۾ واڌارو |
| اڌ پڪو گهر | - | - | سرڪاري زمين جي حد ۾ گهر اڏڻ جي اجازت،<br>سرڪاري زمين جي حد ۾ گهر اڏڻ جي مراعت،<br>گذر سفر جي وسيلن ۾ واڌارو |
| پڪو گهر | - | - | سرڪاري زمين جي حد ۾ گهر اڏڻ جي اجازت،<br>سرڪاري زمين جي حد ۾ گهر اڏڻ جي مراعت،<br>گذر سفر جي وسيلن ۾ واڌارو |

خاص نقطا ۽ اضافي وضاحتون:

1. **بڻل اثاثن جو قدر**، متبادل اگهه جي بنياد تي آهي، جنهن ۾ اگهن جي قدر ۾ گهٽتائي شامل ناهي. متبادل اگهه جي ڪٽ الڳ الڳ اگهن جي قدر ڇاڻڻ جي اشارين (Indices) جي استعمال وسيلي ڪئي ويئي ۽ انهن مان سڀ کان وڌيڪ مناسب اشاريي جي چونڊ ڪئي ويئي. گهٽي ڀاڳي گهراڻن، جزوي طور، پنهنجا گهر سرڪاري زمين جي حد جي ڀرپاسي، باقي بچيل سامان کي استعمال ڪندي تعمير ڪيا آهن. روڪ معاوضو ۽ الائونسَ تن جي نون گهرن جي تعمير لاءِ استعمال ڪيا ويندا.
2. **سواريءَ جو ڀاڙو** اڌ پڪي گهر کان باقي بچيل سامان جي استعمال ۽ سامان کي جزوي طرح ٻيهر اڏاوت لاءِ ٿوري فاصلي تائين گاڏيءَ وسيلي ڍوئڻ جي طريقي تي آيلَ اصلي خرچن وسيلي ڪٿيو ويو.
3. **بي گهر ٿيڻ جو الائونس** جبري طرح بي گهر ٿيڻ جي صدمي ۽ تڪليف جي معاوضي لاءِ هڪ مهيني جي معياري گهٽ ۾ گهٽ اجرت (25000 رپيا) جي برابر آهي. اها رقم گهراڻن جي سراسري ماهوار جي آمدنيءَ جي ڀيٽ ۾ ڀيٽي آهي. هاڻوڪين مقامي حالتن کي نظر ۾ رکندي سنڌ جي ماهرن جي پينل (PoE) اها رقم مناسب رقم قرار ڏني.
4. غربت جو الائونس: گهراڻن جي غالب گهڻائي غريب آهي ۽ اهڙيءَ طرح غريب ماڻهن تي اضافي اثرن جي تلافي ڪرڻ لاءِ کين هڪ مهيني جيتري اضافي معياري گهٽ ۾ گهٽ اجرت (25000) رپيا ملندي. هاڻوڪين مقامي حالتن کي نظر ۾ رکندي، سنڌ جي ماهرن جي پينل اها رقم مناسب قرار ڏني.

5. **ڪمزوريءَ (Volnurerability) جو الائونسُ** عورتن/ بزرگن/ معذورن جي سربراهيءَ وارن گهرن لاءِ، تن جي واڌُو بار کي ڳڻپ ۾ آڻيندي، (25000) آهي. اها رقم سنڌ جي ماهرن جي پينل مناسب قرار ڏني.
6. **گذر سفر جي وسيلن جي بحاليءَ جو الائونس** ننڍن ۽ گشتي دڪانن واسطي، ازالي طور، وچايل آمدنيءَ جي مد ۾ 25000 آهي.

---

ننڍن دڪاندارن جي غالب گهڻائيءَ جون اڏاوتون نه ڍائيون ويون هيون. اهي رڳو سرڪاري زمين جي حد کان ٻاهر وڃي ويٺا هئا. تنهن هوندي به، جيئن ته حددخلين کي هٽائڻ جي مهم جي عرصي دوران جيڪي ڪجهه حقيقي/معروضي نموني موجود هو، تنهن کي ٻيهر اڏڻ ڏکيو آهي، تنهنڪري، ننڍن دڪاندارن کي پنهنجن اثاثن جو پورو متبادل قدر ۽ پڻ گذر سفر جي وسيلن جي بحاليءَ جو الائونس ازالي طور ڏنو ويندو، جيڪو سراسري آمدنيءَ جي لڳ ڀڳ ٻن مهينن کي سموهي ٿو. مناسب احتياط ٿيم پٽاندر، اهڙو ڪوبه ثبوت نه آهي، (جنهن مان چاڻجي) ته رهائشي گهراڻن، آمدنيءَ جي نقصان کي ڀوڳيو هو، ڇو ته غالب گهڻائي اجرتي مزدورن يا ٻنيءَ ٻاري تي ڪم ڪندڙ آهي، جيڪا سرڪاري زمين جي حد جي پرپاسي رهي هئي، ۽ انهيءَ پنهنجي روزگار جون سرگرميون جاري رکيون هيون.

7. **سرڪاري زمين جي حد ۾ گهر اڏڻ جي اجازت:** ڪچي ۽ اڌ پڪي گهرن جا مالڪ واپس سرڪاري زمين جي حد ۾ اچڻ جي چونڊ ڪري سگهن ٿا ته پر تن جي گهڻائي سيڌاجي نگرانيءَ هيٺ گهٽ ۾ گهٽ معيار جو گهر تعمير ڪرڻ جو عزم ڪري ٿي. پڪي گهر وارا گهراڻا هيٺ ڏنل جوازن جي بنياد تي سرڪاري زمين جي حد ۾ گهر اڏڻ جي اجازت حاصل ڪرڻ جا حقدار ناهن. (هڪ) اڏاوت جو قدر ظاهر ڪري ٿو ته اهي گهراڻا غريب نه آهن ۽ وٽن قبضي ڪرڻ جا متبادل اختيارَ (options) هئا، (ٻه) تن کي بي گهر ٿيڻ کان پوءِ سرڪاري زمينن کي قبضي ۾ وٺڻ جي گهرج ناهي، ۽ (ٽي) گهڻي ڀاڱي گهراڻا اڳيئي متبادل رهائشي بندوبست ڳولي چڪا آهن.
8. **سرڪاري زمين جي حد ۾ اڏاوت جي مراعت (Grant):** اڏاوت جي مراعت وڌ ۾ وڌ 200000 رپيا هوندي، جتي ڍٺل اثاثن جو معاوضو 200000 رپين کان گهٽ هوندو. سيڌا ڪمزور انهن گهراڻن لاءِ اضافي مدد کي يقيني بڻائيندي، جيڪي گهٽ ۾ گهٽ معيار تي پنهنجا گهر ٻاڻ نه ٺا ناهي سگهن.

**گذر سفر جي وسيلن ۾ واڌارو:** حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثر گهراڻي جو ڪوبه ڀاتي گذر سفر جي وسيلن کي وڌائڻ واري پروگرام ۾ حصي وٺڻ جو حقدار آهي.

---

**جدول 4.1 اڪرم واهه جو معاوضو ۽ حقداريءَ جو وچور**

| درجيبندي | ڍٺل اثاثن جو معاوضو | الائونس | اضافي مدد، مراعت / خدمتون |
|---|---|---|---|
| ب. آخري 16 ڪلوميٽرن ۾ حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثر نه ٿيل گهراڻا | | | |
| مرڪزي راهداريءَ ۾ رهائشي اڏاوت جو مالڪ (سڀ قسم) | (قسم جي لحاظ کان) متبادل اگهه جي بنياد تي روڪ معاوضو متاثر ٿيل اڏاوت لاءِ | هڪ ڀيرو سواريءَ جو ڀاڙو10000 رپيا، گڏوگڏ بي گهر ٿيڻ جو الائونس 25000 رپيا | |
| مرڪزي راهداريءَ ۾ رهائشي اڏاوت جو مالڪ (سڀ قسم) | (قسم جي لحاظ کان) متبادل اگهه جي بنياد تي روڪ معاوضو متاثر ٿيل اڏاوت لاءِ | هڪ ڀيرو سواريءَ جو ڀاڙو10000 رپيا، گڏوگڏ بي گهر ٿيڻ جو الائونس 25000 رپيا | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| مرڪزي راهداريءَ ۾ ننڍي اڏاوت جو مالڪ | (قسم جي لحاظ کان) متبادل اگهه جي بنياد تي روڪ معاوضو | هڪ ڀيرو سواريءَ جو ڀاڙو (حقيقي اگهه جي بنياد تي هر هڪ جڳهه لاءِ الڳ طئه ڪيو وڃي. | |
| مرڪزي راهداريءَ ۾ غربت جي لڪير هيٺ غريب گهراڻا | روڪ معاوضو متبادل اگهه جي بنياد تي (قسم جي لحاظ کان) متاثر ٿيل اڏاوت لاءِ | هڪ ڀيرو سواريءَ جو ڀاڙو 10000 رپيا گڏوگڏ بي گهر ٿيڻ جو الائونس 25,000 رپيا ۽ غربت الاؤنس.25000 رپيا | |
| مرڪزي راهداريءَ ۾ ڪمزور گهراڻا | روڪ معاوضو متبادل اگهه جي بنياد تي (قسم جي لحاظ کان) متاثر ٿيل اڏاوت لاءِ | هڪ ڀيرو سواريءَ جو ڀاڙو 10000 رپيا گڏوگڏ بي گهر ٿيڻ جو الائونس 25000 رپيا ۽ ڪمزوريءَ جو الاؤنس.25,000 رپيا | |
| مرڪزي راهداريءَ ۾ ڪچي جهوپڙي | | | سرڪاري زمين جي حد ۾ گهر اڏڻ جي اجازت<br>سرڪاري زمين جي حد ۾ گهر اڏڻ جي مراعت<br>گذر سفر جي وسيلن ۾ واڌارو |
| مرڪزي راهداريءَ ۾ اڌ پڪو گهر | | | سرڪاري زمين جي حد ۾ گهر اڏڻ جي اجازت<br>سرڪاري زمين جي حد ۾ گهر اڏڻ جي مراعت<br>گذر سفر جي وسيلن ۾ واڌارو |
| مرڪزي راهداريءَ ۾ پڪو گهر | | | سرڪاري زمين جي حد ۾ گهر اڏڻ جي اجازت<br>سرڪاري زمين جي حد ۾ گهر اڏڻ جي مراعت |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | | گذر سفر جي وسيلن ۾ واڌارو |

* اڏاوت جي مراعت وڌ ۾ وڌ 200000 رپيا هوندي، جتي ڍڳل اثاثن جو معاوضو 200000 رپين کان گهٽ هوندو.

خاص نقطا ۽ اضافي وضاحتون: 1. پڇاڙڪن سورهن ڪلوميٽرن ۾ مرڪزي راهداريءَ منجهه موجود ماڻهن جون حقداريون اُهي ئي آهن جيڪي مهڙين هڪ سئو ڪلوميٽرن ۾ حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثر ٿيل ماڻهن جون هيون. 2. **سرڪاري زمين جي حد ۾ اجازت؛** سرڪاري زمين جي حد ۾ مرڪزي راهداريءَ جي ايراضيءَ وچ ۾ ڪچا ۽ اڌ پڪا گهراڻا، سرڪاري زمين جي حد ۾ اجازت واري پروگرام ۾ شرڪت ڪري سگهن ٿا. سيڊا / ايريا واٽر بورڊ هر ڪنهن گهر جي گهٽ ۾ گهٽ معيار تائين پهچڻ کي يقيني بڻائڻ لاءِ انفرادي نوعيت جا بندوبست ڪندا. شايد ڪن اڌ پڪن گهرن کي ڦيرڦار ڪرڻ جي گهرج نه پوندي. ڪن اڌ پڪن گهرن ۽ سيني ڪچين جهوپڙين کي بهتر حالت ۾ آڻڻ جي گهرج پوندي ۽ تن کي گهر اڏڻ واري مراعت ملندي، جيئن وڌ ۾ وڌ مناسب آهي. 3. سرڪاري زمين جي حد ۾ مرڪزي راهداريءَ ۾ رهندڙ پڪن گهراڻن کي پريشان نه ڪيو ويندو، پر اهي ڪنهن به گهر اڏڻ جي مراعت يا فائدن جا حقدار نه هوندا.

| درجيبندي | معاوضو |
|---|---|
| ب. مڪمل 116 ڪلوميٽرن لاءِ مرڪزي راهداريءَ ۾ منصوبي جا متاثر ٿيل اثاثا | |
| خانگي اڏاوتون | پوري متبادل خرچ تي روڪ معاوضو |
| فصل/ وڻ | پوري متبادل خرچ تي روڪ معاوضو |
| عوامي گروهن جا اثاثا | سيڊا جي نگرانيءَ ۽ منظوريءَ وسيلي عوامي گروهه سان مشاورت ۾ ٺيڪيدار وسيلي موٽايا ويندا |
| عوامي اثاثا | سيڊا جي نگرانيءَ ۽ منظوريءَ وسيلي عوامي مشاورت ۾ ٺيڪيدار وسيلي موٽايا ويندا |
| پ. زمين وڻڻ جي ڪري سرڪاري زمين جي حد کان ٻاهر متاثر ٿيل گهراڻا/اثاثا | |
| فصل/ وڻ | پوري متبادل خرچ تي روڪ معاوضو |
| ڪاتيدار مالڪن کان زمين وڻڻ | منڊيءَ جي شفاف قدر جي ظاهر ڪرڻ لاءِ سيڊا/ايريا واٽر بورڊن ۽ زمين جي مالڪن وچ ۾ ڳالهيون ٿينديون؛ معاهدي تي ڳالهه ٻولهه جي غيرموجودگيءَ ۾ سيڊا/ايريا واٽر بورڊ مجاز اختياريءَ وارا اختيار استعمال ڪندو. |
| تجارتي ادارا/ڪارخانا | پوري متبادل خرچ تي روڪ معاوضو، واڌو گذر سفر جي وسيلن جي بحاليءَ جي مدد، جيڪڏهن گهربل آهي. |

## 4.5 آخري تاريخون

حددخلين کي هٽائڻ جي مهم جي حقدارين لاءِ آخري تاريخ 21 جولاءِ 2021ع طئه ڪئي وئي آهي. هيءَ اها تاريخ آهي، جڏهن سروي شروع ڪئي وئي. (حددخلين کي هٽائڻ جي مهم جي دربدري مارچ 2021ع ۾ واقع ٿي هئي). متاثر ٿيل اڏاوتن جي فهرست جولاءِ-آگسٽ 2021ع ۾ ڪيل ڳڻپ (Census) وسيلي

قائم ڪئي وئي هئي، جيڪا مقامي سطح تي حددخلين ڪي هٿائڻ جي مهم جي متاثر ماڻهن ۾ ظاهر ڪئي وئي هئي ته جيئن مستقبل ۾ ڪنهن به جعلي دعوائن جي حوصلي شڪني ٿي سگهي. فهرست جي وڌيڪ تصديق ۽ توثيق اپريل 2022ع ۾ مناسب احتياط جي اپياس دوران ڪئي ويئي. نظر ثاني ٿيل ۽ تازي حالت ۾ آندل فهرست ڪل 1246 گهراڻن ۽ تن سان گڏ 3159 اڏاوتن (رهائشي، تجارتي ۽ ٻين) جي تصديق ڪئي آهي. انهيءَ فهرست (ڏسو: جلد ٻيو، اڪرم واهه، سنڌ – پاڻي ۽ زراعت جي هيئتي تبديليءَ جو منصوبو، فهرست) ڪي اصلاحي اپائن سان لاڳاپيل حقدارين جي سڃاڻپ ۽ ترسيل لاءِ ماخذي ڪتاب طور، استعمال ڪيو ويندو. تنهن ڪري، ڪوبه ماڻهو /گهراڻو جيڪو فهرست ۾ شامل ناهي، اُهو ڪنهن به معاوضي جو حقدار نه هوندو جيستائين شڪايتن جي تدارڪ جي ڪميٽيءَ، باقاعدگيءَ سان، ڪنهن به شڪايت تي نظرثاني ۽ انهيءَ جي منظوري نه ڏني هجي. زمين ونڻ جي آخري تاريخ (تاريخون) لاڳاپيل ضلعي جي ڊپٽي ڪمشنر پاران زمين جي حاصلات جي ائڪٽ 1884ع هيٺ جاري ڪيل قانوني اعلان نامي (Notification) جي تاريخ هوندي.

### 4.6 اثاثن ۽ ٻين الائونسن لاءِ يونٽ جا اگهه

سنڌ اريگيشن ۽ ڊرينيج اٿارٽي متاثر ٿيل مختلف اثاثن جي قدر تي احتياط سان غور ڪيو آهي؛ اُن هنن نقطن تي غور ڪيو: (الف) مقامي منڊيءَ جا اگهه، مختلف تعميراتي سامان جي لاڳت؛ (ب) ماهراڻي چاڻ ۽ ڪٿ؛ (ٻ) (سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن وسيلي) گهٽ خرچ جي گهر واري منصوبي لاءِ سنڌ حڪومت جا منظور ٿيل اگهه، ۽ (پ) حيدرآباد جي ڪچي آبادين ۾ علائقن جي تعمير لاءِ وفاقي روينيو بورڊ جا اعلانيل (Notofied) اگهه. متبادل اگهه جي ڪاٿي لڳائڻ لاءِ سنڌ اريگيشن ۽ ڊرينيج اٿارٽي مختلف اگهن جي چنڊڇاڻ ڪئي. سنڌ اريگيشن ۽ ڊرينيج اٿارٽيءَ جيڪي اگهه ڪتب آندا، اُهي صوبي ۾ ٻي هر ڪنهن هنڌ تي ساڳيا ۽/يا ان کان وڌيڪ آهن. مثال طور، پڪين اڏاوتن لاءِ سنڌ اريگيشن ۽ ڊرينيج اٿارٽيءَ جي اگهَن (يعني 1134 رپيا في چورس فٽ) ڪي سنڌ ۾ گهٽ لاڳت سان گهرن جي تعمير واري منصوبي جي اگهن 582 في چورس فٽ (ٽيئر گارڊر تي سرن واري ڇت) ۽ ڪچي آبادين جي 556 في چورس فٽ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ چاتو. استعمال ٿيل في يونٽ اگهن کي اڪرم واهه ذيلي منصوبي لاءِ ماهرن جي پينلَ، 30 جون 2022ع تي منعقد ٿيل پنهنجيءَ ٻيءَ گڏجاڻيءَ ۾ وڌيڪ نظرثاني ڪئي. ماهرن جي پينل سنڌ اريگيشن ۽ ڊرينيج اٿارٽيءَ جي اگهن کي "مناسب" چاڻي منظور ڪيو. ماهرن جي پينل جي ميمبر چيو: "سنڌ اريگيشن ۽ ڊرينيج اٿارٽيءَ جا اگهه ٻين اگهن کان ڪنهن قدر وڌيڪ آهن." ٻين درجيبندين جيئن اڌ پڪا گهر ۽ ڪچا گهر، لاءِ ٿوري گهٽي فرق سان ساڳيا اگهه، متبادل اگهه جو پورائو سمجهيا ويا. جدول 4.2 قسمن جي لحاظ کان مختلف اڏاوتن جي في يونٽ اگهن تي ٻڌل آهي.

**جدول 4.2 قسمن جي لحاظ کان مختلف اڏاوتن جا في يونٽ اگهه**

| نمبر | تفصيل | اڏاوت جو قسم | في يونٽ اگهه |
|---|---|---|---|
| 1 | رهائشي اڏاوت | پڪيون اڏاوتون | 1134.00 |
| | | اڌ پڪيون اڏاوتون | 523.00 |
| | | ڪچيون اڏاوتون | 310.00 |
| 2 | تجارتي اڏاوت | پڪيون اڏاوتون | 1134.00 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | اڌ پڪيون اڏاوتون | 523.00 |
| | | ڪچيون اڏاوتون | 310.00 |
| 3 | ڪي پيون | پڪيون اڏاوتون | 1134.00 |
| | | اڌ پڪيون اڏاوتون | 523.00 |
| | | ڪچيون اڏاوتون | 310.00 |

حددخلين کي هٽائڻ جي مهم جا سڀ متاثر (رهائشي ۽ تجارتي) روڪ معاوضي واري پيڪيج جا حقدار آهن. گذر سفر جي وسيلن ۽ ڪمزور گروهن لاءِ هڪ پيرو روڪ امداد جا اگهه، مقامي حالتن ۽ مشقن تي ٻڌل آهن، جن جي پوئواري پاڪستان ۾ عالمي بئنڪ جي مالي مدد سان هلندڙ ٻين منصوبن ۾ ڪئي پئي وڃي. الائونسن ۽ ٻين پيڪيجن لاءِ جواز تي اڳيئي خاص نقطن ۽ اضافي وضاحتن هيٺ حقدار جي وچور ۾ بحث ڪيو ويو آهي. اڏاوتن ۾ بهتري، ۽ ٻي غيرنقدي امداد ـ مثال طور، متاثر ٿيل ماڻهن ۽ ڪمزور گروهن جي سکيا واري مدد وغيره تي لاڳاپيل حصن ۾ بحث ڪيو ويو آهي. پچاڙيءَ ۾، اثاثن (يعني: زمين، وڻن ۽ فصلن وغيره) لاءِ في يونٽ اگهه، جيڪي ڪاتيدار مالڪن کان حاصل ڪيا ويا آهن، اُهي ڳالهه ٻولهه وسيلي طئه ڪيل اگهه هوندا.

## باب پنجون
## اصلاحي عملي رٿا، ٻيهر آبادڪاريءَ جي عملي رٿا
## ۽ گذر سفر جي وسيلن ۾ واڌارو

### 5.1 تعارف

هيءُ باب انتظامي اپائن کي پيش ڪري ٿو جيڪي: (هڪ) اصلاحي عملي رٿا (CAP) جي بارن (Legacies)، (ٻه) پاڻيءَ جي ڊانچن لاءِ زمين جي حاصلات واسطي ٻيهر آبادڪاريءَ جي عملي رٿا (RAP) جي سلسلي ۾ ٻيهر آبادڪاريءَ جي عملي ڊانچي، ۽ (ٽي) منصوبي جي منظور ڪيل گذر سفر

جي وسيلن ۾ واڌاري واري پروگرام جي معاملن کي نبيرڻ لاءِ کنيا ويا آهن. عملدرآمدي بندوبستن تي باب ڇهين ۾ بحث ڪيو ويو آهي.

## 5.2 حددخلين کي هٽائڻ جي مهم ۾ اڏاوتن جي نقصانن لاءِ اصلاحي عملي رٿا جا بار

اڏاوتن جي نقصانن ۽ اضافي الاؤنسن لاءِ حددخلين کي هٽائڻ جي مهم جي روڪ معاوضي جو مطلب آهي اڏاوت جون گهرجون، جيڪي حددخلين کي هٽائڻ جي مهم جي ڪارروايين دوران واقع ٿيندڙ ڊاهيءَ ۽ دربدريءَ مان اپريون. جدول 5.1 سراسري ڪَٿيلَ معاوضي جي رقم متاثر ٿيل گهراڻن (رڳو رهائشي اڏاوتن) لاءِ پيش ڪري ٿي. اهليت ۽ لاڳو ڪيل اگهن پٽاندر، پڪن، اڌ پڪن ۽ ڪچن رهائشي اڏاوتن لاءِ سراسري ڪٿيل روڪ معاوضو ترتيبوار 976774 رپيا، 214153 رپيا ۽ 66185 رپيا آهي.

**جدول 5.1 اڏاوتن جي قسم جي حساب سان سراسري ڪَٿيلَ معاوضو**

| تفصيل | اڏاوت جي درجيبندي | اڏاوت جو قسم | اڏاوت جو انگ | متاثر ايراضي/چورس فٽ | متاثر گهراڻن جو انگ | في يونٽ جو اگهه رپين ۾ | معاوضي جي ڪل رقم رپين ۾/ملين | سراسري رقم رپين ۾/ في گهراڻو |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| رهائشي اڏاوت | گهر (رهڻ جا ڪمرا، ورانڊو، رڌڻو ۽ حاجت خانو | پڪي اڏاوت | 194 | 54265.24 | 63 | 1134.00 | 61.537 | 976774 |
| | | اڌ پڪي اڏاوت | 2201 | 334127.42 | 816 | 523.00 | 174.749 | 214153 |
| | | ڪچي اڏاوت | 278 | 36508.63 | 171 | 310.00 | 11.318 | 66185 |

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (SRSO) پٽاندر گهٽ لاڳت واري (ڪچي جهوپڙيءَ جو) اگهه 200000 رپيا آهي، تنهن ڪري، جيئن جدول مان ظاهر آهي، ڪچي گهر جي پيهر تعمير/ انهيءَ کي بهتر حالت ۾ آڻڻ لاءِ 134000 رپين جي کوٽ آهي. سيڊا غريب ۽ ڪمزور جي اڏاوتي حالتن کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ اضافي مدد فراهم ڪندي ته جيئن سنڌ جي گهٽ لاڳت واري اڏاوتي گهرجن جو پورائو ڪري سگهجي. ڪچي درجيبنديءَ جو معاوضو ۽ غريبن لاءِ اڏاوتن ۾ بهتريءَ واسطي اضافي مدد، گهرن جي تعمير دوران، دستياب هوندي ته جيئن سيڊا جي نگرانيءَ هيٺ سرڪاري زمين جي حد ۾ ۽ ڊزائن جي معيارن ۽ اعليٰ معيار مطابق گهر پيهر اڏي سگهجن.

### 5.2.1 اصلاحي عملي رٿا هيٺ رقم جي ادائگيءَ جا طريقيڪار ۽ مرحلا

اصلاحي عملي رٿا هيٺ، حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثر هر هڪ گهراڻو، معياري اصلاحي عملي رٿا جا الائونسَ حاصل ڪري ٿو (حوالو: جدول 4.1، حقداريءَ جو وچور). گهٽ ۾ گهٽ پاڳي، خاندانن لاءِ اهو 60000 رپيا هوندو (يعني، دربدري، گهٽ آمدني/غربت جي لڪير کان هيٺ آمدني ۽ سواري الاؤنسُ، جيئن حقداريءَ واري وچور ۾ ڄاڻايل آهي). جڏهن ته عورتن جي سربراهيءَ/معذور گهراڻن لاءِ اُها رقم 85000رپيا هوندي. اصلاحي عملي رٿا هيٺ، ادائگيءَ جي معاوضي، الائونسن ۽ اڏاوتن ۾ بهتريءَ ۽ تن جي پيهر اڏاوت لاءِ اضافي مدد واسطي، هيٺيان چار ادائگيءَ جا مرحلا اختيار ڪيا ويندا.

پهريون قدم: حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثر سمورا ماڻهو، فوري طور، پنهنجا الائونسَ حاصل ڪندا. پنهنجن الائونسن کي حاصل ڪرڻ جي عمل ۾، کين به اختيار (Options) ڏنا ويندا، هڪ، ته اهي گهر اڏڻ واري پروگرام ۾ شرڪت ڪن ۽ سيڊا جي اجازت سان، هڪ معاهدي ۾ داخل ٿين؛ يا ٻه، گهر اڏڻ واري پروگرام ۾ شرڪت نه ڪن.

- جيڪڏهن ڪو گهراڻو اختيار هڪ چوندي ٿو ته اهو "ٻي" قدم ڏانهن وڃي سگهندو.
- جيڪڏهن ڪو گهراڻو اختيارُ "ٻه" چوندي ٿو ته تنهن کي سئو سيڪڙو ادائگي ڊٺل اثاثن جي مد ۾ ادا ڪئي ويندي ۽ اُهي (گهراڻا) تصديق ڪندا ته اهي سرڪاري زمينن تي قبضو ڪندڙ ناهن ۽ نه ئي اڳتي قبضو ڪندا.

- ٻنهي صورتن ۾، حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثر ماڻهو گذر سفر جي وسيلن جي واڌاري جي حوالي کان پنهنجيون ترجيحون (جهڙوڪ، هنري تربيت، اڪرم واهه جي اڏاوت ۾ روزگار) سيڊا پاران مستقبل ۾ پيروي ڪرڻ لاءِ فراهم ڪندا.

ٻيو قدم: تن لاءِ، جيڪي اختيار "هڪ" جي چونڊ ڪن ٿا:

- سيڊا ۽ گهراڻو، گڏيل نموني، سرڪاري زمين جي حد اندر هڪ قبولڻ جوڳي جاءِ تي، لکت ۾، متفق ٿيندا. سيڊا جاگرافيائي مربوط سرشتي سان، سپني سهمتي جاين جي هڪ اساسي ڊيٽا رکندي. اهڙي جاچ، روينيو کاتي سان، سندن معلومات لاءِ ونڊي ويندي.
- جاءِ جي زميني ماڳ (Site location) جي معاهدي تي صحي کان پوءِ، دستخط ڪرڻ تي، سيڊا ڊٺل اثاثن جو 50 سيڪڙو معاوضو ــ انهيءَ سان گڏ گهر کي بهتر حالت ۾ آڻڻ جي اضافي مدد، ڏيندي.

ٽيون قدم: تن لاءِ جيڪي اختيار "هڪ" جي چونڊ ڪن ٿا:

- سيڊا هڪ گهراڻي کي گهرج پٽاندر مدد فراهم ڪرڻ لاءِ هڪ غير سرڪاري تنظيم کي خدمتن لاءِ پرتي ڪندي ته جيئن سرڪاري زمين جي حد اندر مناسب رهائشي تعمير کي يقيني بڻائي سگهجي. تنهن ۾ نلڪا، صفائي، سولر جا پينل ۽ گئس جي چلهن جو بندوبست ۽ سکيا ــ جيئن ضروري هجي، شامل آهن. گهرج جي حساب سان، ڪمزورن (عورت/ بزرگ/ معذور) کي اضافي مدد اُنهيءَ صورت ۾ ڏني ويندي، جڏهن اهي پنهنجو گهر پاڻ ناهي نه سگهندا هجن.
- لڳ ڀڳ اڌ گهر جي مڪمل ٿيڻ تي، سيڊا باقي 50 سيڪڙو اثاثن جي معاوضي جي مد ۾ ڏيندي (اضافي ادائگيءَ سميت، جيئن مناسب هجي) ته جيئن گهراڻو اڏاوت مڪمل ڪري سگهي.


چوٿون قدم: گهر جي اڏاوت جي مڪمل ٿيڻ تي، سيڊا هر هڪ گهراڻي لاءِ تڪميلي رپورٽ تيار ڪندي، جنهن تي گهراڻو صحي ڪندو. اها تصديق ڪرڻ لاءِ ته سيپئي واعدا پورا ڪيا ويا آهن ۽ جيڪڏهن گهراڻو مطمئن ناهي ته سيڊا اصلاح ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي ۽ جيڪڏهن ضروري هجي ته شڪايت جي ازالي جي طريقيڪار وسيلي اختلاف نبري سگهن ٿا.

اڪرم واهه جي ايگزيڪيوٽو انجنيئر جي دفتر وسيلي، اصلاحي عملي رٿا جي ادائگين کي عمل ۾ آندو ويندو. معاوضي جا چيڪ ضلعي خزاني جي دفتر جي رستي جاري ڪيا ويندا ۽ لاڳاپيل ايريا واٽر بورڊن جي دفتر وسيلي جسماني طور حددخلين کي هٽائڻ جي مهم جي متاثرن جي حوالي ڪيا ويندا. معاوضي جا چيڪ وصول ڪرڻ لاءِ حقدار گهراڻن کي قومي شناختي ڪارڊ (NIC) ۽ مقامي بئنڪ ۾ بئنڪ اڪائونٽ جي گهرج پوندي. ايريا واٽر بورڊ جو عملو مقامي بئنڪن ۾ اڪائونٽ کولرائڻ لاءِ اڪائونٽ نه رکندڙ ماڻهن جي مدد ڪندو. (انهيءَ سلسلي ۾) عورتن جي سربراهيءَ ۾ هلندڙ گهراڻن ۽ ٻين ڪمزور ماڻهن (جيئن بزرگ، وغيره) تي خاص ڌيان ڏنو ويندو ــ مثال طور، ادائگيءَ جي مقصدن لاءِ قومي سڃاڻپ ڪارڊ جو هئڻ يا بئنڪ اڪائونٽ کولڻ ۾ مدد ۽ تعاون.

## 5.2.2 مخصوص ماڳ (On-Site) تي پيهر آبادڪاري ۾ اڏاوتن ۾ بهتري

حددخلين کي هٽائڻ جي مهم جي ڪري بي گهر ٿيل گهراڻن کي مهم جي ڪارروائين کان پوءِ ہئي هنڌ لڏڻو پيو هو. شڪل 5.1 سروي جي ڊيٽا جي بنياد تي، پيهر آبادڪاريءَ جي هاڻوڪي صورتحال کي بيان ڪري ٿي:

- الف – 1: حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثر گهراڻن جو لڳ ڀڳ 30 سيڪڙو سرڪاري زمين جي حد ۾ ترسيو هو.
- الف – 2: وڏي اڪثريت (55 سيڪڙو) سرڪاري زمين جي حد ۾ پيهر لڏي اچي ويٺي هئي.
- الف – 3: حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثر گهراڻن جو لڳ ڀڳ 30 سيڪڙو علائقي کان هليو ويو هو.
- **شڪل 5.1: پيهر آبادڪاريءَ جي تازي صورتحال**





اهي ماڻهو جيڪي اڳ ۾ ئي (حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان پوءِ) سرڪاري زمين جي حد ۾ پيهر آباد ٿي چڪا آهن. تن کي سيڊا جي نگرانيءَ ۾ هلندڙ مخصوص ماڳ (On-Site) ۾ پيهر آبادڪاريءَ جي رٿا ۾ اڏاوتن ۾ بهتريءَ جي پروگرامن هيٺ رهڻ جي اجازت ڏني ويندي. آر – 1، اندر حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثر گهراڻا، ڪچين جهوپڙين وارا ۾ ڪن مثالن ۾ اڌ پڪين اڏاوتن جا مالڪَ، منصوبي هيٺ اڏاوتن ۾ بهتريءَ لاءِ اهل هوندا. (ڏسو: 5.2.5). جيڪي آر – 2 ۾ (حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثر نه ٿيل) آهن، (پر) جيڪڏهن منصوبي جي تعمير دوران بي گهر ٿيا آهن ته اهي پڻ دستياب سرڪاري زمين جي حد ۾ لڏپلاڻ جي سلسلي ۾ ۽ اڏاوتن ۾ بهتريءَ جا ساڳيا ئي فائدا حاصل ڪندا.

هاڻوڪي دستياب سرڪاري زمين جي حد تي مخصوص ايراضيءَ تي (On-Site) اڏاوت/ انهيءَ ڏانهن لڏڻ (Relocation) حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثر ٿيل گهراڻن لاءِ سڀ کان وڌيڪ حقيقي ۽ بهترين چوند سمجهي ويئي آهي (ڏسو ضميمو: 3 "مخصوص ايراضيءَ تي لڏپلاڻ لاءِ دستياب علائقي لاءِ). مخصوص ايراضيءَ واري پيهر آبادڪاري، عمومي طرح، جيڪي جتي آهن، تن کي اُتي رهڻ جي اجازت ڏيندي ۽ حالت ۾ بهتري آڻين ۽/يا سرڪاري زمين جي حد اندر ڪنهن (ٻيءَ جاءِ) لڏڻ ۾ سيڊا جي

رهنما اصولن پٽاندر نئين سر تعمير ڪن. رٿيل مخصوص ايراضيءَ تي ٻيهر آبادڪاري لاءِ، سيڌا گهربل زمين جا ٽڪرا اُتي ڏيندي، جتي انهن جي گهرج آهي ۽ اُها ٻيهر اڏاوت لاءِ هاڻوڪين رهائشن کي ٻيهر منظم ڪندي ۽ اڏاوتن ۾ بهتريءَ جي عمل جي نگراني ڪندي. نتيجي ۾، رڪاوٽون محدود ٿي وينديون، چاڪاڻ ته جيڪي بي گهر ٿي ويا هئا، اهي پنهنجين رهائش جي اصل ماڳن ويجهو، (گهر) ٻيهر تعمير يا اڏڻ جوڳا ٿيندا. منصوبي کان اڳ وارين جيئڻ جي سطحن کي ٻيهر حاصل ڪرڻ لاءِ، هن حڪمت عمليءَ کي منصوبي کان محدود سماجي يا روزگار جي گهرج هوندي. اڪرم واهُه، غير رسمي آبادڪارن جي ٻيهر آبادڪاريءَ جي ڏس ۾ هڪ اڳتي قدم آهي ۽ اُهو تجويزيل ٻيهر آبادڪاريءَ ۽ بحاليءَ جي پاليسيءَ، جيڪا سنڌ حڪومت پوري صوبي ۾ غيرقانوني آبادڪاريءَ کي قانوني شڪل ڏيڻ لاءِ تيار ڪري رهي آهي، وسيلي پوريءَ سنڌ لاءِ مشق جو هڪ سٺي مثال طور ڪم اچي سگهي ٿي.

شڪل 5.2 تناظر ـ اي ۾ سرڪاري زمين جي حد ۾ حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان پوءِ آبادڪاريءَ جي تشريح ڪندڙ هڪ ابتدائي ڊرائنگ مهيا ڪري ٿي. جڏهن ته تناظر ـ ب ڏيکاري ٿو ته ڪيئن نگرانيءَ هيٺ ڪيل لڏپلاڻ جو انتظام ڪيو ويندو، تنهن ۾ ليفٽ بئنڪ ايريا واٽر بورڊ جي عملي پاران سرڪاري زمين جي حد جو تحفظ ۽ بندوبست شامل آهي. انهيءَ کي تفصيلي ماڳ تي نفاذ جي تفصيلي رٿا منجهه وڌيڪ تبديلُ ۽ واضح ڪيو ويندو.

**شڪل: 5.2: نگراني هيٺ لڏپلاڻ يل منصوبي جو ابتدائي خاڪو**



### 5.2.3 اڏاوتن ۾ بهتريءَ لاءِ قدمَ ۽ مرحلا

سيڊا ۽ ايريا واٽر بورڊ، اڏاوتن ۾ بهتريءَ لاءِ مقامي ڪميٽين (LCHU) سان مشاورت وسيلي اڏاوتن ۾ بهتريءَ ۽/يا ٻيهر اڏاوت لاءِ رٿابنديءَ واسطي هيٺيان قدم لاڳو ڪندا. ماڳ تي مخصوص (-Site specific) اڏاوتن ۾ بهتريءَ لاءِ مقامي ڪميٽيون متاثر گهراڻن/ عوامي گروهن کي شامل ڪرڻ لاءِ ٺاهيون وينديون. جن ۾ متاثر گهراڻن جا نمائندا، عوامي گروهن جا اڳواڻ/ملڪَ، مقامي نوجوان، عورتون، مقامي دڪاندار وغيره شامل هوندا ته جيئن مقامي گهرجن لاءِ، اڏاوتن ۾ بهتريءَ ۽ ٻيهر آبادڪاريءَ جو پروگرام وڌيڪ متحرڪ ۽ موٽ ڏيندڙ بڻائجي. اڏاوتن ۾ بهتريءَ لاءِ مقامي ڪميٽيون هڪ شراڪتي عملي ڍانچو هونديون؛ ۽ اهڙيءَ طرح، رٿابنديءَ ۽ بهتر حالت ۾ آڻڻ وارن پروگرامن جي پوئواريءَ ۾، سيڊا ۽ مقامي عوامي گروهه جي ميمبرن وچ ۾ مالڪي ۽ پروسو يقيني پيدا ٿيندو. اڏاوتن ۾ بهتريءَ لاءِ، ڊزائن ۽ عملدرآمدي انتظام واري قدمن ۽ مرحلن جي حوالي ڪان، مقامي ڪميٽين وسيلي، اڏاوتن ۾ بهتريءَ لاءِ، سيڊا/ايريا واٽر بورڊ، حددخلين کي هٽائڻ جي مهم ڪان متاثر گروهن ۽ ٻين سان مشاورتي گڏجاڻيون منعقد ڪندا. انهن قدمن ۽ مرحلن کي جدول 5.2 ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

**جدول:** اڏاوتن ۾ بهتريءَ **لاءِ قدمَ ۽ مرحلا:**

| قدم | اڏاوتن ۾ بهتريءَ ۽ سڌارڻ لاءِ مرحلا ۽ فيصلا |
|---|---|
| پهريون قدم | حددخلين کي هٽائڻ جي مهم ڪان متاثرن جي رهائش/هڪ جاءِ ڪان ٻي جاءِ لڏڻ جي تفصيلن سميت ايريا واٽر بورڊ ڪان اڏاوتن ۾ بهتريءَ جي منظوري |
| ٻيو قدم | مخصوص ماڳ تي معروضي تصديق، اڏاوتن ۾ بهتريءَ لاءِ مقامي ڪميٽين سان مشاورت ۽ اهل گهراڻن جي حتمي فهرست |
| ٽيون قدم | اڏاوتن ۾ بهتريءَ لاءِ اهل گهراڻن سان فردي رابطو |
| چوٿون قدم | مختلف ڪميٽين جو قيام (جيئن، شڪايتن جي تدارڪ، عملدرآمدي ۽ نگراني ڪميٽيون |
| پنجون قدم | ڊزائن ۽ تيڪنيڪي/صلاحڪاري خدمتن ۽ تعميراتي معيار جي نگرانيءَ لاءِ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (SRSO) کي معاوضي تي لهه وچڙ ۾ آڻڻ ۽ تحرڪُ (Mobilization) |
| ڇهون قدم | انفرادي گهراڻن جي ڊزائن جي مڪمل دستاويزي بنديءَ ۽ تعمير ڪان اڳ منظوري |
| ستون قدم | ٻيهر تعمير جي مرحلن کي هٿي ڏيڻ لاءِ اهل انفرادي گهراڻن کي عطين/الاؤنسن جي ادائگي |
| اٺون قدم | ضلعي روينيو دفتر پاران حددخلين کي هٽائڻ جي مهم ڪان متاثر ٿيڻ ڪان پوءِ ٻيهر آباد ٿيندڙن کي سرڪاري زمين جي حد ۾ اڏاوت جي اجازت لاءِ دستاويز بندي |
| قدم نائون | ٻيهر آباد ٿيندڙن کي، سرڪاري زمين جي حد ۾، قانوني ڪاغذ جي سپردگي |
| قدم ڏهون | سيڊا/ايريا واٽر بورڊ جي اڏاوتن ۾ بهتريءَ/ٻيهر آبادڪاريءَ واري نگهباني، ۽ داخلي ۽ ٽينءَ ڌر جي نگراني |

### 5.2.4 **غريبن لاءِ** اڏاوتن ۾ بهتري

جيئن اڳ ذڪر ڪيو ويو، ڪچين جهوپڙين جي مالڪن کي سراسري طور تي 66000 رپيا معاوضو ملندو. جڏهن ته اڌ پڪن ۽ پڪن گهراڻن کي ترتيبوار 214152 رپيا ۽ 976774 رپيا معاوضو ملندو.

اُهو ٻنهي صورتن ۾ سنڌ ۾ گهٽ لاڳت واري گهر جي تعمير لاءِ 200000 جي ڪٿيل لاڳت جي پيٽ ۾ ڪافي آهي. اِهو عمومي اصول اختيار ڪيو آهي ته اصلاحي عملي رٿا انهيءَ ڳالهه کي يقيني بڻائيندي ته هر متاثر گهراڻي کي سرڪاري زمين جي حد ۾ يا (ٻي جاءِ تي، جتي گهراڻن وٽ ڪا ٻي مناسب جاءِ هجي، اُتي) گهر اڏڻ لاءِ مناسب فنڊ موجود هوندا. اهڙي مالي امداد، گهٽ ۾ گهٽ، سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جي گهٽ لاڳت واري اڏاوتي معيارن سان ٺهڪندڙ هوندي. هيٺ ڏنل فارمولي کي لاڳو ڪرڻ وسيلي انهيءَ کي يقيني بڻايو ويندو:

پاڪستاني رپيا 200،000 – گهراڻي جو ڪل قدرُ، اصلاحي عملي رٿا وسيلي بدلي اڏاوت جي حقداري = سيدا جو اڏاوتي عطيو.

مثال طور، جيڪڏهن هڪ غريب گهراڻي وٽ حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان اڳ ڪچي اڏاوت آهي ته اصلاحي عملي رٿا هيٺ بدلي اڏاوتن لاءِ اُهو 66000 رپين جو حقدار آهي، پوءِ گهراڻو اضافي 134,000 رپيا امدادي عطيي طور حاصل ڪندو ته جيئن اهي 200000 رپين جي لڳ ڀڳ رقم مان گهر ٺاهي سگهن. انهيءَ طرح، اڏاوت لاءِ عطيي جو قدرُ، اصلاحي عملي رٿا وسيلي، گهراڻي جي بدلي اڏاوت واري حقداريءَ تي دارومدار رکي ٿو. جتي اڏ پڪي گهر کي روڪ معاوضو 200000 رپين کان گهٽ ملي ٿو، ته اهڙين حالتن ۾، سيدا اڏ پڪي گهر جي ٻيهر تعمير لاءِ لاڳت ۾ آيل فرق فراهم ڪندي. جدول 5.3 مخصوص ماڳ تي ٻيهر آبادڪاريءَ ۽ اڏاوتن ۾ بهتريءَ جي باري ۾ وڌيڪ تفصيل فراهم ڪري ٿي.

**جدول 5.3:** اڏاوتن ۾ بهتري – **ڪليدي عنصر**

| حڪمت عملي | اهم عنصر |
|---|---|
| مخصوص ايراضيءَ ۾ ٻيهر آبادڪاري ۽ اڏاوتن ۾ بهتري | 1. اهل گهراڻا اُهي آهن، جيڪي سنڌ جي گهٽ لاڳت واري اڏاوتي معيارن جي پورائي ڪرڻ لاءِ، گهرن کي بهتر حالت ۾ آڻڻ واسطي، سرڪاري زمين جي حد ۾ (يا ٻي ڪنهن مناسب جاءِ تي) لڏي ويهڻ گهرن ٿا<br>2. ڪچين جهوپڙين وارا گهراڻا گهٽ ۾ گهٽ معيار تي اڏاوتن ۾ بهتريءَ لاءِ (روڪ معاوضي ۽ ڪٿيل لاڳت ۾) فرق جا اهل هوندا. مثال طور66000 + = 200000134000<br>3. جتي اڏ پڪن گهرن جي مالڪن کي 200000 رپين کان گهٽ رقمَ معاوضي طور ملي ته اهڙين صورتن ۾، اُهي اضافي عطيي جا اهل هوندا ته جيئن ٻيهر تعمير لاءِ گهٽ ۾ گهٽ رقم 200000 رپين سان ٺهڪي سگهن.<br>4. منصوبو، سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن وسيلي مالڪن/ آبادڪارن جي پسنڌُن پٽاندر ڊزائن ۽ تعمير کي بهتر حالت ۾ آڻڻ لاءِ صلاحڪاري مدد فراهم ڪندو.<br>5. حقدار گهراڻا پنهنجو 50 سيڪڙو روڪ معاوضو، بدلي اثاثن واسطي اصلاحي عملي رٿا جي حقداريءَ پٽاندر انهيءَ وقت حاصل ڪندا، جڏهن اُهي سيدا سان اڏاوتن ۾ بهتريءَ جي معاهدي تي صحي ڪندا. تعمير ۾ نمايان اڳڀرائيءَ تي، سيدا سندن اصلاحي عملي رٿا ۾ ڄاڻايل بدلي اثاثن جي حقداريءَ جو باقي 50 سيڪڙو فراهم ڪندي. ۽ (جيڪڏهن اهل هجي) ته ڪوبه اضافي اڏاوتي عطيو به ڏيندي.<br>6. سيدا متاثرن جي اڏاوتي هنڌن کي روينيو کاتي وٽ رجسٽر ڪرائڻ وسيلي سرڪاري زمين جي حد ۾ رهڻ لاءِ اجازت جي ڏس ۾ روينيو کاتي سان گڏجي ڪم ڪندي.<br>7. منصوبو، نگرانيءَ ۽ ڪَٿ لاءِ گهراڻن جي لڏپلاڻ لاءِ اساسي ڊيٽا کي برقرار رکندو. |

| | |
|---|---|
| 8. ٻيهر آباد ٿيل گهراڻن کي پاڻيءَ جي رسد، صفائي سٽرائيءَ، سولر پينلن ۽ گئس جي چلهن جي فراهمي ڪئي ويندي. | |

سيني حالتن ۾، اضافي امداد بهتر حالت ۾ آڻڻُ (Upgrading) هڪ عطيو آهي. منصوبو، نوعيتي بنياد تي (case-by-case) هن عمل کي سهولتون ڏيندو ۽ انهيءَ ڳالهه کي يقيني بڻائيندو ته اهي ماڻهو جيڪي سرڪاري زمينن تي ٻيهر آباد ٿين ٿا، سي اهڙو عملُ محفوظ ۽ مناسب طريقي سان ڪندا؛ پر، اجن ماڻهن وٽ پڪا گهر هئا، سَي روڪ معاوضي ۾ اڏاوتن ۽ ٻين ذاتي اثاثن جي ٻيهر استعمال سان، پنهنجا اڏاوتي بندوبست پاڻ ڪندا. پڪا گهرن کي سرڪاري زمين تي ٻيهر تعمير ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي، ڇاڪاڻ ته رهائش جي ٻيهر تعمير لاءِ وٽن متبادل زمين موجود آهي. اختتامي طرح، منصوبو رڳو ڪچين جهوپڙين ۽ اڌ پڪن گهرن جي اهڙيءَ تعمير ۽/يا اڏاوتن ۾ بهتريءَ جي اجازت ڏيندو، جيڪا سيڊا جي منظور ڪيل هوندي. مٿي ڏنل طريقن جي تناظر اندر، اڏاوتن ۾ بهتريءَ لاءِ توسيع ڪرڻ ۽/يا ڪنهن به متبادل اختيارن (Options) ڏانهن، پراجيڪٽ ٽيم هڪ لچڪدار ۽ ڪليو رويو اختيار ڪندي.

### 5.2.5 سرڪاري زمين جي حد ۾ اڏاوت جي اجازت

سيڊا ۽ ايريا واٽر بورڊ (زمين جي مالڪ جي حيثيت ۾) حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثر ٿيل اهڙن گهراڻن جي هڪ فهرست تيار ڪندا، جيڪي اڪرم واهه جي سرڪاري زمين جي حد ۾ ٻيهر لڏي اچي ويٺا آهن. اهي گهراڻا پنهنجا گهر ان زمين تي ٺاهيندا، جنهن کي آبپاشي ۽ روينيو کاتا اڳ ۾ ئي غير ضروري زمين قرار ڏئي چڪا آهن، اهڙيءَ طرح، اُها زمين حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثر ماڻهن جي ٻيهر آبادڪاريءَ لاءِ موجود آهي. روينيو کاتو، جيڪو سنڌ ۾ زمينن جي انتظام جو ذميوار آهي، سرڪاري زمين جي حد ۾ رهڻ لاءِ گهراڻن کي رجسٽر ڪري قبول ڪندو ۽ کين اجازت ڏيندو، جنهن کي دستوري شڪل تڏهن ملندي، جڏهن سنڌ حڪومت، سرڪاري زمين تي حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثر گهراڻن جي لڏپلاڻ حوالي کان پوري صوبي لاءِ لائحه عمل اختيار ڪندي.
گهراڻن جي هن فهرست ۾ گهر جي سربراهه جا نالا شامل هوندا، ۽ پرڻيل جوڙن لاءِ انهيءَ ۾ مرد ۽ عورتن ـ ٻنهي جا نالا شامل هوندا. معاهدو جيڪو هڪ گهرُ، سيڊا/ايريا واٽر بورڊ سان، اڏاوتن ۾ بهتريءَ واري پروگرام ۾ داخل ٿيڻ مهل صحي ڪيو ويندو، تنهن ۾ هڪ بندوبست شامل هوندو ته اڏاوتون روينيو کاتي جي اجازت کان سواءِ (ڏسو معاهدي جي مسودي لاءِ ضميمو 4 )، ڏهن سالن تائين نه وڪرو ڪيون ويندون يا نه ئي ڪنهن ٻيءَ ڌر کي ڏنيون وينديون. پرڻيل جوڙن جي صورت ۾ مڙس ۽ زال ٻنهي کي، روينيو کاتي پاران تسليم ٿيڻ کان اڳ، لڏپلاڻ تي سهمت ٿيڻ کپي.

### 5.2.6 ٽيڪنيڪي مدد ۽ نگراني

تنهن کان سواءِ، سيڊا انفرادي بنيادن تي، گهراڻن جي گهرجن ۽ پسندُن جي حساب سان، سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جي گهٽ لاڳت جي اڏاوتي واري ماڊل لاءِ "معيارن" جي پوئواريءَ ۾، اڏاوتن ۾ بهتريءَ لاءِ ٽيڪنيڪي رهنما اصول فراهم ڪرڻ واسطي سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن کي لهه وچڙ ۾ آڻيندي. سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جي گهٽ لاڳت جي اڏاوتي ماڊل جو هڪ نمونو شڪل 5.3 ۾ آهي.

شڪل 5.3: سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جي گهٽ لاڳت واري هڪ اڏاوتي نمونو

جيئن اڳي ڄاڻايو ويو، سيڌا شراڪتي ڊزائن، فيصلا سازي، ۽ سماجي تحرڪ لاءِ لاپ ماڻيندڙ گروهن جي مشاورت ۾، اڏاوتن ۾ بهتريءَ لاءِ مقامي ڪميٽيون قائم ڪندي. اڏاوتن ۾ بهتريءَ لاءِ مقامي ڪميٽيون،



اڏاوتن ۾ بهتريءَ جي پروگرامن جي ڊزائن، ٽينيڪي مدد ۽ نگرانيءَ لاءِ ذميوار سنڌ ـ پاڻي ۽ زراعت جي هيئتي تبديليءَ جي منصوبي (SWAT) جي لاڳاپيل عملي ۽ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جي ويجهي تعاون سان، اڏاوتن ۾ بهتريءَ لاءِ سماجي تياري ۽ عوامي سطح جي تحرڪ واسطي ڪليدي ڪارگذار (Agent) طور ڪم ڪنديون.

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن لاءِ مول متن ۾ هيٺيان ڪليدي هدف شامل هوندا، پر اهي انهن تائين محدود نه هوندا، (پهريون) اڏاوتن ۾ بهتريءَ جي ڊزائن لاءِ متاثر گهراڻن/ عوامي گروهن سان مشاورت؛ (ٻيو) متاثر عوامي گروهن ۽ سيڌا جي جائزي وٺڻ لاءِ مختلف مادلن جي ڊزائن ۽ ڊرائنگ؛ (ٽيون) اڏاوتن ۾ بهتريءَ لاءِ انفرادي گهراڻن جي گهرجن ڪي وضع ڪرڻ؛ (چوٿون) ٽيڪنيڪي/صلاحڪاري مدد فراهم ڪرڻ؛ (پنجون) سرڪاري زمين جي حد ۾ گهرن جي تعمير/اڏاوتن ۾ بهتريءَ جي نگراني؛ ۽ (پنجون) اڏاوتن ۾ بهتريءَ لاءِ سيڌاءِ ٻين لاڳاپيل ادارن سان رابطو.

### 5.2.7 شهري سهولتون ۽ انفراسٽرڪچر

منصوبو، غريب جي زندگيءَ جي معيار کي سڌارڻ لاءِ سيڌا وسيلي "نيڪ نيتيءَ واري مدد طور" گهراڻن/ شهري سهولتن لاءِ، بندوبستن جي ڏس ۾، اضافي مدد فراهم ڪرڻ لاءِ مخلص آهي. انفراسٽرڪچر جي مدد جي نوعيت ۽ قسم جو تعينُ، ڳڌيل نموني، آبادڪارن جي عوامي گروهه ۽ پراجيڪٽ ٽيم، عملدرآمدي مرحلي دوران ڪندي. ڪچن گهرن لاءِ اضافي مدد جهڙوڪ: صفائيءَ سٿرائيءَ (WASH) جون سهولتون، نلڪا، سولر پينل/بجلي، دونهين کان آجا چلها، نوعيتن جي حساب سان، سکيا ۽ صلاحيتون وڌائڻ سان گڏ غيرسرڪاري تنظيمن وسيلي مهيا ڪئي ويندي. معاملن جي نوعيتن جي بنياد تي، اهي سهولتون اڌ پڪن گهرن جي مالڪن لاءِ به دستياب هونديون.

## 5.3 مستقبل ۾ زمين وٺڻ لاءِ ٻيهر آبادڪاريءَ جو عملي ڍانچو/ٻيهرآبادڪاريءَ جي عملي رٿا

### 5.3.1 زمين جي حاصلات جو ڦهلاءُ ۽ حيثيت

جيئن اڳ بيان ڪيو ويو (ڏسو: شڪل 2.5 زمين جي حاصلات) پاٽيءَ جي ڍانچن لاءِ تعمير دوران زمين جي حاصلات محدود هوندي. عمل پذيري اپياس دوران، منصوبي جي ڊيگهه لاءِ 19.47 ايڪڙ ايراضيءَ جو تعين ڪيو ويو. زمين جي اصل حاصلات جو بنيادُ هر پاٽيءَ جي ڍانچي جي حتمي انجنيئري ڊزائن تي هوندو. جيئن ته اجا قطعي ماڳ (Locations) ۽ ايراضيون، جيڪي حاصل ڪيون وڃڻيون آهن، تن جو تعين ڪيو وڃڻو آهي، تنهنڪري، رجسٽر ٿيل زمين جي مالڪن جو حتمي انگ اجا تائين دستياب ناهي. مٿي بيان ڪيل تناظر هيٺ، هڪ ٻيهر آبادڪاريءَ جو عملي ڍانچو ۽ ٻيهر آبادڪاريءَ جي مسودي جو خاڪو پيش ڪيو ويو آهي. اهو خاڪو منصوبي کي حتمي شڪل ڏيڻ کان پوءِ زمين جي حاصلات ۽ دربدريءَ بابت وڌيڪ تازي حالت وارن انگن اکرن سان مشروط آهي.

### 5.3.2 ٻيهر آبادڪاريءَ جو عملي ڍانچو ـ رهنما اصول

هن مرحلي ۾ مخصوص ماڳ تي پاٽيءَ جي ڊزائن ۽ ڊيٽا جي غيردستيابيءَ جي ڪري، سيڊا، منصوبي کي لاڳو ڪرڻ دوران امڪاني طرح پيدا ٿيڻ واري ڪنهن به اثر/خطري جي سڃاڻپ ۽ انتظام لاءِ هيٺين رهنما اصولن تي جڙيل رهندي.

(پهريون) سيڊا، منصوبي جي تعمير لاءِ ڪنهن به اضافي زمين کي نظرانداز ڪرڻ يا انهيءَ کي گهٽائڻ لاءِ، سموريون عملي ٽيڪنيڪي اختيارن (Options) کي جاچيندي.

(ٻيو) جن حالتن ۾ جتي زمين جي حاصلات ۽ دربدريون اٽل آهن، اُتي، منصوبي ۾ دستياب فائدن جي ورهاست لاءِ مناسب وسيلن ۽ موقعن کي فراهم ڪرڻ ذريعي، قومي قانونن توڙي او پي 4.12/پاٽمرادي ٻيهر آبادڪاريءَ جي پاليسيءَ جي تعميل ۾، معاوضي ۽ اڏاوتي/ٻيهر آبادڪاريءَ واريون سرگرميون سوچيون ۽ عمل ۾ آنديون وينديون.

(ٽيون) سيئي متاثر ماڻهو، ڪنهن زمين جي قانوني ملڪيت/حيثيت کان هٽي ڪري، ڊٺل اثاثن جي معاوضي لاءِ اهل هوندا، جن ۾ زمين، لڏپلاڻ جي مدد، ۽ آمدنيءَ/گذر سفر جي وسيلن جي بحالي ۽ واڌارو شامل آهن.

(چوٿون) اڪرم واهه جي ڊيگهه ۾ موجود باقي سورهن ڪلوميٽرن جي ڊيگهه ۾ سڀ متاثر ٿيل/غير رسمي آبادڪارَ، ساڳئي حقداريءَ جي وچور، روڪ معاوضي، اڏاوتن ۾ بهتريءَ جي اختيارن (Options) ۽ گذر سفر جي وسيلن جي بحاليءَ ۽ واڌاري تي پاڙيندا، جيئن اُهي حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثر گهراڻن لاءِ دستياب آهن.

(پنجون) زمين جا رجسٽر ٿيل، کاتو رکندڙ مالڪَ، جيڪڏهن پاٽيءَ جي ڍانچن لاءِ مستقل زمين حاصل ڪرڻ جي ڪري متاثر ٿين ٿا ته کين زمين، فصلن ۽ وڻن ۽ ڪنهن ٻئي جامد اثاثن لاءِ منڊيءَ جي/متبادل اگهن ۾ معاوضو ڏنو ويندو.

(ڇهون) بي گهر ماڻهن/ عوامي گروهن کي رٿابنديءَ جي عمل ۾ شامل ڪيو ويندو ۽ ساڻن صلاح مشورا ڪيا ويندا ۽ لڏپلاڻ ۽ آمدنيءَ جي بحاليءَ جي سرگرمين لاءِ، پنهنجين پسنڊُن ۽/يا ڪن به متبادل اختيارن کي وضع ڪرڻ جي سلسلي ۾ کين متحرڪ ڪيو ويندو.

(ستون) منصوبو متاثر ماڻهن، خاص طور، ڪمزور گروهن (جيئن، اصلوڪن ماڻهن، غريبن ۽ عورتن جي سربراهيءَ وارن گهراڻن ۽ غربت جي لڪير کان هيٺ گذاريندڙن) کي گذر سفر جي وسيلن، جيئن اهي دربدر ٿيڻ کان اڳ واري سطح تي هئا، کي بهتر بڻائڻ وارين سندن ڪوشش کي همٿائڻ واسطي اضافي وسيلا سيڙائيندو.

(اٺون) سيڊا ان ڳالهه کي يقيني بڻائيندو ته سڀ مرحلا شڪايتن جي تدارڪ جي طريقيڪار سميت منصفاڻا، ڪليل ۽ شفاف آهن. متاثر ماڻهن تي منصوبي جا سمورا اثر ۽ اثر گهٽتائڻ جا اپاءَ مشاورتي گڏجاڻين، بروشرن/ليف ليٽن ۽ منصوبي جي ويب سائيٽ وسيلي ظاهر ڪيا ويندا.

(نائون) تعميلي اداري طور، سيڊا پنهنجي صلاحيت وڌائيندو ۽ گڏوگڏ ٻين لاڳاپيل ادارن ــ مثال طور، مقامي زمين جو روينيو کاتي، ضلعي انتظاميه، جيڪي مختلف سماجي، ٻيهر آبادڪاريءَ ۽ گذر سفر جي وسيلن جي ترقيءَ جي رٿائن ۾ شامل آهن، جي صلاحيت وڌائيندي.

(ڏهون) سيڊا، سماجي ۽ ٻيهر آبادڪاريءَ جي انتظامڪاريءَ جي منصوبي/اصلاحي عملي رٿا جي نگرانيءَ ۽ ڪَٽ لاءِ آزاد، ٻاهريان نگراني ڪندڙ ماهر (Consultants) مقرر ڪندي ۽ جيڪڏهن ضروري آهي ته بهتر ڪارڪردگيءَ ۽ حفاظتي رٿائن جي نفاذ کي وڌائڻ واسطي اصلاحي اپائن لاءِ صلاح فراهم ڪندي.

مجموعي طرح، سيڊا، ڳالهين (۽/يا نامدار اختيار جي استعمال) وسيلي، معاوضي کي طئه ڪرڻ ۾ مٿي فراهم ڪيل اصولن ۽ عملي ڍانچي جي پوئواري ڪندي، متاثر ڪٽنبن کي ڍاهڻ جي عمل مان بچيل سامانُ ڪنهن به قيمت کان سواءِ ڪٽڻ جي اجازت ڏيندي. پاڳي پائيوارن، خاص طور ٻيهر آبادڪاريءَ جي عملي رٿا جي تياريءَ دوران متاثر ٿيل گهراڻن سان مشاورت ڪئي ويندي. ٻيهر آبادڪاريءَ جي عملي رٿا، جيڪا تيار ڪئي ويندي، تنهن ۾ اثر واري ڊيٽا، متاثر گهراڻن جي نشاندهي متاثر اثاثن سميت شامل هوندي. تنهن ۾ ڪيل مشاورت جو ثبوت هوندو ۽ اُها معاوضي ۽ نفاذ جي عملي ڍانچي جو وچور (Matrix) قائم ڪندي، جنهن ۾ شڪايتن جي تدارڪ جو ڍانچو، خرچ/مختص ڪيل رقم ۽ نگرانيءَ ۽ ڪٽ جا سرشتا شامل هوندا.

### 5.3.3 ڳالهين وسيلي معاملن کي طئه ڪرڻ وارو طريقيڪار ۽ قدمَ

سيڊا پاڻيءَ جي ڍانچن واسطي گهربل زمين جي ننڍن ٽڪرن کي خريد ڪرڻ لاءِ ڳالهين وسيلي معاملن کي طئه ڪرڻ وارو هڪ طريقيڪار اختيار ڪندي. جيئن ته في خاندان زمين جي نقصان جي اميد گهٽي آهي، تنهنڪري، زمين جي حاصلات لاءِ ڳالهين وسيلي معاملن کي طئه ڪرڻ وارو طريقيڪار وڌيڪ تڪڙو هوندو ۽ بروقت منصوبي جي تعميراتي سرگرمين کي آسان بڻائيندو. منصوبي جي ترقيءَ لاءِ ڳالهه ٻولهه، زمين جي حاصلات جي ائڪٽ 1894ع (پاڳي ــ 1894/4) هيٺ اعلان نامي/نوٽيفڪيشن جاري ٿيڻ کان پوءِ عمل ۾ ايندي. ائڪٽ جو واهپو زمين جي دستيابيءَ کي محفوظ ڪرڻ ۾ مدد ڏيندو. باقي مرحلو ــ جيئن، معاوضي جو اڳهه وغيره، منڊيءَ جي اگهه ۽ ٻين لاڳاپيل خرچن کي سوچ ۾ رکندي، مشوري ۽ ڳالهين وسيلي طئه ڪيو ويو آهي.

اڪرم واهه جي ذيلي منصوبي خاطر ڳالهين وسيلي، خانگي مالڪيءَ وارا ضروري زميني ٽڪرا خريد ڪرڻ لاءِ، سيڊا هڪ زمين جي خريداري ڪميٽي (LPC) ٺاهيندي، جيڪا سيڊا ۽ لاڳاپيل ضلعن جي روينيو عملدارن تي ٻڌل هوندي. منصوبي جي منظوريءَ جي سنت پڄاڻا، سيڊا زمين جي خريداري ڪميٽي ٺاهيندي. مرحلا هيٺينءَ ريت عمل هيٺ آندا ويندا:

(الف) پهريون، زمين جي خريداري ڪميٽيءَ جي ٺهڻ کان پوءِ، زمين ۽ لاڳاپيل ضلعي انتظاميه جي تشهيري زميني ٽڪرن وارن ٻين اثاثن ــ مثال طور اڏاوتن، فصلن ۽ وڻن، جي قدر جي ڪَٿ واسطي، سيڊا اهل ٽيڪنيڪي/زميني سرويئرَ، (جيئن تپيدار) ۽ سرزميني عملو (Field staff) پرتي ڪندي.

(ب) ٻيو، زمين (۽ ٻين اثاثن) جو قدر، مالڪن ۽ جڙيل اڏاوتن، فصلن ۽ وڻن سان معاملو رکندڙ کاتن/ادارن سان رابطيڪاريءَ ۾، ٽيڪنيڪي ٽيم/سرويئرن کان ڪرايل سرزميني معائنن (Surveys) وسيلي طئه ڪيو ويندو.

**(پ)** ٽيون، منڊيءَ جي هاڻوڪي اگهه جي بنياد تي، هڪ پيري زميني قدر طئه ٿيڻ کان پوءِ، زمين جي خريداري ڪميٽي انفرادي مالڪن سان حاصل ٿيندڙ ۽/يا متاثر ٿيندڙ اثاثن تي گڏجاڻيون ۽ ڳالهيون منعقد

ڪندي. طئه ڪيل اڳهه گهٽي پاڳي منديءَ جي اڳهن کان وڌيڪ هوندا ته جيئن ڪاتو رکندڙ مالڪن کي ڳالهين وسيلي ڏيتي ليتيءَ ڏانهن لاءِ راغب ڪري سگهجي. ڳالهين جا هفتن يا مهينن تائين هلندڙ ڪيترائي دور منعقد ٿي سگهن ٿا.

(ب) جوڻون، انفرادي مالڪن سان ڪامياب ڳالهين کان پوءِ، سيڊا زمين جي خريداري ڪميٽي جي سفارش تي، سڌيءَ طرح، زمين جي حاصلات جي ڪري متاثر ٿيل گهراڻن کي ادائگيون ڪندي.

ڳالهين جي ناڪام ٿيڻ جي صورت ۾، يعني ڌريون اڳهن تي سهمت ناهن يا ڌريون عمل ۾ حصي وٺڻ کان انڪار ڪن ٿيون، ته منصوبي واسطي، زمين وٺڻ لاءِ، زمين جي حاصلات جو ائڪٽ (1894ع) استعمال ڪيو ويندو. زمين جي حاصلات جي ائڪٽ (1894ع) ۾ معاوضي جي اڳهن مٿان اختلاف لاءِ بندوبست موجود آهن. پنهي صورتن ۾، معاوضو انهيءَ کي ادا ڪيو ويندو جيڪو اثاثن جو مالڪ آهي. جيڪڏهن اهي اثاثا گڏيل نموني ڪنهن پرٽيل جوڙي جي ملڪيت آهن، ته پوءِ رقم پنهي ڌرين کي ادا ڪئي ويندي. پر، جڏهن اثاثا ڪنهن اڪيلي/غير شادي شده/طلاقيل عورتن جي ملڪيت آهن ته ڪين معاوضو سڌيءَ ريت ملندو. ڪاتيدار ماڻهن کي چيڪن وسيلي معاوضو ادا ڪيو ويندو. ادائگيءَ لاءِ بندوبستَ، ڳالهين وارين گڏجاڻين دوران، ڌرين سان بحث هيٺ آندا ويندا. سيڊا معاوضي جي ادائگيءَ ۾ دير ٿيڻ کان بچڻ لاءِ فندن جي بروقت بندوبست کي يقيني بڻائيندي.

### 5.3.4 سرڪاري زمين جي حد ۾ باقي 16هن ڪلوميٽرن مان دربدري

سرڪاري زمين جي حد جي پڇاڙڪن سورهن ڪلوميٽرن ۾ منصوبي جي ڪاروهنواري ايراضيءَ منجهان ڪابه دربدري، اڏاوتن ۾ بهتريءَ ۽ گذر سفر جي وسيلن سميت پيهر آبادڪاريءَ جي پاليسيءَ جي عملي ڍانچي (RPF) ۾ موجود بندوبستن جي پوئواري ڪندي. سيڊا (اصلاحي عملي رٿا هيٺ) سرڪاري زمين جي حد ۾ غير رسمي آبادڪارن کي پهتل نقصانن جي ازالي ۽ گذر سفر جي وسيلن جي واڌاري سميت، سرڪاري زمين جي حد ۾ ماڳ مخصوص تي، اڏاوتن ۾ بهتريءَ جي اضافي مدد لاءِ، اڳيئي نون اصولن جو هڪ مجموعو اختيار ڪري چڪي آهي.

## 5.4 گذر سفر جي وسيلن ۾ واڌارو ۽ هنري سکيا

### 5.4.1 سرسري جائزو ۽ مقصدَ

جيئن اڳ چاتو ويو، حددخلين کي هٽائڻ جي مهم جي ڪري آمدنيءَ جي نقصان جي حدَ، عبوري دور ۾، مبينه طور، بنهه محدود ۽ عارضي هئي. آمدنيءَ جو نقصانُ، جاين کي ڊاهڻ جي ڪري پيدا ٿيل افراتفريءَ سبب ڪم وارن ڏهاڙن جي وڃائڻ جي ڪري وڌيڪ ٿيو. اثر محدود ۽ عارضي هو. سرزمين مان ڪي به آمدنيءَ جا نقصانَ نه چاٽايا ويا هئا. ڏهاڙي اجرت ڪمائڻ کي آباديءَ جي غالب گهٽائيءَ جو مک آمدنيءَ واري وسيلي طور چاٽايو ويو. سرڪاري زمين جي حد اندر ۽ انهيءَ جي پرپاسي 85 سيڪڙي کان وڌيڪ رهندڙ ماڻهو ڪيتي/روزاني اجرت جون سرگرميون جاري رکندا. گهراڻا زرعي زمين تي (پنهنجا ذاتي) فصل نه پوکي رهيا آهن، پر اُهي هاري يا مزدور آهن. گذر سفر جي وسيلن جي پروگرام کي وڌيڪ مخصوص ڪرڻ ۽ تنهن کي مختلف فردن ۽ گروهن لاءِ موزون بڻائڻ لاءِ، منصوبي تي عمل ڪرڻ دوران جنس، عمر، گروهه، تعليم، مهارتن، آمدنيءَ، گهراڻي جي پاتين جي تعداد، ترجيح ۽ اختيارن (Options) جي لحاظ کان, اضافي آمدنيءَ ۽ معاشي سرگرمين جي ڊيٽا گڏ ڪئي ويندي.

گذر سفر جي وسيلن جي تربيتي پروگرام (LTP) جو هڪ ڪليدي محور حددخلين کي هٽائڻ جي مهم جي متاثر ماڻهن ۽ ٻين لاءِ سکيا جي پروگرام وسيلي بحاليءَ بدران واڌارو هوندو. انهيءَ پروگرام جو

مقصدُ هاڻوڪين صلاحيتن ۽/يا روزگار جي موقعن لاءِ نين صلاحيتن کي هٿي وٺرائڻ آهي. گذر سفر جي وسيلن جو سکيا وارو پروگرامُ، اڪرم واهه ۾ سڀني گهراڻن کي دائري ۾ آڻيندو ۽ خاص طور، تن کي دائري ۾ آڻيندو، جيڪي (هڪ) امڪاني طرح، پنهنجيءَ آمدنيءَ جو نمايان ذريعو وڃائيندا هجن (يعني پنهنجيءَ آمدني/ڪاروبار جو ڏهه سيڪڙو يا ان کان وڌيڪ حصو وڃائي رهيا هجن) (ٻه) حددخلين کي هٽائڻ جي مهم جي ڪارروائين يا/۽ زمين جي حاصلات جي ڪري جسماني طرح گهر کان بي گهر ٿيا هجن، ۽ (ٽي) ڪمزور گهراڻا جيڪي غيرمتناسب نموني متاثر ٿيا آهن ۽ هنن پنهنجيءَ دربدريءَ سان منهن ڏيڻ ۾ وڌيڪ ڏکيائي ڏٺي آهي. هن مقصد کي ماڻڻ لاءِ، سيڊا اضافي روڪ رقم ۽/يا جنس/شيءِ جي صورت ۾ (In-kind) پروگرام، جيئن صلاحيت وڌائڻ ۽ روزگار واسطي سکيا جو پروگرام، لاءِ بندوبست رکيا آهن. سکيا ۽ صلاحيتن کي وڌائڻ جي مقصدن لاءِ، سيڊا هڪ تجربيڪار غيرسرڪاري تنظيم/گذر سفر جي وسيلن جي ماهر کي ڀرتي ڪندي.

### 5.4.2 سڌريل گذر سفر جي وسيلن لاءِ ٽِڪنڊي حڪمت عملي

روڪ امداد ۽ اضافي آمدنيءَ جي مدد کان سواءِ، گذر سفر جي وسيلن جي سکيا واري پروگرام هيٺ منصوبي جي ڪري متاثر ٿيل سڀ گهراڻا هيٺين غير نقدي سکيا ۽ گذر سفر جي وسيلن جي بحاليءَ لاءِ روزگار جي موقعن لاءِ اهل هوندا.

(هڪ) سيڊا جي سهولت ۽ مالي ادائگيءَ سان، سنڌ ٽيڪنيڪي ۽ هنري سکيا اختياري (STEVTA)وسيلي مردن/عورتن لاءِ هنري سکيا.

(ٻه) سيڊا جي سهولت ۽ مالي ادائگيءَ سان، سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (SRSO) ۽ نيشنل رورل سپورٽ پروگرام (NRSP) وسيلي زرعي بنياد واري سکيا.

(ٽي) اڪرم واهه جي تعميراتي ٺيڪيدارن جي مدد سان، ترجيحي بنيادن تي، روزگار جا موقعا. ٺيڪيدارَ مقامي عوامي گروهن منجهان غير مهارتي/ مهارتي مزدور (مرد ۽ عورت) کي عمومي معاهدي جي شقن هيٺ ملازمت ۾ رکندا.

### 4.2.1 زرعي بنياد واري سکيا

اپريل 2022ع ۾ ڪيل سروي ۾ اهڙن گهراڻن جي فهرست تيار ڪئي وئي، جن زرعي بنياد واري سکيا ۽ هنري سکيا لاءِ پنهنجيءَ دلچسپيءَ جو اظهار ڪيو. جدولون 5.4 ۽ 5.5 ترتيبوار سروي جا نتيجا پيش ڪن ٿيون. اهي مجموعي ترجيحون آهن، جن کي فردي طرح موٽ ڏيندڙن اظهاريو آهي.

**جدول 5.4 زرعي بنياد واري سکيا**

| هنر جو قسم | ماڻهن جو انگ | سيڪڙو |
|---|---|---|
| کيتي راهي ڪرڻ- زراعت ۾ جديد ٽيڪنالاجي | 583 | 51 |
| پالتو جانورن جو انتظام | 273 | 23 |
| زمين جي استعمال جو انتظام (روڪڙي وارا فصل، ڀاڄيون ۽ باغ) | 296 | 26 |
| ڪل | 1,152 | 100 |

ذريعو؛ ڊي ڊي سروي (اپريل 2022ع)

### 5.4.2.2 هنري سکيائون

سروي ڪيل متاثر گهراڻن جي ميمبرن، مستقبل ۾ روزگار ۽ بهتر آمدنيءَ جي موقعن لاءِ مهارتي ۽ هنري سکيائن ۾ وڏي دلچسپي ڏيکاري. مردن لاءِ، ذڪر ڪيل ڪن چاڻايل پيشن جيئن: ڊرائيونگ، سيڪيورٽي گارڊ، واڍي، نلساز (Plumber)، بجليءَ جي مستري، موبائيل جي مرمت جي مستري، مشينن جي

مستري، ۽ ڪمپيوٽر سکڻ جون سکيائون شامل آهن. عورتن پڻ سکيا ۾ پنهنجيءَ دلچسپي ڏيکاري، جنهن ۾ پرت، سلائي/سيبو، دستڪاري، اچار/مُربو ناهڻ ۽ پاچين جو چُونڊو ۽ تن کي دڀن ۾ بند ڪرڻ شامل آهن. جدول 5.6 منصوبي واري علائقي ۾ مردن ۽ عورتن لاءِ سکيائن جي قسمن جو اختصارپيش ڪري ٿي.

**جدول 5.5: هنري سکيا جا قسم**

| سکيا جو عنوان | شرڪت ڪندڙ | هنڌ |
|---|---|---|
| زراعت ڪرڻ ۽ پالتو جانورن جي سکيا | مرد ۽ عورتون | ايس آر ايس او، اين آر ايس پي ۽ زرعي توسيعي پروگرام وسيلي آبادگار لاءِ کيت ــ اسڪولَ |
| دستڪاريءَ ۽ منڊيءَ ۾ وهنوار جي سکيا | عورتون | دستڪاريءَ ۾ تجربي سان عورتاڻي مرڪز وسيلي ڳوٺاڻي سطح جي سکيا |
| مشيني/برقي ۽ ٻئي واپار ۾ سکيا | مرد ۽ عورتون | سنڌ ٽيڪنيڪي ۽ هنري سکيا اختياري (STEVTA) |

ذريعو: ڊي ڊي سروي (اپريل 2022ع)

منصوبي کي لاڳو ڪرڻ دوران وڌيڪ تفصيلي فهرست تيار ڪئي ويندي. سيڊا پاران مقرر ٿيندڙ غيرسرڪاري تنظيم/گذر سفر جي وسيلن وارو ماهرُ، عورتن واسطي سکيا کي وضع ڪرڻ لاءِ مقامي غيرسرڪاري تنظيمن/ عورتن جي ادارن کي مربوط ڪندو. سيڊا سکيا جو فنڊ ڏيڻ لاءِ هڪ منو رقم رکندي، جيڪا عملدرآمد ڪرڻ دوران گهرجن آهر جائتي ڪئي ويندي.

### 5.4.3 گذر سفر جي وسيلن جي سکيا وارو پروگرام ۾ قدمَ ۽ مول متا (TORs)

سيڊا لاڳاپيل تجربو رکندڙ هڪ قابل غيرسرڪاري تنظيم/گذر سفر جي وسيلن جي ماهر کي پرتي ڪندي ۽ گذر سفر جي وسيلن جي واڌاري ۽ ترقيءَ جي رٿا (LEIP) جي منصوبي بندي ۽ تنهن جي نفاذ جي ذميواري ڪٽڻ لاءِ ڪارڪردگيءَ جو رڪارڊ قائم رکندي. ٻين هدفن سان گڏ مول متن ۾ هيٺيان هدف شامل هوندا، پر اُهي انهن تائين محدود نه هوندا:

(هڪ) (صنف، ڇمار جي گروهه، تعليم، مهارتن، آمدنيءَ، گهر جي ڀاتين جي تعداد، ترجيح ۽ اختيارن (Options) جي لحاظ کان) امڪاني سکيا وٺندڙن جي معاشي سرگرمين جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻُ ته جيئن سندن مخصوص مداخلتن (Interventions) واسطي گهرجن جي ڪَٿ ڪري سگهجي.

(ٻه) لاپ پرائيندڙن سان مشاورت ۽ پڻ منڊيءَ ۽ مالي ڇيد وسيلي، گهڻ پاساوَن آمدنيءَ جي بحاليءَ وارن پروگرامن (فردي توڙي گروهي ــ ٻنهي) جي نشاندهي ڪرڻُ.

(ٽي) ادارتي نگهباني ۽ بجيٽ لاءِ عملي ڍانچو تيار ڪرڻ.

(چار) گذر سفر جي وسيلن جي واڌاري ۽ ترقيءَ جي رٿا (LEIP) جي ڪَٿ لاءِ عملي ڍانچو ۽ اضافي مدد، جتي اُها گهربل هجي.

منصوبي جي ڪمن ۾ روزگار ۽ هنري ادارن ۾ سکيا لاءِ، غيرسرڪاري تنظيم/گذر سفر جي وسيلن جو ماهرُ، امڪاني ۽ اهل ڪارڪنن، مختلف پيشن لاءِ سکيا وٺندڙن، سکيا جي پروگرامن کي هلائڻ واسطي سکيا ۽ بندوبست لاءِ ادارن / مرڪزن، جنهن ۾ الڳ الڳ دفترن ۽ ادارن سان رابطيڪاري به شامل هوندي، جي نشاندهيءَ لاءِ سيڊا جي پراجيڪٽ ڊائريڪٽر جي معاونت ۾ هوندو.

# باب ڇهون:
# سماجي ۽ ٻيهر آبادڪاريءَ جي انتظامڪاريءَ جي منصوبي کي لاڳو ڪرڻ لاءِ ادارتي عملي ڍانچو

## 6.1 تعارف ۽ جائزو

هيءُ باب سماجي ۽ ٻيهر آبادڪاريءَ جي انتظامڪاريءَ جي منصوبي کي لاڳو ڪرڻ جي بندوبستن جو خاڪو پيش ڪري ٿو. انهيءَ ۾ الڳ الڳ ادارن ۽ تنظيمن جي ڪمن ۽ ذميوارين جي تشريح ڪئي ويئي آهي. سنڌ ـ پاڻي ۽ زراعت جي هيئتي تبديليءَ جي منصوبي جو نفاذ (الف) حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثر گهراڻن کي روڪ معاوضي، مخصوص ڪيل ماڳ تي ٻيهر آبادڪاريءَ ۽ اڏاوتن ۾ بهتريءَ، (ب) مستقبل ۾ زمين جي حاصلات سان لاڳاپيل سرگرمين؛ ۽ (ٻ) منصوبي کي لاڳو ڪرڻ دوران، حددخلين کي هٽائڻ جي مهم وارن ۽ ٻين متاثر گهراڻن لاءِ گذر سفر جي وسيلن ۾ واڌاري جو احاطو ڪري ٿو. ان ئي طرح، اصلاحي عملي رٿا، ٻيهر آبادڪاري رٿا ۽ گذر سفر جي وسيلن جي سکيا واري پروگرام لاءِ اهم هدفن جي هڪ مجموعَي ڄِي، نفاذي قدمن طور، نشاندهي ڪئي وئي آهي. منصوبي کي هلائڻ جي مجموعي عملن جي تناظر ۾، سنڌ ـ پاڻي ۽ زراعت جي هيئتي تبديليءَ جي منصوبي کي لاڳو ڪرڻ جو هڪ ابتدائي شيڊيول پڻ تيار ڪيو ويو آهي.

## 6.2 ادارتي جوڙجڪ

سنڌ ـ پاڻي ۽ زراعت جي هيئتي تبديليءَ جي منصوبي کي لاڳو ڪرڻ ۽ انهيءَ جي نگرانيءَ جي مجموعي ذميواري سيڊا تي آهي، جيڪا سنڌ ـ پاڻي ۽ زراعت جي هيئتي تبديليءَ جي منصوبي لاءِ عملدرآمدي ادارو آهي. سيڊا ۽ ايريا واٽر بورڊ (AWB/Left bank) ـ ٻئي آبپاشي ڪاتي جي اختيار هيٺ آهن ۽ آبپاشي ڪاتي کان بجيٽ وصول ڪن ٿا. ايريا واٽر بورڊ ڪئنال جي انتظام هلائڻ جو ذميوار آهي ۽ (آبپاشي ڪاتي وسيلي) اڪرم واهه جي سرڪاري زمين جي حد جو اصل مالڪ ۽ انتظامڪار آهي. ايريا واٽر بورڊ وٽ سنڌ ـ پاڻي ۽ زراعت جي هيئتي تبديليءَ جي منصوبي کي لاڳو ڪرڻ ۾ مدد ڏيڻ لاءِ وسيع افرادي طاقت موجود آهي. ايريا واٽر بورڊ سيڊا جي عام نگراني هيٺ آهي. سيڊا سنڌ ـ پاڻي ۽ زراعت جي هيئتي تبديليءَ جي منصوبي کي اصلاحي عملي رٿا جي مرحلن، نتيجن، شڪايتن جي تدارڪ جي ڪميٽين، ٻين لاڳاپيل ڪميٽين، ۽ نگرانيءَ، ڪٿ ۽ رپورٽنگ سميت لاڳو ڪرڻ لاءِ ذميوار هوندي. سيڊا اڳيئي سنڌ ـ پاڻي ۽ زراعت جي هيئتي تبديليءَ جي منصوبي جي تياري، نفاذ ۽ نگراني لاءِ اَي اِي (AE) ڍانچي اندر هڪ ارپيل ماحول جو انتظامي شعبو (EMU) قائم ڪري چڪي آهي. ادارتي بندوبستن لاءِ تنظيمي چارٽُ، شڪل 6.1 ۾ آهي:

**شڪل 6.1: سنڌ ـ پاڻي ۽ زراعت جي هيئتي تبديليءَ جي منصوبي لاءِ ادارتي جوڙجڪ**



## 6.3 ڪمَ ۽ ذميواريون

سنڌ – پاڻي ۽ زراعت جي هيئتي تبديليءَ جي منصوبي کي لاڳو ڪرڻ جون سرگرميون، جنرل مئنيجر تحقيق ۽ ترقي (R&D)/پراجيڪٽ ڊائريڪٽر – پي ايم او جي دفتر، ماحول جي انتظامي شعبي، ضلعي انتظاميه/روينيو کاتي، منصوبي جي انتظام جي ماهرن (Consultants)/ ٺيڪيدارن، شڪايتن جي تدارڪ جي ڪميٽي، ۽ آزاد نگراني ڪندڙ صلاحڪارن وسيلي، سيڊا جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر سان لهه وچڙ ۾ ايندين. اهڙيءَ طرح عملدرآمدي مرحلي دوران تمام گهڻي رابطيڪاريءَ جي گهرج پوندي. جدول 6.1 هڪ اختصار پيش ڪري ٿي، جيڪو ڪمن ۽ ذميوارين کي بيان ڪري ٿو:

**جدول 6.1 ڪم ۽ ذميواريون**

| ادارا | ڪم ۽ ذميواريون |
|---|---|
| پي ڊي – پي ايم او/اي ايم يو | پي ايم او/پي ڊي (اي ايم يو وسيلي) ايس آر ايم پيءَ جي نفاذ، رابطيڪاري، ۽ مجموعي نگرانيءَ جو ذميوار آهي. پي ايم او/ پي سي ايم يو پڻ ايس آر ايم پيءَ جي نفاذ ۽ نگرانيءَ جو ذميوار هوندو. |
| ضلعي انتظاميه ۽ ٻيا لاڳاپيل ادارا | ضلعي انتظاميا ۽ ٻيا لاڳاپيل ادارا جيئن سي ايند ڊبليو، جهنگلات، فاريسٽري، روينيو دفتر وغيره کي پوري مدد فراهم ڪرڻ لاءِ اِي ايم يُو لاڳاپيل ادارن سان رابطيڪاري پيدا ڪندو. |
| ايريا واٽر بورڊ/ليفٽ بئنڪ | ايريا واٽر بورڊ گهڻي پاڳي سرزميني (فيلڊ) عملدارن جي مدد سان، اصلاحي عملي رٿا ۽ ايس آر ايم پيءَ جي نفاذ لاءِ ذميوار آهي. |
| روينيو کاتو | ضلعي ڪليڪٽر/ ڊپٽي ڪمشنر سيڊا جي زمين جي حاصلات/ڊٺل اثاثن جي سلسلي ۾ ڳالهين واري مرحلن ۾ سيڊا سان تعاون ڪندو. سيڊا جي ڳالهين واري ٽيم انهن اگهن جي تعين لاءِ ذميوار هوندي جنهن جون ادائگيون ڊي سي جي دفتر منجهان گذاريون وينديون. |
| شڪايتن جي تدارڪ جون ڪميٽيون | ڪنهن به شڪايتن کي حل ڪرڻ لاءِ لاڀ پرائيندڙ گروهن جي مقامي شرڪت سان پي ايم او/اِي ايم يو وسيلي شڪايتن جي تدارڪ جون ڪميٽيون جوڙيون وينديون. |
| منصوبي جا صلاحڪار/ٺيڪيدار | رٿابنديءَ ۽ اڏاوتن ۾ بهتريءَ لاءِ ذميوار هوندا. (يعني سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن) گذر سفر جي وسيلن جي سکيا واري پروگرام لاءِ، غيرسرڪاري تنظيمون، ماهرن جو پينل ۽ منصوبي جا ٻيا ماهر ۽ ايس آر ايم پيءَ جي نفاذ ۾ پي ايم او جا معاون. منصوبي جا صلاحڪار پي ايم او جي دفتر کي سماجي حفاظتن جي تعميلن ۾ هٿ ونڊائيندا ۽ عرصيوار نگرانيءَ جون رپورٽون جمع ڪرائيندا. ايس آر ايم پيءَ کي تازي حالت ۾ رکڻ ۾ پڻ مدد ڪندا. |

| | |
|---|---|
| غيرسرڪاري تنظيم/مقامي ماهرن جي پرتي | پي ايم او اڏاوتن ۾ بهتريءَ ۽ گذر سفر جي وسيلن جي پروگرامن لاءِ تيڪنيڪي ۽ صلاحڪاري خدمتن واسطي غيرسرڪاري تنظيمن/مقامي ماهرن جي پرتي ڪندي. |
| آزاد، ٻاهريان نگران | پي ايم او، ايس آر ايم پيءَ جي عرصيوار نگرانيءَ لاءِ آزاد صلاحڪار/ڪنسلٽنٽ جون خدمتون حاصل ڪندي. ماهرن کي حوالي ڪيل ڪم جي اثرائتي نموني اُڪلاءَ لاءِ گهربل مالي ۽ انساني وسيلا فراهم ڪيا ويندا. |

## 6.4 منصوبي جو انتظامي دفتر (PMO)

جيئن ته اڪرم واهه وسيع ٻيهر آبادڪاريءَ جو پروگرام رکي ٿو، جنهن ۾ معاوضو، لڏپلاڻ، اڏاوتن ۾ بهتريءَ ۽ گذر سفر جي وسيلن ۾ واڌارو شامل آهن، تنهنڪري، منصوبي جو انتظامي دفتر، پراجيڪٽ ڊائريڪٽر جي اڳواڻيءَ هيٺ، گهربل رابطيڪاريءَ جون سرگرمين سميت ذميوارين جي نبيري لاءِ جاکوڙي عملو ۽ ماهر/ادارا (جيئن اڏاوتن ۾ بهتريءَ لاءِ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن، گذر سفر جي وسيلن جي سکيا واري پروگرام لاءِ غيرسرڪاري تنظيم، آزاد نگران، ماهرن جو پينل) رکندو. منصوبي جو انتظامي دفتر، اصلاحي عملي رٿا/سنڌ – پاڻي ۽ زراعت جي هيئتي تبديليءَ جي منصوبي جي رٿابندي، وضعڪاري، تحرڪ ۽ نفاذ ۾ لهه وچڙ ڏيکاريندو.

پي ايم او جي دفتر کي اڪرم واهه، سنڌ – پاڻي ۽ زراعت جي هيئتي تبديليءَ جي منصوبي کي مجموعي طرح لاڳو ڪرڻ لاءِ، منصوبي جي تعميلي اداري سيڊا وٽان مدد ملندي، جنهن ۾ اصلاحي عملي رٿا/ سنڌ – پاڻي ۽ زراعت جي هيئتي تبديليءَ جي منصوبي کي لاڳو ڪرڻ لاءِ فنڊن جي ورهاست شامل آهي. ايريا واٽر بورڊ، سيڊا ۽ پي ڊي/پي ايم او جي دفتر جي مدد ڪندو. نفاذ جي هدفن کي پڻ سيڊا جي منصوبي جي رابطيڪاريءَ ۽ نگرانيءَ واري شعبي (PCMU) جي هٿي مليل هوندي. پي ايم او جو دفترُ، اڪرم واهه جي ذيلي منصوبي سان لاڳاپيل متاثر گهراڻن جي شڪايتن ۽ تڪليفن جي حل لاءِ گزٽ، اعلان نامي (Notification) وسيلي سرزميني (فيلڊ) انجنيئر/تيڪنيڪي عملي ۽ شڪايتن جي تدارڪ جي ڪميٽيءَ کي نامزد ڪندو.

### 6.4.1 ماحولياتي انتظام جي ٽيم

پي ايم او اندر اِي ايم يو جو سربراهه جنرل مئنيجر آهي، جيڪو سيني حفاظتي اپائن ۽ هدفن لاء ذميوار هوندو. وقف ٿيل اِي ايم يو جو/جي سماجياتي ماهر ۽ ليفٽ بئنڪ ايريا واٽر بورڊ جا ٻه انجنيئر پي سي ايم يو جي مدد سان، انيڪ ذميوارين کي نبيريندا. اِي ايم يو جو جنرل مئنيجر، پي ڊيءَ سان ويجهي رابطيڪاري برقرار رکندو، پي ڊيءَ کي منصوبي لاءِ انتظام هلائڻ جي ذميواري مليل آهي. ٻين سان گڏ، اِي ايم يو هنن ذميوارين لاءِ ذميوار هوندو، (هڪ) اصلاحي عملي رٿا/ سنڌ – پاڻي ۽ زراعت جي هيئتي تبديليءَ جي منصوبي جي ترجمي ۽ انهيءَ جي پڌرائيءَ لاءِ، (ٻه) متاثر گهراڻن جي تصديق لاءِ، (ٽي) شڪايتن جي تدارڪ جي ڪميٽي قائم ڪرڻ لاءِ؛ (چار) ڪن ٻه مسئلن جي حل ۽ سرزمين (فيلڊ) جي سطح تي رابطيڪاريءَ لاءِ؛(پنجون) منصوبي جي متاثر ماڻهن جي اعلان نامي (Notification) لاءِ، (ڇهون) وضعڪاري ۽ تيڪنيڪي مدد جي سلسلي ۾ گهٽ لاڳت جي اڏاوتي يونٽن ۽ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سان رابطيڪاريءَ لاءِ، (ستون) عملدرآمدي اڳڀرائيءَ جي اندروني نگرانيءَ لاءِ.

### 6.4.2 ليفٽ بئنڪ ايريا واٽر بورڊ جو ڪردار/فيلڊ آفيس

(ليفٽ بئنڪ) ايريا واٽر بورڊ ۽ تنهن جا (سرزميني)/ فيلڊ عملدار اصلاحي عملي رٿا ۽ سنڌ – پاڻي ۽ زراعت جي هيئتي تبديليءَ جي منصوبي کي لاڳو ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا. ايريا واٽر بورڊن کي

ضلعي روينيو ۾ پين مناسب دفترن ـ جيئن به قانوني گهرج هجي، جي رستي ادائگين ڪرڻ لاءِ بااختيار ڪيو ويندو. حددخلين ڪي هٽائڻ جي مهم جي معاوضي جي ادائگيءَ تي اڪرم واهه جي ايگزيڪيوٽو انجنيئر (XEN) جي دفتر وسيلي عمل ڪيو ويندو. اڪرم واهه چئن آبپاشي سب ڊويزنن ڪي پنهنجي دائري ۾ آڻي ٿو، سي آهن: قاضيه، شادي، گاجا ۽ ڪيڻ. سب ڊويزنن جا دفتر مرڪز ۾ واقع آهن، ۽ اهڙيءَ طرح، حددخلين ڪي هٽائڻ جي مهم کان متاثر گهراڻن لاءِ اهو سهنجو هوندو ته اهي وقت تي پنهنجا چيڪ وصول ڪن. هر هڪ سب ڊويزن ۾ هڪ معاوضي جي ڪميٽي قائم ڪئي ويندي، جنهن جي اڳواڻي ايگزيڪيوٽو انجنيئر (XEN) ڪندو.
تنهن سان گڏ، ايريا واٽر بورڊ انهيءَ ڳالهه کي يقيني بڻائيندو ته آخري تاريخ کان پوءِ مرڪزي راهداريءَ ۾ وڌيڪ ڪابه زميني والار نه ڪئي وئي آهي. اهو (هدف) ايريا واٽر بورڊ جي سماجي تحرڪ (Social Mobilization) جي ٽيمن وسيلي حاصل ڪيو ويندو. سماجي تحرڪ جون ٽيمون، عملدرآمدي عمل دوران اصلاحي عملي رٿا/سنڌ ـ پاڻي ۾ زراعت جي هيئتي تبديليءَ جي منصوبي جي تشهير، لڏپلاڻ، اڏاوتن ۾ بهتريءَ جي رٿائن ۾ جاڳرتا اپارڻ ۾ منصوبي ۾ اڏاوتن ۾ بهتريءَ، سکيا ۽ روزگار جي موقعن جي سلسلي ۾ متاثر عوامي گروهن سان لهه وچڙ ۾ سڌا جي مدد ڪنديون. سنڌ ـ پاڻي ۾ زراعت جي هيئتي تبديليءَ جي منصوبي کي لاڳو ڪرڻ جو هڪ عارضي شيڊيول ضميمي 5 ۾ موجود آهي.

## 6.5 منصوبي جي رابطيڪاريءَ (Coordination)۾ نگرانيءَ واري شعبي (PCMU) جو ڪردار

پي سي ايم يو، سنڌ ـ پاڻي ۾ زراعت جي هيئتي تبديليءَ جي منصوبي کي لاڳو ڪرڻ جي هن آهنگيءَ وارين سرگرمين ۾ عملدرآمدي عمل جي اڳيرائيءَ جي نگرانيءَ لاءِ ذميوار هوندو. پي سي ايم يو جو عملو، سرگرمين جي نگرانيءَ لاءِ منصوبي جي ماڳ (Site) جا لڳاتار دورا ڪندو رهندو ۽ فيلڊ ۾ عملدرآمدي مسئلن جي جواب ۾ وقتائتيون ڪارروايون عمل ۾ آڻيندو.

## 6.6 نفاذ جا هدف ـ اصلاحي عملي رٿا، پيهر آبادڪاريءَ جي عملي رٿا ۾ گذر سفر جي وسيلن جي سکيا

### 6.6.1 اصلاحي عملي رٿا جو نفاذ

اصلاحي عملي رٿا هڪ عملدرآمدي منصوبو آهي، جنهن وٽ، (هڪ ) حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثر گهراڻن جي مڪمل ۽ تصديق ٿيل فهرست موجود آهي؛ (ٻه) سڀني متاثر اڏاوتن جي فهرست موجود آهي؛ (ٽي) معاوضي جو پيڪيج موجود آهي، (چار) منظور ٿيل بجيٽ موجود آهي، ۽ جنهن وٽ (پنجون) عملدرآمدي سيٽ اپ موجود آهي. سڀئا، ايريا واٽر بورڊن وسيلي اصلاحي عملي رٿا، خاص طور اهل الاؤنسن جون ادائگيون (ان سان گڏ اڏاوتن جي نقصان لاءِ روڪ معاوضو) هڪ اسريل عمل طور لاڳو ڪندي، جيڪو منصوبي کي لاڳو ڪرڻ دوران اڏاوتن ۾ بهتريءَ ۾ گذر سفر جي وسيلن ۾ واڌاري ڏانهن وٺي ويندو. اصلاحي عملي رٿا جو نفاذُ سماجي تياريءَ جي رٿا سان شروع ٿيندو، جنهن ۾ چاڻ ڦهلائڻ جي مهم ۾ اصلاحي عملي رٿا جي معاوضي پهچائڻ، لڏپلاڻ ۾ شڪايتن جي نبيري سميت مرحلن جي پوري تشهير سان گڏ عوامي سطح جي مشاورت شامل هوندي. سماجي تياريءَ وارو مرحلو، سرڪاري زمين جي حد سان لڳو لڳ ۾ انهيءَ جي دنگ وارين متاثر عوامي گروهن سان، تعلق قائم ڪرڻ ۾ مدد ڪري سگهي ٿو ۾ مسئلن، رڪاوٽن ۾ امڪاني حلن جي نشاندهي ڪرڻ ۾ مدد ڪري سگهي ٿو. اهو پڻ متاثر عوامي گروهن کي پنهنجن پيهر وَسايل گهرن ۾ جيئڻ جي بهتر بندوبستن لاءِ اعتماد ۾ اتساهه فراهم ڪندو. جدول 6.2 سڀئا پاران اڳيئي کنيل ڪليدي قدمن ۾ ڪيل عملن کي شامل ڪري ٿي.

**جدول 6.2: اصلاحي عملي رٿا کي لاڳو ڪرڻ وارا قدم ۽ تازي حالت**

| قدم | سرگرمي ۽ تازي حالت (Update) |
|---|---|
| .1 | |
| .2 | عورتاڻي عملي وسيلي صنف تي مخصوص مشاورت، اهو ڄاڻائڻ ۽ يقيني بڻائڻ لاءِ ته عورتون سان برابر نمونيِ مشورو ڪيو ويو آهي ۽ هنن اصلاحي عملي رٿا کي لاڳو ڪرڻ ۾ شرڪت ڪئي آهي.<br>**ڪنيل قدمُ:** اي ايم يو مناسب احتياط جي جائزي دوران ڪيترين گڏجاڻين منعقد ڪيون آهن. صنف تي مخصوص مشاورت لڳاتار جاري رهندي. |
| .3 | اِي ايم يو کي سرزميني سطح تي قائم ڪرڻ.<br>**ڪنيل قدمُ:** جنرل مئنيجر جي سربراهيءَ ۾ سيڊا ۾ اي ايم يو اڳيئي قائم ٿيل آهي. فيلڊ ۾ دفتر سنت قائم ڪيا ويندا. |
| .4 | حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثر سمورن اهل گهراڻن کي چيڪن جي صورت ۾ روڪ معاوضي جي ادائگي.<br>**ڪنيل قدمُ:** ان لاءِ سيڊا/ايريا واٽر بورڊ لاڳاپيل ضلعي/روينيو انتظاميه سان گڏجي ڪم ڪيو آهي. |
| .5 | شڪايتن جي تدارڪ جو طريقيڪار ۽ بدِل اثاثن لاءِ معاوضي ۽/يا پيهر آبادڪاريءَ جي عطيي سان لاڳاپيل شڪايتن جو حلُ<br>**ڪنيل قدمُ:** سيڊا اڳيئي شڪايتن جي تدارڪ جون ڪميٽيون جوڙي چڪي آهي. |
| .6 | اصلاحي عملي رٿا/سنڌ ــ پاڻي ۽ زراعت جي هيئتي تبديليءَ جي منصوبي جي نفاذ تي سيڊا لاءِ ماهرن جي پينل جي صلاحڪاري خدمتن جي فراهمي<br>**ڪنيل قدمُ:** ماهرن جو پينل عمل ۾ سرگرم آهي ۽ اڳيئي ٻه پيرا سيڊا کي اصلاحي عملي رٿا/سنڌ ــ پاڻي ۽ زراعت جي هيئتي تبديليءَ جي منصوبي جي نفاذ تي رهنمائي ڪري چڪو آهي. |
| .7 | پي ايم او ۽ اِي ايم يو پاران اصلاحي عملي رٿا کي لاڳو ڪرڻ جي نگراني ۽ ماهوار بنياد تي رپورٽنگ |

اصلاحي عملي رٿا کي لاڳو ڪرڻ، خاص طور اڏاوتن ۾ بهتريءَ وارن وڌيڪ قدمن جي پڻ نشاندهي ڪئي ويئي آهي. اُهي جدول 6.3 ۾ ترتيب ڏنا ويا آهن.

**جدول 6.3:** اڏاوتن ۾ بهتريءَ لاءِ **اصلاحي عملي رٿا کي لاڳو ڪرڻ جا هدف**

| نمبر | هدف |
|---|---|
| .1 | ڊزائن خاطر صلاحڪاري خدمتن ۽ ڪچن ۽ اڌ پڪن گهرن جي نگرانيءَ لاءِ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جي ڀرتي |
| .2 | اصلاحي عملي رٿا/ اڏاوتن ۾ بهتريءَ، حقدارين، لڏپلاڻ جي رٿابنديءَ، ۽ گذر سفر جي وسيلن بابت نفاذ جِي وقت حساب سان ترتيب سميت آگاهين ۽ ڄاڻ واري تشهير |
| .3 | اعتماد ۽ صلاحيت وڌائڻ لاءِ حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثر گهراڻن، پاڳي پائيوارن، عوامي گروهن، ۽ مقامي انتظاميه سان مشاورت ڪرڻ ۽ آبادڪاريءَ ۽ اڏاوتن ۾ بهتريءَ جي عبوري مرحلي جي معاملي کي ڏسڻُ، جنهن ۾ عورتن جي سربراهيءَ وارن گهراڻن تي خاص ڌيان ڏنل هجي. |
| .4 | فهرست/ڊيٽابيس جي تصديق ۽ انهيءَ کي تازي حالت ۾ رکڻ ۽ نفاذ جي مقصدن لاءِ اهليت. |

| | |
|---|---|
| 5. | اصلاحي عملي رٿا/سنڌ ـ پاڻي ۽ زراعت جي هيئتي تبديليءَ جي منصوبي پٽاندر، انيڪ ڪميٽيون جهڙوڪ: شڪايتن جي تدارڪ جون ڪميٽين/مقامي ڪميٽين، کي قائم ڪرڻ لاءِ مقامي انتظاميه سان رابطيڪاري |
| 6. | اهل گهراڻن، گڏيل نموني پرڏيل جوڙي مان ٻنهي (جتي ممڪن هجي) کي قانوني مدي وارو دستاويز ڏيڻ. |

### 6.6.2 زمين جي حاصلات لاءِ . ٻيهر آبادڪاريءَ جي عملي رٿا کي جمع ڪرائڻ

سيڊا ٻيهر آبادڪاريءَ جي پاليسيءَ جي عملي ڍانچي (RPF)جي رهنما اصولن جي پوئواريءَ ۾ ٻيهر آبادڪاريءَ جي عملي رٿا تيار ڪندي. ٻيهر آبادڪاريءَ جي عملي رٿا، پاڻيءَ جي ڍانچن لاءِ زمين جي حاصلات جي ڪٽ ۽ سرڪاري زمين جي حد ۾ غير رسمي آبادڪارن، جيڪي هن وقت پڇاڙيءَ وارن سورهن ڪلوميٽرن جي حد ۾ جسماني ۽ اقتصادي ـ ٻنهي معنائن ۾ رهن ٿا، ۽ هن سنڌ ـ پاڻي ۽ زراعت جي هيئتي تبديليءَ جي منصوبي ۾ اختيار ڪيل پاليسيءَ وارو وڇور (ڏسو: 4.1 حقداريءَ جي اهليت واري پاليسي ۽ وڇور) استعمال ڪن ٿا، مٿان اثر شامل ڪندي. ٻيهر آبادڪاريءَ جي عملي رٿا، عالمي بئنڪ وٽ جائزي ۽ منظوري لاءِ ايس ايم آر پيءَ جي ضميمي طور جمع ڪرائي ويندي.

### 6.6.3 غير سرڪاري تنظيم/ گڏر سفر جي وسيلن جي سکيا واري پروگرام لاءِ ماهر ادارو

اڪرم واهه جي منصوبي واري علائقي ۾ ڪيترين ئي تنظيمون ڪم رهيون آهن. مثال طور نيشنل رورل سپورٽ پروگرام ـ اين آر ايس پي، صحت، تعليم، پاڻيءَ جي شعبي ۾ ڪم ڪري رهي آهي ۽ فصلن ۽ جانورن جي خريداريءَ لاءِ قرض فراهم ڪري رهي آهي. سيڊا کوجنا ڪندي ۽ پڇاڙيءَ ۾ اهڙيءَ غيرسرڪاري تنظيم/اداري کي پرتي ڪندي، جيڪو منصوبي واري علائقي ۾ پروگرام هلائي رهيو آهي ته جيئن لاپ پرائيندڙ گهراڻا وڌي مدي واري مدد ۽ جٽادار ترقيءَ لاءِ غيرسرڪاري تنظيم جي ڪم جي دائرن ۾ رهي سگهن.

گڏر سفر جي وسيلن جي سکيا واري پروگرام لاءِ مول متن کي نظر ۾ رکندي، جيڪو ادارو پرتي ڪيو ويندو، اُهو پراجيڪٽ ڊائريڪٽر/اِي ايم يو ۽ سرزميني عملي جي رابطيڪاريءَ سان گڏر سفر جي وسيلن جي پروگرام لاءِ ذميوار هوندو. گڏر سفر جي وسيلن جو تربيتي پروگرام اڪرم واهه اندر هڪ الڳ ٻيٽل منصوبي وانگي وضع ڪيو ويندو. اهو شروع ۾ ٽن سالن لاءِ هوندو، جنهن ۾، جيڪڏهن ضروري هجي، مدي وڌائڻ جا بندوبست هوندا. گڏر سفر جي وسيلن جي سکيا واري پروگرام جا مک محورا هوندا: (هڪ) لاپ پرائيندڙ امڪاني گروهن جو سماجي تحرڪ، (ٻه) آمدنيءَ جي بحاليءَ ۽ سڌارن لاءِ ترقياتي رٿائون، ۽، (ٽي) لاپ پرائيندڙ گروهن جي مجموعي ترقيءَ لاءِ سکيا ۽ صلاحيتون وڌائڻ. پراجيڪٽ ڊائريڪٽر، پراجيڪٽ ٽيم ۾ موجود اي ايم يو جي سماجياتي ماهر وسيلي نگرانيءَ ۽ نظرداريءَ لاءِ ذميوار هوندو.

## 6.7 ماهرن جو پينل

هڪ ڇهه رڪني ماهرن جو پينل جوڙيو ويو آهي، جيڪو تعليمي عالمن، ماهرن، سيڊا جي اڳوڻي عملَي، انساني حقن جي ڪارڪنن ۽ سول سوسائٽيءَ جي ميمبرن تي ٻڌل آهي. ماهرن جو پينلُ، اصلاحي عملي رٿا/ سنڌ ـ پاڻي ۽ زراعت جي هيئتي تبديليءَ جي منصوبي جي عملدرآمدي سرگرمين جي عرصيوار ۽ جامع جائزي جو اهمتام ڪندو؛ ۽ درست صلاحن ۽ سڌارن لاءِ قدمن (ڏسو: ضميمي 6 ۾ موجود مول متا) سان رهجي ويل کوٽن کي پوري ڪرڻ ۽ /يا نفاذ جي طريقن ۾ بهتري آڻڻ لاءِ ماهراڻي راءِ ڏيندو. هن وقت تائين ماهرن جي پينل جون ٻه گڏجاڻيون منعقد ٿي چڪيون آهن. ماهرن جي پينل کي سيڊا جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر ۽ ٻين سينيئر عملدارن، منصوبي جي تياريءَ سان لاڳاپيل صورتحال جي آگاهي ڏني. سيڊا اڳيئي ماهرن جي پينل لاءِ آزاد رٽاير ٿيل جج کي شڪايتن جي تدارڪ جي ڪميٽيءَ جي سربراهي

ڪرڻ واري سفارش تي عمل ڪيو آهي. ماهرن جي پينل سنڌ ـ پاڻي ۽ زراعت جي هيئتي تبديليءَ جي منصوبي سان لاڳاپيل پاليسيءَ وارن مسئلن ڪي پڌري ڪرڻ تي زور پڻ ڏنو آهي. ماهرن جي پينل جو شروعاتي طرح صلاحڪاري خدمتون ٻن سالن لاءِ آهن.۽ پوءِ ايس ايم آر پيءَ جي نفاذ واري عرصي ڪي پوري ڪرڻ لاءِ مدو وڌايو ويندو. ماهرن جو پينل هر ٽئين مهيني سرزميني دورن ۽ فيلڊ/سيڊا جي عملي سان گڏجاڻين جي بنياد تي اڳڀرائيءَ جو جائزو وٺندو.ماهرن جي پينل جي رپورٽن تي سيڊا عمل ڪندي ۽ اهي منصوبي جي ويب سائيٽ تي جائتيون ڪيون ويندِيون.

## باب ستون
## شڪايتن جي تدارڪ جا طريقيڪار

### 7.1 شڪايتن جي تدارڪ جي طريقيڪار جو جواز

سماجي ۽ ٻيهر آبادڪاريءَ جي انتظامڪاريءَ جي منصوبي ڪي لاڳو ڪرڻ منجهان اپرندڙ اختلاف ۽ شڪايتن جي تدارڪ سان نبرڻ لاءِ، سيڊا اڳيئي شڪايتن جي تدارڪ جو طريقيڪار قائم ڪري چڪي آهي. شڪايتن جي تدارڪ جي طريقيڪار جو هڪ ڪليدي مقصدُ، منصوبي هيٺ، سماجي تحفظن ۽ حقدارين مثان شڪايتن ۽ اختلافن جي تصفيي لاءِ قاعدن ڪي قائم ڪرڻُ ۽ اصلاحي عملي رٿا / سماجي ۽ ٻيهر آبادڪاريءَ جي انتظامڪاريءَ جي منصوبي جي اپائن ڪي سڌائيءَ سان لاڳو ڪرڻ ۾ مقامي سطح تي سهولت ڏيئي حل ڪرڻ آهي. شڪايتن جي تدارڪ جو طريقيڪارُ، پاڳي پائيوارن جي سڀني نوعيتن کان گمنام ۽ راز جي صيغي ۾ رکيل درخواستن (يا شڪايتن) ڪي جمع ڪرائڻ جي اجازت ڏيندو. اهو عمل سيڊا ڪي انهيءَ لائق بڻائيندو ته اها مداخلتن ۽ سرگرمين خلاف پاڳي پائيوارن جي ڪن رنجشن ڪي دور ڪري سگهي. هيءُ باب، مختصر نموني، قاعدن ڪي، شڪايتن جي تدارڪ جي طريقيڪار جي دستاويز بندي (Documentation) جي تشهير سميت، بيان ڪري ٿو. نتيجي ۾، شڪايتن جي تدارڪ جو نظامُ منصوبي ڪي عوام آڏو جوابدار بڻائيندو ۽ مقامي سطح تي ترقياتي عمل ڪي جمهوري نوعيت جو بڻائيندو.

### 7.2 شڪايتن جي تدارڪ جي طريقيڪار جا مقصد

جيئن ته شڪايتن جي تدارڪ جو طريقيڪار "قانون کان اضافي" اختلاف ڪي حل ڪرڻ جو طريقيڪار آهي، تنهنڪري، شڪايتن جي تدارڪ جو طريقيڪار، گهٽي پاڳي، منصوبي سان لاڳاپيل حقدارين يا فائدن سان معاملو رکندو؛ مالڪيءَ/ کاتن سان لاڳاپيل ڪوبه تڪرار، جيڪو قانوني نوعيت جو آهي، اُهو

مناسب عدالتي/ انتظامي اختيار جي دائري لاءِ ڇڏيو ويندو. تنهن هوندي به، پي ايم او/اي ايم يو لاڳاپيل اداري سان رابطي ۾ رهندا ۽ جهيڙي جي نبيري ۾ سهولتڪاري ڏيندا.
شڪايتن جي تدارڪ جي طريقيڪار جا مول متا آهن: (هڪ) انهيءَ ڳالهه کي يقيني بڻائڻ ته اڪرم واهه ذيلي منصوبو عالمي بئنڪ جي مينيوئل او – پي 4.12 جي گهرجن جي پوئواريءَ ڪري ٿو، (ٻه) اُهو سماجي ۽ ٻيهر آبادڪاريءَ جي انتظامڪاريءَ جي منصوبي /اصلاحي عملي رٿا منجهان اپرندڙ سڀني شڪايتن سان لهه وچڙ ۾ اچي ۽ تن کي حل ڪري ٿو، (ٽي) منصوبي جي عملي ۽ پاڳي پائيوارن وچ ۾ پروسي جي لاڳاپن کي قائم رکي ٿو؛ (چوٿون) هڪ قائم ڪيل ابلاغي نظام وسيلي متاثر ماڻهن سميت پاڳي پائيوارن وچ ۾ شفافيت پيدا ڪري ٿو؛ ۽ (پنجون) منصوبي جي عملَي ۽ متاثر ترين منجهه پروسي جي لاڳاپي کي هٿي ڏئي ٿو.

## 7.3 اڪرم واهه لاءِ شڪايتن جي تدارڪ جي ڪميٽي

سيڊا، اڳيئي، شڪايتن جي تدارڪ ڪميٽي قائم ڪري ۽ انهيءَ جو عام اعلان ڪري چڪي آهي، جيڪا هيٺين ميمبرن تي ٻڌل آهي (ڏسو: جدول 7.1). هيءَ اٺ رڪني ڪميٽي، هڪ رٽائرڊ جج جي سربراهيءَ ۾ آهي ۽ تنهن ۾ سيڊا/ايريا واٽر بورڊ جو سرزميني (فيلڊ) عملو ۽ متاثر عوامي گروهن جا نمائندا شامل آهن.

**جدول 7.1: شڪايتن جي تدارڪ جي ڪميٽي**

| عهدا | ميمبر |
|---|---|
| چيئرمين | ريٽائر ٽيل سيشن جج/سنڌ هاءِ ڪورٽ جو وڪيل |
| وائيس چيئرمين | ڊائريڪٽر ليفٽ بئنڪ ڪئنال ايريا واٽر بورڊ |
| ميمبر | چيئرمين/ مک ميمبر ليفٽ بئنڪ ڪئنال ايريا واٽر بورڊ |
| ميمبر | ايگزيڪيوٽو انجنيئر اڪرم واهه |
| ميمبر | ڪئنال اسسٽنٽ (ڊائريڪٽر ليفٽ بئنڪ ڪئنال ايريا واٽر بورڊ پاران نامزد ٿيندڙ) |
| ميمبر | جنرل مئنيجر ٽرانزيشن، سيڊا |
| سيڪريٽري ميمبر | سماجياتي ماهر/سيڊا جو مرڪزي نمائندو (Focal point) |
| ميمبرَ | منصوبي کان متاثر ماڻهن جا 2 نمائندا |

حددخلين کي هٽائڻ جي مهم/منصوبي جي اثرن ۽ متاثر ماڻهن جي تعداد کي نظر ۾ رکندي، مختلف حقدارين تي شڪايتن ۽ تڪرارن پيدا ٿيڻ جو تمام گهڻو امڪان آهي، مثال طور، (هڪ) نقصانن جي منصوبي واري فهرست کي تيار ڪرڻ ۾ غيرارادي غلطين جي ڪري؛ (ٻه) ڳڻپ/سروي دوران حقي متاثر ٿيل گهراڻن جي عدم شموليت جي ڪري؛ (ٽي) اثاثن جي قدر مٿان تڪرار جي ڪري؛ (چوٿون) مالڪيءَ مٿان تڪرار جي ڪري؛ ۽ (پنجون) معاوضي جي ورهاستن ۾ ديرجي ڪري. امڪان اهو ئي آهي ته شڪايتن جي گهڻائيءَ جو لاڳاپو، معاوضي ۽ عطين جي اهليت ۽ ٻڌل اثاثن جي قدر سان هوندو. شڪايتن جي تدارڪ جي ڪميٽيءَ لاءِ هدفَ، شڪايتن جو تدارڪ ڪرڻ، منصوبي ۽ تڪراري ترين – ٻنهي لاءِ اطمينان جوڳن گڏيل سهمتي نبيرن کي رسڻُ، ۽ منصوبي کي لاڳو ڪرڻ ۾ دير ٿيڻ کي روڪڻُ آهن. منصوبو، مقامي سطح تي شڪايتن جي تدارڪ جون ڪميٽيون پڻ قائم ڪندو ته جيئن سموري عمل کي منصوبي جي متاثر ماڻهن لاءِ رسائيءَ جوڳو بڻائي سگهجي.

## 7.4 شڪايتن جي تدارڪ جي ڪميٽيءَ جو عملُ ۽ مُدي جي حد (Timeline)

جدول 7.2 اڪرم واهم ذيلي منصوبي جي اختيار ڪيل شڪايتن جي تدارڪ جي ڪميٽيءَ جي عملن کي بيان ڪري ٿي. سيڊا، شڪايتن جي تدارڪ جي ڪميٽيءَ جي نظام کي هلائڻ لاءِ اڳيئي، هموار نموني اپاءَ ورتا آهن ـ مثال طور، (هڪ) مارچ 2022ع ۾ شڪايتن جي تدارڪ جي طريقيڪار جي ڪميٽي جي تشهير، ۽ موبائيل فون تان نياپن، ٽيليفون، اي ميل ۽ هٿئون هٿ طريقي وسيلي شڪايتن کي جمع ڪرڻ لاءِ شڪايتن جو رجسٽر اڳيئي موجود آهي. شڪايتن جي تدارڪ جي ڪميٽي، تڪرار يا شڪايت جي نوعيت جي حساب سان، شڪايت ملڻ جي پنجن ڪان ٽيهن ڏهاڙن وچ ۾ شڪايت کي ٻڌي ۽ تنهن کي حل ڪندي.

**جدول 7.2: شڪايتن جي تدارڪ جي ڪميٽيءَ جو عملُ ۽ مُدي جي حد (Timeline)**

| نمبر | سرگرمي | ذميواري | مدي جي حد | ويچار |
|---|---|---|---|---|
| 1 | سب ڊويزن جي دفترن/ عوامي هنڌن تي سماجي شڪايتن جو رجسٽر/ شڪايتي دٻو رکڻ | ايريا واٽر بورڊ | سيپٽمبر 2022ع | شڪايت، سماجي شڪايتن جي رجسٽر ۾ درج ڪرائي سگهجي ٿي. |
| 2 | شڪايتن جي تدارڪ جي طريقيڪار جي تشهير/منصوبي جي متاثر ماڻهن لاءِ طريقيڪار عمل درآمد دوران جاري رکڻ لاءِ | ايريا واٽر بورڊ | مارچ 2022ع ۾ نظرثاني ڪيل اصلاحي عملي رٿا دوران اڳيئي مڪمل ڪيل | اصلاحي عملي رٿا کي لاڳو ڪرڻ دوران اهو عمل جاري رهندو |
| 3 | شڪايتون جمع ڪرائڻ | منصوبي کان متاثر ٿيل ماڻهو | اصلاحي عملي رٿا کي لاڳو ڪرڻ وارو عرصو | موبائيل فون تان نياپو، ٽيليفون، اي ميل، هٿئون هٿ ڏيڻ جي طريقو، سيڊا/ايريا واٽر بورڊ جي ويب سائيٽ |
| 4 | شڪايتن جي دستاويز بندي | شڪايتن جي تدارڪ جي ڪميٽيءَ جو/جي سيڪريٽري | جيئن ئي شڪايتون ملن ٿيون | – |
| 5 | مليل شڪايت جي رسيد موڪلڻ | شڪايتن جي تدارڪ جي ڪميٽيءَ جو/جي سيڪريٽري | – | – |
| 6 | شڪايتن جي تدارڪ جي ڪميٽيءَ جي پهرين گڏجاڻي | – | شڪايت جي رسيد جي پنجن ڏهاڙن اندر | – |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 7 | شڪايت جو حل ۽ دستاويزبندي | — | شڪايت جي رسيد جي ڏهن ڏهاڙن اندر | |
| 8 | شڪايتن جي تدارڪ جي ڪميٽيءَ جي ٻي گڏجاڻي | — | شڪايت جي رسيد جي ويهن ڏهاڙن اندر | جيڪڏهن پهرين گڏجاڻيءَ ۾ شڪايتون نه ٿيون نبيرجن ته پوءِ حل لاءِ ٽين گڏجاڻي سڏائي ويندي |
| 9 | شڪايتن جي تدارڪ جي ڪميٽيءَ جي ٽين گڏجاڻي | — | شڪايت جي رسيد جي ٽيهن ڏهاڙن اندر | جيڪڏهن ٻي گڏجاڻيءَ ۾ شڪايتون نه ٿيون نبيرجن ته پوءِ حل لاءِ ٽين گڏجاڻي سڏائي ويندي |
| 10 | تڪرار شخص/ذر ڏانهن شڪايتن جي تدارڪ جي ڪميٽيءَ جو اعلان نامو | — | شڪايتن جي تدارڪ جي ڪميٽيءَ جي فيصلي جي ستن ڏهاڙن اندر | اضافي ادائگي (جيڪڏهن ڪا هجي) سيدا پاران ٽيهن ڏهاڙن اندر ادا ٿيڻ گهرجي |

**7.5 شڪايتن جي رسائي ۽ تن ڪي جمع ڪرائڻ**

تجربي مان معلوم ٿيو آهي ته معروضي طرح شڪايتن جي تدارڪ جي طريقيڪار جي موثريت، ذميوار عملي/ذميوار ماڻهن جي رسائيءَ سان وڏيءَ حد تائين جڙيل آهي، جيڪي شڪايتون وصول ڪندا ۽ تن جي موٽ ڏيندا آهن ۽ هفتي جي ڪم وارن ڏهاڙن ۾ دستياب هوندا آهن ته جيئن سائل ماڻهو اچي ۽ ڳالهائي سگهن. اڪرم واهه ۾، سموريون شڪايتون اِي ايم يو جي ڊائريڪٽر جنرل/سماجياتي ماهر ڪي موڪلي وينديون. شڪايتون ذاتي طرح، لکت، زباني طور، فون تي، فيڪس، اي ميل وسيلي يا ڪنهن ٻئي ابلاغي وسيلي ذريعي جمع ڪرائي سگهجن ٿيون. اي ميل وسيلي شڪايتن ڪي جمع ڪرڻ لاءِ رابطا جدول 7.3 ۾ آهن.

**جدول 7.3: شڪايتن ڪي جمع ڪرائڻ لاءِ رابطي جا تفصيل**

| نالو | عنوان | ٽيليفون | اي ميل ايڊريس | معروضي هنڌ |
|---|---|---|---|---|
| | اِي ايم يو جو جنرل مئنيجر | | | سيدا جو دفتر، حيدرآباد |

تنهن کان سواءِ، اِي ايم يو جو ڊائريڪٽر، هيٺين تفصيلن سان شڪايتي فارم ۾ اندراجي مواد تيار ڪندو، (الف) شڪايت (ن) ڪي داخل ڪرائيندڙ شخص (ن) جو نالو؛ (ب) رابطي جو مڪمل تفصيل، قومي سڃاڻپ ڪارڊ، فون نمبر؛ (ب) (دستاويزبنديءَ سان، جتي گهرج هجي) شڪايتن جي نوعيت جو مختصر تفصيل؛ (پ) ڏکويل شخص جي صحي، ۽؛ (ت) تفصيل درج ڪندڙ آفيسرن جي تاريخ ۽ وقت سميت نالو ۽ صحي.

ڏکويل شخص، پوئواريءَ واري عمل جي مقصد لاءِ تفصيل درج ڪندڙ آفيسر کان شڪايتن جي سلسلي ۾ دفتري يادداشت نامو (Memo) وصول ڪندو. شڪايتون ڪن به دستياب طريقن وسيلي وصول ڪري

سگهجن ٿيون ۽ سرشتي ۾ جائتيون ڪيون ويندي ۽ ايئن نبيريون وينديون، جيئن جدول 7.2 ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي.

### 7.6 شڪايتن جي تدارڪ جي ڪميٽيءَ جي دستاويزي بندي، نتيجا ۽ تشهير

شڪايتن ۽ تڪرارن ۽ شڪايتن جي تدارڪ جي ڪميٽين جي عملي وهنوار جي باري ۾ رڪارڊ ۾ شڪايت جي تاريخ، شڪايت ڪندڙ جا تفصيل، شڪايت جو بيان، ڪيل ڪارروايون، ڪارروائي ڪرڻ لاءِ ذميوار شخص، نظرثاني ۽ غور ويچار لاءِ ڪميٽيءَ وٽ شڪايتن جي تدارڪ وارو فائيل جمع ڪرائڻ شامل هوندو. ماحول جي انتظامي شعبو جو سماجياتي ماهر (جيڪو/جيڪا سيڪريٽري ميمبر آهي) شڪايتن کي گهٽائڻ لاءِ ڪنيل سمورن اُپائن کي درج ڪرڻ لاءِ ذميوار هوندو/هوندي. لکت ۾ يا زباني طور (يا فون وسيلي) وصول ڪيل سڀ شڪايتون درج ڪيون وينديون ۽ تن کي درست نموني دستاويز شڪل ڏني ويندي. ماحول جو انتظامي شعبو انهيءَ لاءِ اردو ٻوليءَ ۾ ورهائڻ واسطي هڪ موزون فارم وضع ڪندو.

شڪايتن جي تدارڪ جي ڪميٽيءَ جي بحث مباحثن ۽ فيصلن جا نتيجا، ماحول جي انتظامي شعبي جي دفتر پاران، مدي جي حد اندر، شڪايت ڪندڙ تر ڏانهن، لکت جي صورت ۾ جاري ڪيا ويندا. شڪايتن جي تدارڪ جي ڪميٽيءَ جا ڪيل فيصلا، تڪرار رکندڙن کي ادا ٿيندڙ اضافي مراعتون يا معاوضي جي سلسلي ۾، سيدا/منصوبي مٿان (ادائگيءَ جي ڏس ۾) لازمي هوندا. پي ايم او جو دفتر، ٿيهن ڏهاڙن اندر، ڌرين کي شڪايتن جي تدارڪ جي ڪميٽيءَ جون طئه ڪيل مراعتون ڏيندو.

مختلف شڪايتن جي تدارڪ جي ڪميٽين وٽ پيل گڏجاڻيءَ جي ڪارروائيءَ جا تفصيل محفوظ ڪيا ويندا ۽ ڪيل فيصلا، معاملي کي محفوظ رکڻ جي دستاويز ۾، چاڻ ۾ واڌاري (Input) جو حصو بڻايا ويندا ۽ اُهي هر ڪا لاڳاپيل شڪايتن جي تدارڪ جي ڪميٽي، درست نموني، فائيل ۾ محفوظ ڪندي. ماحول جو انتظامي شعبو، شڪايتن جي تدارڪ جي ڪميٽيءَ سان لاڳاپيل سموري دستاويزن کي سنڀاليندو ۽ شڪايتن جي تدارڪ جي ڪميٽيءَ جون ڪارروايون عالمي بئنڪ، خارجي/آزاد تجزيي ڪارن ۽ ٻين دلچسپي رکندڙ ڌرين جي جائزي لاءِ دستياب هونديون. شڪايتن جي تدارڪ جي ڪميٽيءَ جي سرگرمين جو ساليانو جائزو ورتو ويندو ۽ اُهي منصوبي جي ويب سائيٽ تي جائتيون ڪيون وينديون ۽ ٻين پاڳي پائيوارن لاءِ دستياب ڪيون وينديون.

# باب اٺون
# لاڳت ۽ مالي سهائتا جي رٿا

## 8.1 عمومي جائزو

هيءُ باب، سماجي ۽ ٻيهر آبادڪاريءَ جي انتظامڪاريءَ جي منصوبي جي اصلاحي عملي رٿا سان لاڳاپيل اپائن (جهڙوڪ: بدل اڏاوتن لاءِ رقم، عطين، اڏاوتن ۾ بهتري)، گذر سفر جي وسيلن جي بندوبست لاءِ سکيا، ۽ زمين ونڻ ۽ اڪرم واهه جي بچيل سورهن ڪلو ميٽرن واري ڊيگهه لاءِ زمين حاصل ڪرڻ/ٻيهر آبادڪاريءَ جي سرگرمين واسطي اسم وار اهڃاڻي لاڳت (Indicative Cost) فراهم ڪري ٿو.

سماجي ۽ ٻيهر آبادڪاريءَ جي انتظامڪاريءَ جي منصوبي جي ڪُل ڪَٿيل بجيٽ 542.13 پاڪستاني رپيا/2.297 ملين آمريڪي ڊالر آهي (ڏسو جدول: 8.1). اصلاحي عملي رٿا جي اپائن خاص طور بدل اڏاوتن ۽ اڏاوتن ۾ بهتريءَ، لاءِ خرچ جا ڪاٿا، مختلف سرڪاري ڪاتن/ادارن پاران ڪتب آندل هاٹوڪن اگهن جو بنياد رکن ٿا. زمين جي حاصلات، وڻن ۽ فصلن وغيره ۽ سکيا تي لڳندڙ رقم لاءِ لاڳت ۾، نفاذ مهل ٺهڪاءَ پيدا ڪرڻ جي گهرج پئجي سگهي ٿي. تفصيل باب ۾ اڳتي الڳ نموني پيش ڪيا ويا آهن.

**جدول 8.1 سماجي ۽ ٻيهر آبادڪاريءَ جي انتظامڪاريءَ جي منصوبي لاءِ ڪَٿيل لاڳت ـ خلاصو**

| لاڳت جو اسم | پاڪستاني (ملين) رپين ۾ |
|---|---|
| 1. اصلاحي عملي رٿا لاءِ اپاءَ | |
| اڏاوت جي نقصان لاءِ رقم | 308.55 |
| عطيا (لڏپلاڻ، گذر سفر جي وسيلا ۽ ڪمزوري ) | 74.23 |
| ***ننڍيو ڪل*** | 382.78 |
| 2. اڏاوتن ۾ بهتري | 63.38 |
| 3. سکيا (زرعي بنيادن تي ۽ هنري) | 46.04 |
| 4. مستقبل ۾ زمين ونڻ ۽ رهيل سورهن ڪلوميٽرن لاءِ زمين حاصل ڪرڻ ۽ ٻيهر آبادڪاري | 49.93 |
| **ڪل** | 542.13 |
| | آمريڪي ڊالر 2.297 ملين (8 جولاءِ 2022ع تي پاڪستاني رپئي جو ملهه 236 رپيا في ڊالر) |

## 8.2 سماجي ۽ ٻيهر آبادڪاريءَ جي انتظامڪاريءَ جي منصوبي/اصلاحي عملي رٿا لاءِ مالي سهائتا

سماجي ۽ ٻيهر آبادڪاريءَ جي انتظامڪاريءَ جي منصوبي جي اصلاحي عملي رٿا جي پاڱي (308.55+74.23 پاڪستاني رپيا = 382.78/ملين پاڪستاني رپيا) لاءِ پوريءَ طرح سنڌ حڪومت مالي امداد ڏيندي. پي سي – 1 پٽاندر اصلاحي عملي رٿا لاءِ حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثر ڪٽنبن کي معاوضي جي ادائگيءَ واسطي 300 ملين پاڪستاني رپين جي منظور ٿيل بجيٽ رکي ويئي آهي. بهرحال، اصلاحي عملي رٿا جي معاوضي ۽ عطين لاءِ ڪُل ڪَٿيل لاڳت، ڪم هلائڻ واري (Operatinal)۽ اتفاقي لاڳتن سميت، 382.87 ملين پاڪستاني رپيا آهي. سيڌا کي سنڌ حڪومت کان اضافي مالي فنڊَ (جيڪو 82.78 ملين پاڪستاني رپيا آهي) ملندي. پوري بجيٽ (اڏاوتن ۾ بهتري، سڪيا، زمين جي حاصلات ۽ ٻيهر آبادڪاري وغيره) لاءِ رقمَ سنڌ – پاڻي ۽ زراعت جي هيئتي تبديليءَ جي منصوبي – (سواٽ)، جي پي سي – 1 هيٺ، مقابلي (Counterpart) فنڊن وسيلي سيڌا فراهم ڪندي. ضميمو: 7 رڳو اڏاوتن لاءِ روڪ معاوضي واسطي لاڳت جي ڪاٿن جي تفصيلن تي ٻڌل آهي.

## 8.3 سماجي ۽ ٻيهر آبادڪاريءَ جي انتظامڪاريءَ جي منصوبي لاءِ لاڳت جا ڪاٿا

### 8.3.1 اصلاحي عملي رٿا جي (اڏاوتن ۾ عطين) جي ادائگين لاءِ لاڳت جا ڪاٿا

جدول 8.2 حقدارين واري وچور پٽاندر ادائگين لاءِ ساخت ۽ ٻين عطين واسطي لاڳت جي ڪاٿن جو تفصيلي چيد فراهم ڪري ٿي.

**جدول 8.2: اصلاحي عملي رٿا جي ادائگين لاءِ لاڳت جا ڪاٿا**

| اسم جي لاڳت | | | ڪل لاڳت/پاڪستاني رپيا (ملين ۾) |
|---|---|---|---|
| الف. (رهائشي، تجارتي ۽ ٻين) اڏاوتن لاءِ روڪ معاوضو | | | |
| 1. رهائشي اڏاوت | | | 247.60 |
| 2. تجارتي اڏاوت | | | 23.03 |
| 3. ٻي اڏاوت | | | 16.63 |
| 4. ڪم هلائڻ جي لاڳت (انتظامي ۽ نگرانيءَ واري) | | | 3.87 |
| 5. اتفاقي لاڳت | | | 17.40 |
| ننڍو ڪل | | | 308.55 |
| ب. لڏپلاڻ/گذر سفر جي وسيلن ۽ ڪمزوريءَ جا عطيا | | | |
| بيان | حددخلين کي هٽائڻ جي مهم جي اهل متاثرن جو انگ | عطيا (پاڪستاني رپين ۾)/في متاثر گهراڻو | ڪل لاڳت پاڪستاني رپيا (ملين ۾) |
| 6. دربدريءَ جو عطيو | 1236 | 25000 | 30.900 |
| 7. لڏپلاڻ لاءِ سواريءَ تي لاڳت | 1236 | 10000 | 12.360 |
| 8. گذر سفر جي وسيلن جا عطيا حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثرن/دڪانن وغيره لاءِ | 90 | 25000 | 2.250 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 9. عورتن جي سربراهيءَ ۾ گهراڻا | 54 | 25000 | 1.350 |
| 10. غربت جي لڪير | 1095 | 25000 | 27.375 |
| **ننڍو ڪُل** | | | **74.235** |
| **الف + ب جو ڪل** | | | **382.785** |

**8.3.2** اڏاوتن ۾ بهتريءَ ۽ **گذر سفر جي وسيلن جي سکيا واري پروگرام (LTP) لاءِ لاڳت جا ڪاٿا**

جدول: 8.3 اڏاوتن ۾ بهتريءَ ۽ گذر سفر جي وسيلن جي سکيا واري پروگرام لاءِ ڪَٿيل لاڳت پيش ڪري ٿي. انهيءَ ۾ لڏپلاڻ ۽ ڪمزور گروهن لاءِ عطيا ۽ هنري سکيا لاءِ لاڳت شامل آهي. اڏاوتن ۾ بهتريءَ ۽ گذر سفر جي وسيلن ۾ واڌاري جي سکيا لاءِ 104.42 پاڪستاني ملين رپيا رکيل آهن.

**جدول 8.3:** اڏاوتن ۾ بهتري ۽ **سکيا لاءِ ڪَٿيل لاڳت**

| بيان | اهل گهراڻن جو انگ | في گهراڻو/ماڻهو مراعت (پاڪستاني رپين ۾) | ڪل پاڪستاني رپيا (ملين ۾) |
|---|---|---|---|
| الف. غريب (ڪچي جهوپڙيءَ کان ڪچي گهر/اڌ پڪي گهر تائين) ـ رهائشي/تجارتي، لاءِ گهر ۾ بهتري | | | |
| ڪچن جهوپڙين وارن گهراڻن لاءِ اڏاوت ۾ بهتريءَ جي امداد | 188 | 135000 | 25.38 |
| اڌ پڪن گهرن لاءِ اڏاوت ۾ بهتريءَ جي امداد | 100 | 30000 | 3.00* |
| پاڻي ۽ صفائي سترائيءَ جون سهولتون، سولر پينل گيس، چلها وغيره | 1000 | 25000 | 25.00** |
| ٽيڪنيڪي خدمتون (سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن) | | هڪ منو حساب | 10.00 |
| **ننڍو ڪل** | | | **63.38** |
| **ب. زرعي بنياد واري سکيا (سکيا وٺندڙن لاءِ ستن ڏهاڙن لاءِ وظيفي/هر ڏهاڙي جي عطيي سميت)** | | | |
| پوکي راهي ـ تازي ٽيڪنالاجيءَ جو واهپو | 583 | 20000 | 11.66 |
| جانورن جي پالنا | 273 | 20000 | 5.46 |
| زمين جي واهپي جي رٿابندي | 296 | 20000 | 5.92 |
| **ننڍو ڪل** | | | **23.04** |
| **ت. ٽيڪنيڪي سکيا (سکيا جي فين ۽ سکيا جي عرصي دوران وظيفي سميت)** | | | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| عورتن لاءِ دستڪاريءَ جي سکيا (منصوبي جي هنڌ تي عوامي سطح جي سکيا) | 200 | 20000 | 4.00 |
| مشيني/برقي ۽ ٻين پيشن ۾ سکيا | 200 | 20000 | 4.00 |
| غيرسرڪاري خدمتون (ب ۽ ت لاءِ) | | هڪ منو حساب | 10.00 |
| آزاد، ٽئين ڌر جي نگراني ڪندڙ ماهر (آبڻ کان پوءِ نگرانيءَ سميت) | | هڪ منو حساب | 5.00 |
| **ننڍو ڪل** | | | **23.00** |
| **الف + ب + ت ڪل** | | | **109.42** |
| نوٽ: *هيءُ عارضي حساب آهي، جيڪو اندازو لڳائي ٿو ته هڪ سئو غريب اڌ پڪا گهراڻا آهن، جن کي 30000 (ٽيهه هزار) پاڪستاني رپين جي ڪوٽ آهي. **ڪنهن نقطي تي، انهيءَ جو بهتر نموني حساب ٿيڻ گهرجي. اِهو هن وقت لڳ ڀڳ 100(هڪ سئو) آمريڪي ڊالر في گهراڻو آهي، جيڪو گهٽ ۾ گهٽ پاڻي صحيح ٿو لڳي. | | | |

### 8.3.3 زمين جي حاصلات ۽ ٻيهر آبادڪاري ۽ باقي سورهن ڪلوميٽرن جي ٻيگهه

جدول 8.4 مستقبل ۾ زمين وٺڻ، ٻيهر آبادڪاري ۽ گذر سفر جي وسيلن جي سرگرمين سان لاڳاپيل اهڃاڻي (Indicative) ۽ ابتدائي لاڳت فراهم ڪري ٿي. هن مرحلي تي، ٻيهر آبادڪاريءَ جي عملي رٿا جي بجيٽ عارضي آهي؛ لاڳت جي ڪاٿن تي نظرثاني ڪئي ويندي ۽ جڏهن حتمي ڊزائن وڏيڪ درست ڏيڻا (يعني زمين، اڏاوتون، فصل، وڻ) ۽ ٻين نقصانن جهڙوڪ آمدنيءَ ۽ گذر سفر جي وسيلن، ۽ ڪمزوريءَ ۽ غربت جي صورتحال سميت دستياب ٿيندي ته انهيءَ کي تازي حالت ۾ آندو ويندو. يونٽ جي لاڳتن جو بنياد (اڏاوت وغيره لاءِ) ساڳيو آهي، جيئن اصلاحي عملي رٿا ۾ موجود آهي. تفصيل ضميمي: 8 ۾ ڏنا ويا آهن.

**جدول 8.4: اصلاحي عملي رٿا لاءِ بجيٽ**

| بيان | اڏاوتن جو انگ | متاثر گهراڻن جو انگ | ڪَٽيل معاوضي (پاڪستاني رپيا ملين ۾) |
|---|---|---|---|
| اڏاوتون (رهائشي، تجارتي ۽ ٻيون) | 151 | 112 | 13.856 |
| زمين جو معاوضو (19.47) | هڪ منو حساب | | 26.869 |
| فصل | | 92 | 3.559 |
| خانگي وڻن جو معاوضو | 462 | 23 | 1.777 |
| **ننڍو ڪل** | | | **32.205** |
| انتظامي ۽ ڪم هلائڻ جي لاڳت | | | 3.870 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڪل | | | **49.931** |

## باب نائون
## نگراني ۽ ڪَٿ

### 9.1 سماجي ۽ ٻيهر آبادڪاريءَ جي انتظامڪاريءَ جي منصوبي جا هدف، جائزو ۽ ڪَٿ

سماجي ۽ ٻيهر آبادڪاريءَ جي انتظامڪاريءَ جي منصوبي جا هدفَ، وسيع پئماني تي (هڪ) اصلاحي عملي رٿا کي لاڳو ڪرڻ؛ (ٻه) اڏاوتن ۾ بهتريءَ ۽ گذر سفر جي وسيلن ۾ واڌارو، ۽ (ٽي) ٻيهر آبادڪاريءَ جي تياري ـ اضافو ۽ نفاذ ۾ ورهايا ويا آهن.

سِپني صورتن ۾، ڪليدي سرگرميون، متاثر ٿيل گهراڻن/ عوامي گروهن سان مشاورت، حقدارين جي رسد، شڪايتن جو تدارڪ، لڏپلاڻ / اڏاوتن ۾ بهتريءَ، عطين/فائدن جون ادائگيون، ۽ آمدنيءَ ۽ گذر سفر جي وسيلن جي سڪيا شامل ڪنديون.

نگراني، معروضي ۽ مالي هدفن ـ ٻنهي، ۽ ماهوار بنياد تي متاثر ماڻهن کي حقدارين جي رسد تي ڌيان ڏيندي. مجموعي طرح، اُها اڳڀرائيءَ ۽ ڪارڪردگين، جن ۾ خارجي جائزي/آزاد نگراني وسيلي واڌارو آندو وڃڻو آهي، ـ ٻنهي کي ڪَٿڻ لاءِ داخلي نگراني ڄاتي ويندي. منصوبو، نگرانيءَ ۽ ڪٿ جي سرگرمين، خاص طور آبپاشيءَ جي شعبن ۾ آئيندي لاءِ پاليسين ۽ منصوبن لاءِ اصلاحي عملي رٿا/ٻيهر آبادڪاريءَ جي عملي رٿا منجهان سکيل سبقن جي جائزي، لاءِ جوڳو وقت، وسيلا ۽ فنڊ فراهم ڪندو.

### 9.2 نگرانيءَ ۽ ڪٿ جا طريقا ۽ اهڃاڻَ (Indicators)

نگرانيءَ ۽ ڪٿ جا اهڃاڻَ، (هڪ) منصوبي کي لاڳو ڪرڻ دوران هلندڙ اڳڀرائيءَ کي ڪَٿڻ، ۽ (ٻه) متاثر ماڻهن ۽ متاثر عوامي گروهن جي منصوبي کان اڳ ۽ پوءِ صورتحال جي ڀيٽا کي گڏ ڪرڻ ۾ وسيع پيماني جي اوزارن ۽ مهارتن (Techniques) (جهڙوڪ، ڪليدي ڄاڻ فراهم ڪندڙَ انٽرويوئن، ننڍن

گروهن سان ڳالهين ٻولهين، ڳوٺاڻي سطح جي گڏجاڻين، تفصيلي انٽرويوئن، رسمي ۽ غير رسمي گڏجاڻين ۽ سڌن ساختي مشاهدن) جي واهپي کي راهه ڏيڻ لاءِ گاڏڙ نوعيت جا هوندا. نگرانيءَ ۽ ڪٿ جا طريقا جيڪي اهڃاڻ ۽ نشانَ شامل ڪندا، سي آهن:
(الف) **اڳڀرائيءَ جا اهڃاڻ،** منصوبي جي چاڻ ۾ واڌارن (Inputs)، خرچن ۽ عملي جي مقرريءَ کي شامل ڪن ٿا.
(ب) **نتيجا/ڪڙتيل ـ** معاوضي ڏنل ۽ ٻيهر آباد ڪيل؛ ۽ ٻنهنجي گذر سفر جي وسيلن ۾ ٻيهر سگهارا بڻايل يا بحال ڪيل ۽/يا بهتر ٿيلَ حددخلين کي هٿائڻ جي مهم کان متاثر گهراڻن جي انگن جي سلسلي ۾.
(ت) **اثر جا اهڃاڻ** ماڻهن جي حياتين تي ۽ سرڪاري زمين جي حد چوڌاري اڪرم واهه جي ذيلي رٿا جي ڊگهي مدي واري اثر سان لاڳاپيل آهن.

## 9.3 داخلي نگراني
مهڙين ٻن قسمن جي اهڃاڻن، جيڪي تڪڙن ڪڙتيلن ۽ نتيجن سان لاڳاپيل آهن، جي نگراني منصوبي جي رابطيڪاريءَ ۽ نگرانيءَ واري شعبي (PCMU) وسيلي سيڌا ڪندي. ماحول جو انتظامي شعبو ۽ سماجي ۽ ٻيهر آبادڪاريءَ جو ماهرُ، نگرانيءَ ۽ ڪَٿ جي سرگرمين ۾، منصوبي جي هم رابطيڪاريءَ ۽ نگرانيءَ واري شعبي ۽ ايريا واٽر بورڊن کي ضروري تيڪنيڪي مدد ڏيندا.
متاثر عوامي گروهن سان مشاورت ۽ نگرانيءَ جي ٽيم ۾ حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثر ماڻهن/نمائندي (ن) جي شرڪت جي روپ ۾ مقامي چاڻ ۾ واڌارا ماڻيا ويندا. منصوبي جي رابطيڪاريءَ ۽ نگرانيءَ وارو شعبو (PCMU) عالمي بئنڪ کي، ٽماهي بنيادن تي، اصلاحي عملي رٿا/ٻيهر آبادڪاريءَ جي عملي رٿا جي اڳڀرائيءَ ۽ نفاذ جي باري ۾ رپورٽ ڏيندو.

## 9.4 خارجي نگراني ۽ مول متا
سماجي ۽ ٻيهر آبادڪاريءَ جي انتظامڪاريءَ جي منصوبي/اصلاحي عملي رٿا جي نگرانيءَ ۽ ڪٿ لاءِ، سيڊا خارجي آزاد ماهرُ/ادارو ڀرتي ڪندي. سيڊا عالمي بئنڪ جي رضامنديءَ ۽ مشوري سان خارجي آزاد ماهر چونڊيندي. خارجي نگرانُ ڪَٿ جو شراڪتي عملي ڍانچو وضع ڪندو ۽ اصلاحي عملي رٿا/ٻيهر آبادڪاريءَ جي عملي رٿا ۾ رکيل هدفن، بجيٽ ۽ عرصي جي روشنيءَ ۾ نگرانيءَ جي ڪم کي شروع ڪرڻ کان اڳ ورڪشاپ منعقد ڪندو.
خارجي نگرانيءَ جي ڪليدي هدفن ۾ شامل آهن:
(هڪ) اصلاحي عملي رٿا/ٻيهر آبادڪاريءَ جي عملي رٿا کي هلائڻ ۽ انهيءَ جي انتظامي سرشتن (جيڪڏهن گهرج آهي) کي بهتر ڪرڻ لاءِ سيڊا ۽ ماحول جي انتظامي شعبي جي رهنمائي.
(ٻه) داخلي نگرانيءَ جي سرشتن جو جائزو وٺڻ ۽ تحقيقي نتيجا پڌرا ڪرڻُ ۽ سڌارن لاءِ رهنمائي آڇڻُ
(ٽي) سرزميني تصديق وسيلي، اصلاحي عملي رٿا/ٻيهر آبادڪاريءَ جي عملي رٿا جي بنيادي ديٽا ۾ موجود کوٽُن جي نشاندهي ڪرڻُ ۽ جيڪڏهن گهرجي آهي ته ديٽا کي تازي حالت ۾ آڻڻ لاءِ قدمَ تجويز ڪرڻُ.
(چار) اصلاحي عملي رٿا/ٻيهر آبادڪاريءَ جي عملي رٿا کي لاڳو ڪرڻ جي آزاد نگرانيءَ کي منعقد ڪرڻُ ـ هيٺين شرطن سان، پر اُهي ايستائين محدود ناهن:
(الف) تصديق، وضع ڪاري ۽ ٻيهر اڏاوت جي لحاظ کان حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثرن لاءِ ٻيهر اڏاوت جو معيار
(ب) واهپي ۾ آندل اگهن ۽ معاوضي جي ادائگيءَ ۾ موزونيت
(ٻ) اڪرم واهه لاءِ زمين وٺڻ لاءِ ڳالهه ٻولهه واري طريقيڪار جي موثريت
(ڀ) حقدارين جي رسد، لڏپلاڻ، ڪمزور گروهن کي فراهم ڪيل عطين جي موزونيت

(ت) وقت تي معاوضي جي ورچ، ۽،
(ث) مشاورت ۽ شڪايتن جي تدارڪ جي طريقيڪارن جي انهيءَ ڌيان سان موثريت ته ڪيئن متاثر ماڻهن، خاص طور، عورتن ۽ ٻين ڪمزور گروهن جي خدشن کي ٻُڌو ۽ حل ڪيو ويو آهي.
خارجي نگرانُ، نگرانيءَ جي دورن تي آذاريندڙ آزاد رپورٽون تيار ڪندو ۽ تلافين جي عملن، جتي اهي گهربل آهن، لاءِ سفارشون تجويز ڪندو، سڪيل سبقن جي نشاندهي ڪندو، آزاد معائنن (Surveys) جي الڳ بنيادي ڊيٽا کي برقرار رکندو، صلاحيت وڌائڻ وارين ڪوششن ۾ مدد ڏيندو، ۽ ڪاميابيءَ ۽ ناڪاميءَ ـ ٻنهي جي لحاظ کان، عمل منجهان پرايل مک سبق وندبيندو.

### 9.5 ٻيهر آبادڪاريءَ جي ڊيٽا جو ذخيرو

زمين جي حاصلات، حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان متاثر گهراڻن ۽ دربدريءَ جي اثر، لڏپلاڻ/گذر سفر جي وسيلن جي تجربي سان لاڳاپيل اصلاحي عملي رٿا/ٻيهر آبادڪاريءَ جي عملي رٿا سان تعلق رکندڙ مسئلن جي پوري ڇاڻ َ، ماحول جو انتظامي شعبو/ايريا واٽر بورڊ جو سرزميني عملو ۽ ماهرَ گڏ ڪندا. اها ڇاڻ ماحول جو انتظام شعبو، ٻيهر آبادڪاريءَ جي انتظام واسطي منصوبي جي نفاذ، نگراني، رپورٽنگ جي مقصدن دوران استعمال لاءِ ڪمپيوٽر اندر هڪ ڊيٽا جي ذخيري (Databank) ۾ محفوظ ڪندو.

### 9.4 نگرانيءَ ۽ ڪَٿ جي رپورٽنگ جون گهرجون

منصوبي جي رابطيڪاريءَ ۽ نگرانيءَ وارو شعبو (PCMU) /ماحول جو انتظامي شعبو، سماجي ۽ ٻيهر آبادڪاريءَ جي انتظامڪاريءَ جي منصوبي /اصلاحي عملي رٿا جي نگهبانيءَ ۽ نفاذ لاءِ ذميوار هوندا ۽ اُهي ٻيهر آبادڪاريءَ جي سرگرمين جي باري ۾ ماهوار اڳڀرائيءَ جي رپورٽ تيار ڪندا. اِهي ماهوار نگرانيءَ واريون رپورٽون، اصلاحي عملي رٿا/ٻيهر آبادڪاريءَ جي عملي رٿا کي پرکينديون ۽ پڻ رڪاوٽن کي نمايان ڪنديون ۽ بهتريءَ (جيڪڏهن ضروري آهي) لاءِ طريقن ۽ وسيلن جي سفارش ڪنديون.
خارجي نگرانيءَ وارو ماهر پڻ آزاداڻي نموني اصلاحي عملي رٿا/ٻيهر آبادڪاريءَ جي عملي رٿا کي لاڳو ڪرڻ جي نگرانيءَ جو اهتمام ڪندو ۽ سيڊا ۽ عالمي بئنڪ وٽ ڇهه ماهي رپورٽ جمع ڪرائيندو. خارجي نگران جائزي جون رپورٽون، سڌيءَ ريت، عالمي بئنڪ وٽ جمع ڪرائيندو ۽ اهو تعين ڪندو ته اصلاحي عملي رٿا/ٻيهر آبادڪاريءَ جي عملي رٿا جا هدف ماڻيا ويا آهن يا نه، ۽ وڌيڪ اهم هيءَ ڳالهه آهي ته ڇا حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان پوءِ ٻيهر آباد ڪيل گهراڻن جي ٻيهر اڏاوت ۽ گذر سفر جا وسيلا بحال ٿيا/وڌيا آهن.
نگرانيءَ ۽ آزاد ڪٿ واريون رپورٽون باضابطي وقفن سان جيئن جدول 9.1 ۾ ڄاڻايل آهي، تيئن جمع ڪرايون وينديون. جدول نگرانيءَ ۽ ڪٿ سان سلهاڙيل مختلف رپورٽن لاءِ مواد ۽ مدو فراهم ڪري ٿي. سيڊا جي انتظاميه عالمي بئنڪ سان رپورٽون وندبيندي. رپورٽون منصوبي جي ويب سائيٽ تي جائتيون ڪيون وينديون.

**جدول 9.1: رپورٽنگ جون گهرجون ۽ وقت جي حد**

| سرگرمي | مواد | وقت جي حد | ذميواري |
|---|---|---|---|
| اصلاحي عملي رٿا/ٻيهر آبادڪاريءَ جي عملي رٿا جي اڳڀرائي رپورٽ (ماهوار) | رهنما اصولن پٽاندر بيانيو؛ هيئت (Format) کي گهرجي ته اُها سرگرميءَ، نتيجن، | ايندڙ مهيني جي ڏهن ڏهاڙن اندر جمع ڪرائي ويندي | منصوبي جي رابطيڪاريءَ ۽ نگرانيءَ وارو شعبو (PCMU) ۽ ماحول جو انتظامي شعبو |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | مسئلن، اثرائتي ڪارڪردگيءَ ۾ فرق (جيڪڏهن ڪو آهي ۽ آهي ته انهيءَ جو ڪارڻ ۽ سلجهاءُ) جي باري ۾ تفصيلَ فراهم ڪري. | | |
| اصلاحي عملي رٿا/ٻيهر آبادڪاريءَ جي عملي رٿا جي نگرانيءَ واري ڇهه ماهي رپورٽ | ڇهه ماهي اڳيرائيءَ جو مجموعي خلاصو جيڪو معاوضي، ٻيهر اڏاوت، گذر سفر جي وسيلن، صنف، سکيا، مالياتي گوشوارن (اصلاحي عملي رٿا/ٻيهر آبادڪاريءَ جي عملي رٿا جي بجيٽ وارن سِرَن (heads) ۾ رکيل بجيٽ جي رقم جي مقابلي ۾ خرچن)، اڳيرائيءَ جي ڪاٽي، ۽ تلافيءَ جا اپائن، جيڪڏهن ڪي آهن، کي دائري ۾ آڻي | هر ڇڪر ڪان پوءِ 30هن ڏهاڙن اندر جمع ڪرائيندي ويندي | خارجي نگرانُ |
| حقيقي نتيجن تي آڌاريل نفاذ جي آڊٽ | سماجي ۽ ٻيهر آبادڪاريءَ جي انتظامڪاريءَ جي منصوبي کي لاڳو ڪرڻ جي تڪميل تي حتمي رپورٽ طور اصلاحي عملي رٿا/ٻيهر آبادڪاريءَ جي عملي رٿا جي باري ۾ نگرانيءَ جي پروگرام پٽاندر بيانيو | خاص منصوبن جي سرگرمين جي تڪميل جي 60 ڏهاڙن اندر جمع ڪرايون ويندون | منصوبي جي رابطيڪاريءَ ۽ نگرانيءَ وارو شعبو (PCMU) ۽ ماحول جو انتظامي شعبو |
| حتمي آزاد ڪَٽ واري رپورٽ | اصلاحي عملي رٿا/ سماجي ۽ ٻيهر آبادڪاريءَ جي انتظامڪاريءَ جي منصوبي جو مڪمل | منصوبي جي خاتمي جي 90 ڏهاڙن اندر جمع ڪرائي ويندي | خارجي نگرانُ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | ڪاٿو ـ ڪاميابيون، ناڪاميون ۽ اثرَ؛ اصلاحي عملي رٿا/ حددخلين کي هٽائڻ جي مهم کان پوءِ پيهر اڏاوت، گذر سفر جي وسيلن ۽ پيهر آبادڪاريءَ جي عملي رٿا کي لاڳو ڪرڻ مان پرايل سبقَ. | |